شيخ جلال واصل رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

پاڻ ڪالپيءَ جا باشندا. مولانا خواجگي نحوي جي نسل مان ۽ حضرت غوث الاوليا جي خليفن مان آهن. سندن دل مراقبي ۽ مشاهدي جو مرڪز ۽ سندن باخبر ضمير معارف جي پوک هو. سندن باصفا اکين کي احديت جي آفتاب ۽ وحدت جي چراغ کان بينائي ملندي هئي. سرود ۽ سماع جي بزم تي پاڻ عاشق هئا. سندن وجد ۽ حالت جو سوز قلبن جي استعداد ۽ قابليت جي موافق حاضرين انجمن ۾ سرايت ڪري انهن کي خود بينيءَ کان آزادي ڏيندو هو. هجري سن نو سو نوي کان ڪجهه مٿي هو جو سندن جسماني آئيني ۾ اسم محيي جي جمالي ڪرڻن جي جاءِ تي اسم حميت جو جلالي عڪس نمودار ٿيو. عيال جي رهڻ جي جاءِ ۽ عبادت جو حجرو ڪالپيءَ ۾ آٿن. سندن فاضل ۽ اهل فصاحت فرزند موجود آهن. خدا ڪري هنن کي وڏن وارا مڪاشفات ۽ انهن ۾ ترقي نصيب ٿئي. سيني ۾ وڏو شيخ افضل هو. درحقيقت هي پنهنجي وقت جي عالمن ۾ افضل هئا. والد بزرگوار کانپوءِ کين عالم فرق ۾ قيام لاءِ ٻه سال مهلت ملي. پوءِ هجري سن هڪ هزار هڪ ۾ عالم جمع جي جميعت آباد ڏي ڪوچ فرمايائون. ٻيو فرزند شيخ اجمل جميلي تخلص آٿن. فارسي شعر ۾ انهن جي مشق پختگيءَ کي پهچي وئي آهي. ٽيون فرزند شيخ معين الدين آٿن فضيلت ۽ دانش مندي جو فروغ سندن پيشانيءَ ۾ تابان آهي. درويشيءَ جي طريقي تي ثابت قدم آهن. توڪل، تسليم، عزلت، خلوت، گزشتگي ۽ بي نيازيءَ جا طريقا ڪمال درجي جا رکن ٿا. خدا ڪري جو اکمليت جي درجي تي ٻه پهچن.

شيخ بابو سنڌي رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

محبت ۽ حيرت جي بيابانن ۾ اڪيلو قدم پاڻ ئي رکيو آٿن. فنا جي صحرا ۽ بقا جي شاهراه جي اندر هلڻ ۾ کين دشواري نه ٿي ٿئي. شيخ لشڪر محمد عارف شطاري جا مريد آهن. شهر برهانپور ۾ سنڌين جي محلي ۾ سندن عبادت جو حجرو هو. جڏهن حجرو ٻنهين طرفن کان ڪري پيو ۽ ان جي مرمت جو دل ۾ ارادو پڪو ٿين تہ پاڻ راقم گلزار سان ان باري ۾ مشورو کين.

www.maktabah.org

ليڪن مثنوي منطق الطير کوليائون ۽ هڪ فارسي شعر پڙهڻ سان مرمت جو ارادو ختم ڪيائون. ان ڪانپوءِ ڪيترن ماڻهن مرمت لاءِ التماس ڪيو ليڪن قبول نہ پيو ۽ هجري سن هڪ هزار ٽن کان وڌي مزار جي عمارت تيار ٿيڻ تائين جنهن جو سن هڪ هزار پندرهن آهي. بغير درن ۽ ديوار جي انهيءَ ويران گهر ۾ عمر گذاريائون.

شيخ بدها طيب بهاري رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

پاڻ پنهنجي زماني ۾ ظاهري معلومات جي ۽ رسمي علم جي مجلس جي هم نشينن ۾ سرحلقہ ۽ معنوي وحقيقي محفل جي محرمن جي اندر قطب هئا. محقق دانشور مولانا حاتم سنيلي فرمائيندا هئا تہ شيخ بدها جي بزرگي ۽ شان جي باري ۾ اڪثر بزرگان وقت جي طاقت جهڪيل هئي. انهن مان ڪجهہ بد انديش سياهہ باطن ماڻهو سندن خداداد رونق ٽوڙڻ لاءِ هميشہ بهانا ڳوليندا هئا. وقت جا فرمانروا دولت جي نشي ۽ خود بينيءَ جي مدهوشيءَ ۾ سرشار هوندا آهن. انهن سان گڏ جي هي چوندا هئا تہ امتحان جي انجمن ترتيب ڏني وجي تہ جيئن جيڪي مدعي برهان ڪانسواءِ دعويٰ ٿا ڪن اهي الزام جي گوشي ۾ خاموش ٿي ويهن ۽ هرهڪ جي حقيقت جو جوهر ڪلي پوي. هنن جو مقصد هو تہ ان حيلي سان شيخ جي ڳالهہ ۾ فرق پيدا ڪن. ڪيترا دفعا اهڙا منصوبا زماني پرستن جي خواهش تي بنايا ويا ليڪن ڪنهن بہ شخص کي ڪنهن بہ مجلس ۾ سندن ڪلام ۾ اعتراض يا نقص جي طور تي ڳالهائڻ جي گنجائش نہ ملي. بلڪ معرفتن جي بيان ڪرڻ جي قوت سندن ذات شريف ڪانسواءِ ٻئي ڪنهن کي ميسر ئي نہ ٿي ۽ سڀني امتحانن جي مقامن تان پاڻ فتح حاصل ڪيائون. نتيجو اهو ٿيو جو حاضرين انجمن سندن گفتار جي موتين سان سمعنا واطعنا جو گوشوارو بنائي ارادت ۽ اطاعت اختيار ڪئي، ۽ چپن تي خاموشيءَ جي مهر لڳائي.

شيخ بدها حقاني جونپوري رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

پاڻ شيخ بدها طيب بهاريءَ جا نالي پائي آهن. علمن جي اندر سندن مطالعي سان فنن جا اعتراض ۽ مشڪل حال تي بلڪل روشن ٿي ويندا هئا

www.maktabah.org

جيئن تہ سندن صحبت سان حق ثابت ۽ باطل معدوم ٿي ويندو هو پاڻ حق ڳالهہ کي نہ لکائيندا هئا. بلڪ بلند آواز سان ماڻهن جي ڪنن ۾ پهچائيندا هئا. ان ڪري پاڻ حقاني لفظ سان مشهور ٿيا. باطني ڪمالات جو ڪسب شيخ محمد عيسيٰ جونپوريءَ جي خدمت باعظمت ۾ حاصل ڪيائون. لفظ حق مان مطلب اسلام ۽ دين آهي ۽ باطل مان مطلب ڪفر ۽ شرڪ آهي. مطلق حق موجود آهي ۽ مقيد حق اهو آهي جيڪو عقيدي فعل ۾ ۽ ڳالهائڻ ۾ نيڪ هجي. الله پاڪ حق آهي انهيءَ لحاظ کان تہ اهو موجود آهي ۽ هو ذوالحق آهي ۽ اهو احقاق حق ڪرڻ وارو آهي اهو بہ هڪ قول آهي تہ حق اهو آهي جيڪو الله تعاليٰ جي واسطي هجي ۽ باطل اهو آهي جيڪو غير الله جي لاءِ هجي، ۽ هي بہ هڪ قول آهي تہ حق اهو آهي جنهن جو رخ الله تعاليٰ ڏي هجي ۽ باطل اهو آهي جنهن جو رخ غير الله ڏي هجي.

شيخ دولت ابن شيخ عبدالملڪ منيري رحمۃ اللہ علیہ

پاڻ علم، عمل، دانش وبينش جا صاحب هئا. جڏهن پاڻ ڪتابي علم جي تحصيل ميان بدن منيري کان ڪيائون ۽ ظاهري آراستگي ڪمال درجي تي پهچائي چڪا تہ رسمي ارادت بہ ميان بدن جي خدمت ۾ ادا ڪيائون. جڏهن رهنمائيءَ جي بدولت سلوڪ ۽ طريقت جو هلي درويشي جي منزلن ۽ مقامات کي طئ ڪري اعليٰ مقام تي پهتا تہ خلافت جو خرقو ۽ اجازت جو فرمان بہ ملين. سندن جهڙو فطرت ۾ فراست ۾، فنا ۾ ۽ نفس تي فتح حاصل ڪرڻ ۾ ميان بدن وٽ ڪو بيو خليفو يا شاگرد ڪونہ هئو. سندن درس ۾ هي اصحاب حاضر ٿيندا هئا. شيخ اجمل شيخ عبدالڪريم سيد احمد بهاري، شيخ احمد چشتي جيڪو حضرت گنجشڪر جي نسل مان آهي. شيخ خليل پٺني جنهن جي نالي تي ڳوٺ نواده منسوب آهي. شيخ حافظ سارني شيخ يعقوب، جنهن جي نالي هڪ عرصي تائين دارالخلافہ آگري جي قضا جو عهدو رهيو ۽ اهڙا ئي بيا بہ نالياوارا بزرگ حاضر ٿيندا هئا. هن حلقي ۾ پاڻ مرڪز جو مثال هئا. شاهہ ابوالفتح هديت الله سرمست ابن شيخ قاضن شطاري جي خدمت ۽ ملازمت مان گهڻو ڪجهہ فيض ۽ ڪاميابي حاصل ٿي هئن.

www.maktabah.org

سندن هڪ واقعو اختصار سان هن طرح آهي تہ هڪ ڏينهن پاڻ ڪنهن ضروري ڪر سان قلعي رهتاس ڏي ويا هئا. رستي ۾ هڪ شخص مليو ان ڇيو تہ منهنجي نياڻي جي شاديءَ جو وقت ويجهو اچي ويو آهي جنهن مونکي سوال تي مجبور ڪيو آهي، ۽ اوهان جي منهن مبارڪ تي مان الاهي بخشش جو مشاهدو ڪري رهيو آهيان. لهاذا توهان منهنجي حق ۾ چا ٿا فرمايو. پاڻ مرحبا چئي خادم کي فرمايائون تہ جيڪا بہ نقد رقم ڪيسي ۾ موجود آهي هن سائل جي سامهون رکو. خادم عرض ڪيو تہ هڪ سو درهم موجود آهن. جيڪڏهن اجازت هجي تہ سياڻي لاءِ ڪجهہ رقم رکي باقي هن سائل کي ڏجي. پاڻ فرمايائون تہ غم نہ ڪر سياڻي جو اچڻ ۽ روزيءَ جو پهچڻ ٻئي گڏ گڏ آهن. ڪابہ سياڻي بنا روزيءَ جي ڪانہ ٿيندي. سيءَ رقم هن شخص کي ڏئي ڇڏ. اجان اهو شخص رقم وٺي ٿوري فاصلي تي بہ نہ ويو هو تہ ٻہ سوار سامهون کان ڊوڙندا آيا ۽ شيخ جي خدمت ۾ حاضر ٿي ويهہ دينار زر سرخ سياڻي جي خرچ لاءِ ڏئي ۽ بجليءَ جي چمڪ وانگر نظر کان غائب ٿي ويا.

ٻيو هڪ قاضي عبدالله نالي هڪ عالم ڳوٺ منير ۾ رهندو هو. طريقت جي مشائخ جي روشن بيعت خلافت ۽ خرقي پوشيءَ کان انڪار ڪندو هو. هڪ رات قاضي صاحب خواب ۾ ڏٺو تہ ڪوئي تي مٿي مخدوم شيخ شرف الدين شيخ احمد چرم پوش، مولانا عبدالرحمن جامي ۽ امير خسرو وينا آهن ۽ معرفت جون ڳالهيون ڪري رهيا آهن. هي فقير ۽ شيخ دولت اسين ٻئي هيٺ بينا آهيون. مولانا جاميءَ پنهنجي ساڄين کان شيخ دولت جي مٿي چڙهي اچڻ لاءِ اجازت گهري جڏهن شيخ دولت مٿي چڙهي ويو تہ انهن چيو تہ قاضي عبدالله بہ حاضر آهي حضور جي خدمت جي کين آرزو آهي. شيخ شرف الاوليا فرمايو تہ هي ازل کان سائل جي حوالي آهي. پنهنجو مريد ڪريس. چنانچہ شيخ دولت حڪم مطابق منهنجي مٿي جا وار ڪتريا۽ مريد ڪيائين. صبوح جو جڏهن مان مريد ٿيڻ لاءِ شيخ جي خدمت ۾ ويس تہ پاڻ مسڪرائي فرمايائون تہ عبدالله ٻيهر بيعت جي ضرورت ڪانهي، انهيءَ سلسلي ۾ مشائخن جون جيڪي رسمون هيون رات ادا ٿي چڪيون. هيءَ لکل ڳالهہ ٻڌي سخت حيران ٿيو آخرڪار شجرو ۽ ٽوپي جيڪي ظاهري ارادت جا قاعده آهن. حاصل ڪري اعتقاد ۽ اخلاص سان خوش ۽ سيراب ٿيو.

www.maktabah.org

چون ٿا تہ شيخ دولت سڄي عمر آساني روزيءَ تي گذر ڪيو هن ملڪ جي حاڪمن ۾ فرمانروائن ساڻن معتقدانہ سلوڪ رکيو ۽ معاش لاءِ ڪجھ قبول ڪرڻ لاءِ التماس ڪندا هئا. سندن فاقہ پرور ۽ فقر دوست طبيعت ڪجھ بہ ونڊ کان انکار ڪيو. بلڪ گذريل زماني جون سندون ۽ اراضي جي باري ۾ جيڪي ڪاغذ سندن وڏن وٽ هئا انهن سيني کي لپيٽي باھ ۾ اڇلائي ڇڏيائون ۽ دل کي الله جي سپرد ڪري ڇڏيائون. چون ٿا تہ جڏهن کين اکيلائيءَ ۾ اسم القابض جي تجليءَ سان دل تي تنگيءَ جو پاڇو پيو تہ پاڻ پري پري جهنگل بيابانن ڏي نڪري ويندا هئا ۽ مراقبي ۾ مشغول ٿي ويندا هئا تہ جيئن سابق تجلي پنهنجي مقابل ڏي تبديل ٿي وڃي.

جڏهن ڪامل طرح ڪشادگي حاصل ٿيندي هئن تہ پوءِ پنهنجي مقام تي واپس ايندا هئا. جڏهن عمر رسيدھ ٿيا تہ استغراقي حالت طاري رهندي هئن نماز جي وقت ماٹهو حق حق چوندا هئا تڏهن وڃي هستيءَ جو ادراڪ لاتعين جي مرتبي کان نزول فرمائي تعلق پکڙيندو هو ۽ انوقت ماهو المڪتوب جي ادا ڪرڻ ۾ مشغول ٿيندا هئا. هڪ سؤ ست سال عمر هئن جيڪا انهيءَ نشست برخواست سان پوري ڪري هجري سن هڪ هزار اٹويهہ جي ڪنهن مهيني ۾ رباني بهشت جي سير لاءِ روانہ ٿيا. سندن آخري آرامگاھ منير ۾ آهي.

شيخ محمد ابن فضل الله رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

سندن ولادت جي جاءِ گجرات آهي. پرورش احمد آباد ۾ ٿين. تسليم توڪل تقويٰ ظاهري ۽ معنوي علم جي فضيلتن جا مالڪ آهن. رسمي علم ۾ وجيتہ الملتہ احمد آبادي‌ءَ جا شاگرد آهن ۽ طريقت ۾ شيخ ماهہ بيرپوريءَ جا مريد ۽ خليفا آهن. جن کي خلافت جي خلعت ۽ اجازت جو خرقو شيخ من الله عرف شيخ اوهن ابن شيخ بهاءُ الدين جونپوري جي خدمت مان مليو هو شيخ محمد،- محمد شاهہ ابن مبارڪ شاهہ فاروقي جي دور ۾ گجرات کان خانديس ۾ آيا آهن. ۽ برهانپور ۾ مسجد ۽ خانقاهہ بنائي اٹن. هميشہ حديث تفسير ۽ بين ديني علمن جي درس ۾ مشغول رهندا آهن. گهٹا ئي طالب سندن رهنمائي جي برڪت سان حق شناسيءَ جي درجي تي پهچي ويا. سندن حالات ڪجھ هن

www.maktabah.org

طرح آهن. پاڻ روضہ نبوي عليہ السلام جي زيارت تي قربان آهن. ان ڪري هر سال پنهنجي وطن کان جهاز جي موسم تي ديوانہ وارا ٿي درياهہ جي ڪناري تي پهچندا آهن. جيڪڏهن ڪو مانع پيش ايندو آهي تہ ايندڙ موسم تائين صبر ڪندا آهن. نہ تہ پنهنجي مطلوب مقصد ڏي روانہ ٿي ويندا آهن. انهيءَ طريقي سان ڪيترائي دفعہ حجاز جي سفر تي درياهہ جي رستي ويا ۽ حرمين شريفين جي طواف سان بنهين جهانن جي سعادت حاصل ڪري پنهنجي وطن واپس آيا. همٿ جو قدم سنت جي رستي ۾ استواريءَ سان رکي صراط المستقيم تي هلي رهيا آهن. سماع ۽ سرود ڏي ميلان نہ ڪندا آهن. ربيع الاول جي مهيني ۾ پهريان ٻارهن ڏينهن هررات حديثون ۽ آنحضرت ﷺ تي نعت ۽ عربي فارسيءَ ۾ قصيدا ذاڪرين جي جماعت سهٽي آواز سان پڙهندي آهي ۽ جيڪي ڪجهہ موجود هوندو اٽن انهن ڏينهن ۾ حلوا، صلحا، عطر، فقرا ۽ مجلس ميلاد جي ذاڪرين ۽ حاضرين جي خدمت ۾ خرچ ڪري ڇڏيندا آهن ۽ پئسا وغيره جيڪي ڪجهہ پاڻ بچائيندا آهن ان جو سبب هنن چند ڏينهن ۾ انهن چند مبارڪ ڏينهن جو خرچ آهي يا ڪنهن معتمد ماڻهوءَ جي هٿان حرمين شريفين ڏي موڪلينداآهن جيڪو ڪٽي وڃي ان ملڪ جي فقرا ڪي تقسيم ڪري ڇڏيندو آهي. انهن بن ڪمن ڪانسواءِ ٻي ڪا آرزو جمع ڪرڻ جي نہ هوندي اٽن. سندن عمر عزيز هن هجري سن هڪ هزارٻاويهن ۾ ستر سالن ڪي پهچي وئي آهي. اميد تہ باقي مانده سال گذريل سالن کان زياده بهتر هوندا. سندن ڪارندا ۽ ذي معرفت ڪجهہ فرزند ۽ مريد آهن. الله تعاليٰ جلشانہ سيني کي مرشد جي بلند مرتبي تي پهچائي.

شيخ اوهن جيڪو شيخ ماهہ جو پير هو. مشائخ وقت جا انيس اولياءَ زمانہ جا جليس ۽ بزرگان دين و دولت ۽ رئيس هئا. چون تا تہ مولانا علاؤالدين محمد لاري، نوع انسانيءَ جا جوهر شناس ۽ سخنداني ۾ وار جي ڪل لاهڻ وارا هئا. فرمائيندا هئا تہ شيخ ادهن پنهنجي زماني ۾ بينظير آهن. مولانا محمد برغلي جا پاءُ مولانا حافظ برغلي ڪي بادشاهہ جي رڪاب ۾ جڏهن هجرت جي توفيق نہ ٿي ۽ جونپور ۾ رهجي ويا تہ ارادت مندانِ شيخ اوهن جي حلقي ۾ داخل ٿي هميشہ سندن خدمت ڪرڻ پنهنجي متان لازم ڪيو هئو. بادشاهہ جي اميراعظم ۽ عالي فطرت خان زمان علي قليءَ جڏهن هجري سن نوسو پنجهٺ ۾

www.maktabah.org

جونپور کي افغانن جي قبضي مان کڏي ورتو هو تہ شيخ اوهن جي خدمت ۾ حاضر ٿي گهڻيون ئي کجهہ عقيدت جون رسمون ادا کيون هيون. هرقسم جي ماڻهن شيخ اوهن جي ارادت اختيار ڪئي هئي. هجري سن نو سؤ ٻاهتر ۾ حقيقي محبوب جي وصال جي مجلس ۾ وڃي داخل ٿيا. خوابگاهہ جونپور ۾ اٿن.

شيخ عبدالحق حقي تخلص رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

پاڻ حقي تخلص، قادري مشرب، دهلويَ مسڪن، علمن ۽ فنن ۾ ماهر، عالم ارواح ۽ عالم اجسام جي رمزن کان واقف آهن سلمہ اللہ تعاليٰ. سندن حالات مختصراً هي آهن تہ هجري سن نو سؤ پنجاهہ جي آغاز ۾ حجاز جي سفر جي شوق ۾ پاڻ پنهنجي وطن کان نڪري مالوه جي رستي کان گجرات جي بندر ڏي هليا آيا. هنن ڏينهن ۾ اڪبر بادشاهہ، حاڪم صوبہ مالوه مرزا عزيز محمدالملقب بہ خطاب اعظم خان اجين شهر ۾ قيام پذير هئا. جڏهن پاڻ مرزا جي اجازت سان رستو هلي منڊو (مانڊو) ۾ آيا. تہ انهن ڏينهن ۾ راقم گلزار بہ سندن ديدار سان گهڻو کجهہ فائدو حاصل ڪيو هو آخرڪار پاڻ گجرات ۾ اهڙي وقت ۾ پهتا جو جهاز جي موسم گذري وئي هئي. مرزا نظام الدين احمد ان صوبي جا بخشي هئا. انهن بي حدالتماس ڪري آئنده موسم تائين کين ترسايو. ۽ گهڻي خوشيءَ سان سندس خدمتون انجام ڏنيون. وري جڏهن ٻيو سال آيو تہ الاهي مشيئت جي تحت حرمين شريفين جي طواف کان مشرف ٿيا. اتي مڪي معظمہ ۾ شيخ علي متقي جو خليفو ۽ جانشين عبدالوهاب رهندو هو. ان جي تلقين جي سعادت سان خلعت حاصل ڪيائون ۽ هن بلند مقام جي ٻين بزرگن کان بہ حديث جي ڪتابن جي تصحيح فرمايائون. جڏهن پاڻ واپس پنهنجي وطن مالوه ۾ پهتا تہ خلوت ۽ وحدت جي حلاوت سير ۽ سياحت جو انديشو ڏور ڪري ڇڏيو. اڄ تائين هجري سن هڪ هزر ٻاويهہ آهي پاڻ هميشہ صبر ۽ سڪون سان هميشہ طالبان علم وعرفان جي درس ۽ تلقين ۾ مشغول رهي پنهنجا بابرڪت اوقات گذاري رهيا آهن. ۽ الحمدالله پاڻ هن فرصت جي اندر عالم باطن جي پرده نشينن جي تصوير بہ قلم سان لکي تصنيف ڪي معرفت بيانيءَ سان جڳهہ ڏني اٿن. خاص ڪري تذڪره مشائخ جيڪو اخبار

www.maktabah.org

لاخيار جي نالي سان آهي. هن ڪتاب جون خوبيون تعريف جي قالب ۾ سمائي نه ٿيون سگهجن. جيئن ته پاڻ هن تذڪري ۾پنهنجي ابن ڏاڏن ۽ عالي مقام قريبن ۽ حضرات مرشدين جا باحقيقت حالات تحقيق ۽ تفصيل سان لکيا آهن. سندن عالي فطرت فرزندان رشيد سپ جا سپ دانشوري ۽ سخنداني جي درجي کي پهچي راهه طريقت تي هلي رهيا آهن. خدا ڪري والد بزرگوار جي سائي ۾ علم ۽ عمل ۾ اڳتي وڌن.

مولانا محمد رضا رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

پاڻ شڪيبي تخلص ۽ خواجه عبداصفهاني ۽ جا فرزند آهن. فنون معقوله جي مسئلن جا ڄاڻو ۽ طبقات سلف جي انهن حالات جي بيان ڪرڻ وارا آهن. جيڪي اصحاب سيرو تاريخ جي ڪتابن ۾ لکيل آهن. پاڻ فارسي شعر کي اعليٰ درجي تي پهچائي ان فن ۾ استادي ظاهر ڪندا آهن ۽ جيڪي سندن معنوي خوبيون آهن. اهي الفاظن ۾ نه ٿيون اچي سگهن. سندن وڏا خواجه عبدالله نامي ۽ جي پاڪ نسل مان آهن. جن جا باڪمال حالات نفحات الانس ۾ حقائق پناهي مولانا نورالدين عبدالرحمن جامي لکيا آهن. خواجه عبدالله امامي خواجه امين الدين حسن جا وڏا فرزند آهن ۽ خواجه امين الدين حسن اهي آهن جن جي مبارڪ نالي تي لسان الغيب خواجه حافظ شيرازي ۽ هڪ غزل لکيو هو.

ٻيو اهو ته هجري سن هڪ هزار چار جي شروعات ۾ پاڻ خان خانان جي سپه سالاري جي ملازمت ۾ دکن کان آيا هئا. مولانا نظيري نيشاپوري بويقلي بيگ انيس ملامحب علي سنڌي. شريف ڪاشمي، ملاڪامي سبزواري ملابقائي، هي سپ اصحاب ۽ اهل سخن جي ٻي جماعت به گڏ هئن. هي سپ منڌو (مانڊو) کان لنگهيا جيڪو راقم جو غريب خانو آهي. روحاني شناخت ته اڳ کان هئي. هي موقعو آيو ته مٿي ذڪر ڪيل شناسائي غيب جي تهه خاني مان نڪري وجود جي جلوي گاهه ۾ آئي. هجري سن هڪ هزار سترهن ۾ وري سندن گذر منڌو (مانڊو) مان ٿيو. هي اهو وقت هو جڏهن راقم مشائخ وقت ۽ بزرگان عهد جا باصفاحالات لکي رهيو هو. خاص خاص واقعات دريافت ڪيم. فرمايائون ته:

www.maktabah.org

"هجري سن نو سؤ چوهٺ ۾ ولادت ٿي جڏهن هوش جو زمانو آيو تہ کجهہ علم شيراز ۾ ۽ کجهہ پنهنجي پيدائش واري جاءِ تي حاصل کيم. مطالعي جي ذريعي سان عبارت پڙهڻ ۾ مهارت پيدا کيم ۽ جوانيءَ قوت جسماني بخشي تہ هندوستان جي سير جي هوا مٿي ۾ پري. دل جي فرمان جي اطاعت ڪري پنهنجي گهر کان لار کان ٽيندو هرمز آيس. هرمز کان بندر جيول جي ٻيڙيءَ ۾ ويهي درياهہ پار ڪري ڪناري تي اچي لٿس. هتي سپہ سالاري جي ملازمت جو شوق مونکي احمد آباد گجرات ڈي وڻي ويو. انهن ڈينهن ۾ نواب ڪامہ بخش دارالخلافتہ شهنشاهيءَ ۾ هئو. جيئن ٻہ ممکن ٿيو احمد آباد کان روانو ٿي نواب صاحب جي خدمت ۾ پهتس. اڃان مون پنهنجي دامن مان رستي جي مٽي ٻہ صاف نہ ڪئي تہ همرڪاب دولت نٽي جي لشڪر ۾ فوراً وڃڻ جو عزم ٿيو. الاهي تائيد شامل حال هئي جو فتح جو منهن نظر آيو. ۽ ان صوبي جي والي مرزا جانيءَ کي ساڻ ڪري شاهي دربار ۾ حاضر ٿيس. انهن ڈينهن ۾ دکن جي لڙائي ٻہ حسب مشيئت ايزدي نواب جي خدمت ۾ پوڳٽي هئي انڪري بنا دير اوڏانهن وڃڻو پيو. هجري سن هڪ هزار ڇهہ ۾ سهيل مقهور جي لڙائيءَ کان پوءِ قرارداد مطابق هتان فارغ ٿي لشڪر سرونج ۾ آيس. اوچتو پيٽ جي رت جي بيماري لڳي. ايتري قدر جو دوست زندگي کان ناااميد ٿي آخري سفر جوسامان گڏ ڪرڻ ۾ مشغول ٿي ويا. انهيءَ حالت ۾ اهو پڪو ارادو ڪيم تہ جيڪڏهن صحت بحال ٿي تہ آئنده دنيا جي ڪنهن ڪم کي هٿ نہ لڳائيندس ۽ آخروي سامان کي راهہ حجاز ۾ صرف ڪندس. انهيءَ ڈينهن کان تندرستي بحال ٿيڻ شروع ٿي جيئن تہ تعلقات جو سلسلو بي انتها مستحڪم هو انڪري تدبيرون ڪندي ڪندي منقطع ڪيم ۽ دل کي ڪامل طور تي دنياوي گرفتاري ۽ آرائش کان نجات ڈنم. وري هجري سن هڪ هزار ٻارهن ۾ حجاز جي سفر جو ارادو ٿيو ٽن سالن تائين دشوارين ۽ سختين کان نڪري هي باسعادت سفر سرانجام ڈنم. اتان واپسيءَ ۾ بندسورت جي ڪناري تي لٿس جڏهن برهانپور آيس تہ اهائي خانخانان جي محبت جي زنجير آزاديءَ جي پيرن ۾ پئجي وئي. بي اختيار هڪ عرصي تائين ملازمت ۾ جيئن مقدر هو بسر ڪيم. جيئن تہ هيءَ ڳالهہ تجربي ۾ اچي وئي آهي تہ جيڪو ڪم طبيعت جي صفائيءَ سان ڪيو وجي ان جو تاثير ضرور ٿئي ٿو لهاذا هجري سن

www.maktabah.org

هڪ هزار اٺويهه ۾ نواب صاحب منهنجي گوشي نشينيءَ جي درست خواهش جي ڪري آزاديءَ جي اجازت ڏني. ۽ جهانگيري عالي شان دربار کان معيشت جي واسطي ڪجهه حاصل ڪري دهليءَ ۾ گوشي نشيني اختيار ڪئي اٿم."

هاڻي پاڻ صدارت جي خلعت پائي فقراءِ دهليءَ جي خدمت ۾ فروغ دل سان خدا سان مشغول آهن. الله تعالىٰ کين نشاط حضوري نصيب فرمائي.

شيخ فريد رحمه الله جي ياد ۾

پاڻ شيخ عبدالحڪيم ابن شاهه باجن چشتي برهانپوريءَ جا فرزند آهن. فضل ۽ فراست جي نوبهار. رضا ۽ رياضت جا نوروز. ڪشف ۽ ڪرامتن جي ڪتاب جا شاگرد ۽ حالات ۽ مقامات جا صاحب آهن. هوش سنپالڻ واري زماني کان پاڻ مسيح القلوب جي خدمت تي قربان آهن. علمن جي تحصيل انهن جي درس مان ڪري ڪمالات تي پهتا آهن. فارسي ۽ عربي ڪتابن جا اختصار ۽ انتخاب ڪيترائي ڪيا اٿن. پاڻ فارسي شعر درويشانه چوندا آهن. سندن حالت ڏسي ائين ٿو معلوم ٿئي ته فڪر جي زبان. شعر کي ذڪر ۾ ٿي ادا ڪري. يعني ذاڪر ٿيڻ شاعر ٿيڻ کان بهتر آهي. اڪثر سرود جي محفلن ۾ ڏٺو ويو آهي ته پاڻ جڏهن سماع جي وقت وجد ۾ اچي هٿن کي جنبش ڏيندا آهن ته اهل محفل جي چپن تي شوق جو نعرو ۽ مٿي تي حيرت جو هٿ هوندو آهي. سندن ظاهري صفائي ۽ باطني نور سان ابن ڏاڏن جي معرفت جي چراغ ۾ ازسرنو روشني پيدا ٿي وئي آهي.

مسيح القلوب پنهنجي وڏي فرزند عبدالستار جي پرورش ۽ سندن تربيت گڏ ڪندا آهن ۽ پاڻ به پنهنجي مرشد جي نسبت اطاعت ۽ ادب جي مقام ۾ رهندا آهن. خدا ڪري هنن بنهين جو اوج ۽ سعادت جا سايه اثرائتا ٿين.

خواجه علي مسيحي تخلص رحمه الله جي ياد ۾

سندن ولادت احمدآباد ۾ ٿي آهي. قادري سلسلو. حسين روميءَ جا فرزند ۽ گجرات جي وڏن دولتمندن مان هئا. طريقت جي تلقين مسيح الاولياء کان ٿين. راقم سان گهٽي دوستي هئن. رسمي علوم جي ڪليات کان آگاه

www.maktabah.org

هئا. فارسي زبان ۾ صوفياڻا شعر چوندا هئا. آزاد خيال ۽ فارغ البال هئا. پنهنجي مرشد جي ڪرامتن بابت ڪجهه لکي راقم ڏي موڪليا هئائون. انهن مان چند بيانن جو خلاصو ته عبارت ۾ آڻي راقم پنهنجي گلزار جي بهار بنايو. باقي چند بيانن لاءِ عذر ڪري بين تذڪري نويسن جي ڪتابت تي ڇڏيم.

رومي نگارخانه ۾ هڪ هي ڳالهه آهي ته سيد محمد قادريءَ جي پٽ سيدعبدالطيف شيخ عبدالرحيم چشتي عادل پوري جي روايت جي حوالي سان فرمايو آهي ته شيخ عبدالرحيم چوندا هئا ته هڪ رات اعتڪاف دوران خواب ۾ بيداريءَ جي درميان مونکي ائين معلوم ٿيو ته چار نوراني شخصن مسيح الاولياءجي وهٽ لاءِ سندن گهر ۾ هڪ تخت رکيو آهي ۽ سندن نالي سان قطبيت جو ترانو ڳائن پيا ۽ مسيح الاولياءمسڪرائيندي فرمائن پيا ته مون جهڙي شخص کي هن تخت تي وهڻ جي لائق نه سمجهو. ليڪن هنن چئني ڇٽن مسيح الاولي ڪي تخت تي وهاريو ۽ سڀ ادب سان هٿ ٻڌي خوشيءَ سان مبارڪباد جا آواز بلند ڪيا. جڏهن مان صبوح جو مسيح الاولياءجي خدمت ۾ ويس ته پاڻ درس کان فارغ ٿي جڏهن خلوت ۾ ٿيا ته انهيءَ ئي خواب کي پاڻ ٻڌايائون ۽ مون الله جلشانه جو شڪر ادا ڪيو ته منهنجو خواب پريشان خوابن مان نه هئو.

شيخ ڪاجا رحمة الله عليه جي ياد ۾

سندن نالو الهداد آهي ۽ اغوان نسل مان آهن. بي خودي، بي نيازي ۽ آزادي سندن شعار آهن. جڏهن جوان هئا ته پاڻ ڪافي عمر سپاهگيريءَ ۾ گذاريائون انهن ئي ڏينهن ۾ هڪ حسين عورت تي به نظر وجي پئي هئن ۽ ان تي پاڻ نگاهه جا اسير ٿي پيا هئا. مجازي محبت جو غلبو ظاهري روزگار جي سبب کي ڇڏڻ جو سبب ٿيو ۽ آهستي آهستي نوبت جذب تي وجي پهتي. سارنگ پور مالوه ۾ رهندا آهن. ماڻهو هميشه سندن خدمت ۾ ويندا آهن ۽ اهڙا عجائبات ڏسندا آهن جو هڻ ته ڪرامتون آهن. پاڻ جذب جي شراب ۾ مست ۽ ميخانهٔ آزادگيءَ ۾ مدهوش آهن. جڏهن راقم سندن حالات لکڻ لاءِ وقت جي عارف سيد مولانا محي الدين سارنگپوري جي خدمت ۾ ياد ڏياريو ته مولانا صاحب سندن اسرار ڪجهه اهڙا لکيا جيڪي تعجب خيز هئا.

www.maktabah.org

شيخ داؤد شطاري رحمة الله عليه جي ياد ۾

سندن والد بزرگوار جو نالو خان محمد آهي. سندن حقيقت حال صبر ۽ شڪر جي مرتبي کان مٿاهين آهي. راقم سندن حال ڇا بيان ڪري. پاڻ شهر ۽ جهنگل کي بغير تفاوت جي هڪ سمجهندا آهن. درويش ۽ تونگر ۾ فرق نه ڪندا آهن. آباد ۽ ويران کي هڪ ڄاڻندا آهن. سيني سان ڪشاده پيشانيءَ سان پيش ايندا آهن. احتياج کي ظاهر ڪرڻ طريقت جو ڪفر سمجهندا آهن. ايثار ۽ نثار کي فرض سمجهندا آهن. سندن پير خرقه ۽ پير صحبت محمود العواقب شيخ جلال محمود شطاري آهن. عين جواني ۾ ترڪ ۽ توبهه جي توفيق حاصل ٿين ۽ رهنما بزرگ جي تلاش ۾ گهر کي ڇڏي سفر اختيار ڪيائون. هرهڪ آبادي ۽ ويراني ۾ پهچي انهن بزرگن جي ملازمت حاصل ڪيائون. جيڪي طالبن جي هدايت تي مامور هئا. ڪنهن به شخص جي ديدار سان کين تسلي نه ٿي. اهڙي طرح گهمندي گهمندي شهر منڊو (مانڊو) ۾ آيا ۽ ازلي عنايت جي پاڇي ۾ رستو محمود العواقب جي خدمت ۾ ملين ۽ پهرئين ئي ملاقات ۾ دلبستگي محسوس ڪيائون. پوءِ حق شناسيءَ جا آثار روزبروز وڌندا ويا. چنانچه تمام ٿوري عرصي ۾ اذڪار ۽ اشغال جي تعليم ۽ مراقبن جا نشيب وفراز طئ ڪري شطاري راه کان آشنا ٿيا. ٽن سالن کانپوءِ محمود العواقب صورت جو برقعو حقيقت جي چهري کان پري ڪيو ۽ سندن آفتاب عمر وارو غروب ٿي ويو. وقت جي تقاضا مطابق مرشد جي گهر ۾ رهيا. جڏهن حضرت غوث الاوليا جي زيارت ۽ عالي قدر مخدوم زادگان جي ملازمت جو شوق پيدا ٿيو ته پاڻ باطني جذبات سان گواليار ڏي روانه ٿيا. اتي پهچي ڪافي سالن تائين شيخ عبدالله ۽ شيخ ضياءُ الله جي صحبت سان الاهي معرفت جو فيض حاصل ڪيائون. انهي دوران صوبي دهلي ۽ بين ڪيترن ملڪن جي سيرو سياحت ڪري شهرن جي دانشورن ۽ صحرا ۾ رهندڙ خدا پرستن جي ديدار سان باطني سڪون حاصل ڪيائون ۽ قلب جي صفائيءَ جي بدولت وحدت جي سرچشمي جي ڪناري کان ڪاميابيءَ سان سيراب ٿيا. تقريباً ويهن سالن کان پوءِ هجري سن هڪ هزار اٺويهه ۾ پير بزرگوار جي زيارت جو خيال آيو چنانچه

www.maktabah.org

پاڻ مندو (مانڊو) ۾ آيا هتي تقريباً هڪ سال گذارڻ کانپوءِ وري گواليار هليا ويا جڏهن گواليار پهتا تہ حضرت غوث الاولياء جا جانشين شيخ عبدالله کي مرض الموت ۾ مبتلا ڏنائون ۽ ڏهن ڏينهن کانپوءِ شيخ عبدالله آخري سفر ڏي روانہ ٿيا. پاڻ کجهہ ڏينهن تہ شيخ عبدالله جي فرزندن ۽ ملازمن سان افسوس کندي گذاريا پوءِ اجازت ونئي مندو (مانڊو) ڏي آيا. هجري سن هڪ هزار ايڪيهن ۾ ذي القعد جي مهيني ۾ پنهنجي شهر مالوف ۾ داخل ٿيا. جيڪو سندن ظاهري ماجرا جو خلاصو هو اختصار سان لکيو ويو ليکن سندن باطني حقيقت جيڪا کجهہ بہ آهي ان جي بيان ڪرڻ جي طاقت قلم ۾ ناهي.

شيخ اويس پور غوث الاولياؒ جي ياد ۾

پاڻ ڦوهہ جوانيءَ ۾ عربي زبان جي مهارت حاصل ڪري ظاهري علم جي تحصيل ڪئي ۽ سلوڪ جي رستي ۾ قدم رکي پنجن ئي جوهرن کي جيڪي هي آهن (1) عبادت (2) اوراد (3) دعوات (4) اذڪار (5) اشغال. عمل ۾ آڻي چڪا آهن ۽ پنهنجي سيني وقتن کي مشائخن جي معمولي ڪمن ۾ ورهائي هڪ منٽ بہ بيڪار نہ ٿا وڃڻ ڏين. احمد آباد جي مسجد ۽ خانقاهہ سندن والد بزرگوار جي تعمير ڪرايل آهي ان کي ظاهري ۽ باطني مرمت سان معمور رکن ٿا. سندن طبيعت اخفا دوست واقع ٿي آهي. انهيءَ مشهوري جي مقابلي ۾ گمنامي کي اختيار ڪيو آهي. ظاهر ڪرڻ وارين رسمن کي دل ۾ داخل ٿيڻ ئي نہ ٿا ڏين. سندن والده ماجده افضل و اعلم روزگار امير شاهہ ميرِ شيرازيءَ جي سادات نسل مان آهي جنهن بزرگ سلطان محمود جي سلطنت جي زماني ۾ گجرات ۾ اچي جانپانير ۾ قيام فرمايو هو. امير شاهہ ميرِ صدرالدين محمد شيرازي ۽ مولانا جلال الدين محمد دواني هي ٽئي بزرگ هڪ ئي زماني جي مجلس ۾ صدر نشين هئا. جڏهن راقم گلزار هجري سن هڪ هزار ٽن ۾ وجيہ الملتہ جي روضي مبارڪ تي حاضري ڏيڻ لاءِ خانديس کان احمد آباد ويو هو. تہ ان وقت شيخ اويس سان مليو هئس حالات بيان ڪرڻ جي سلسلي ۾ گذارش ڪيم تہ عام مشائخ ۽ خاص ڪري هندستان جي باڪمال احوال جمع ڪري تاليف جو خيال هڪ مدت کان دل ۾ اچي رهيو آهي. دعا

www.maktabah.org

سان امداد فرمايو. پاڻ دعا ڪندي فرمايائون تہ اگرچہ هي منصوبو ديرسان ظاهر ٿيندو ليڪن تمام سنو ٿيندو. اهوئي سبب آهي جو ڏهن سالن تائين هن مسوده کي تيار ڪرڻ لاءِ قلم کڻڻ جي توفيق ئي نہ ٿي. آخر جڏهن هجري سن هڪ هزار چوڏهن ۾ شيخ ابوالخير مبارڪ خضر جن جي پيشانيءَ مان فلاح ۽ اخلاق جا گهٽا آثار ظاهر هئا. بطريق سفارت مرزا شاهہ رخ والي ملڪ برخشان جي ملازمت ۾ وڃڻ لاءِ اجين مالوهہ ۾ آيا تہ غوثي بہ انهن ڏينهن ۾ مولانا ڪمال محمد عباسي جي عرس جي واسطي اجين ويو هو. جيئن تہ شيخ ابوالخير مبارڪ خضر کي راقم جي متئين ارادي ۽ ان جي آغاز ۽ انجام پذير نہ ٿيڻ جي خبر هئي. ان ڪري ملاقات ۾ ڪامل آرزو ۽ اخلاص سان زماني جي بيوفائي ۽ عمر جي ڪوتاهي وغيره گهٽيون ڳالهيون ڪري هن جي اهتمام واسطي راقم کي آماده ڪيو. جيئن تہ اهتمام تي آماده ڪرڻ واري شيخ ابوالخير جي گفتار الاهي تقدير جي موافق هئي تہ ڪوشش جو دامن خدمت گذاريءَ جي هٿ پکڙي ورتو ۽ شيخ جي همٽ ۽ امداد جي برڪت سان پهريون نسخو بن سالن اندر ڪتابت جي صورت ۾ آيو ليڪن ان جي تصحيح ۽ صاف ڪرڻ ۾ وري اٽڪاءَ جي شڪل پيدا ٿي آخرڪار مسيح القلوب جي پيغام ۽ زباني تازيانہ جيڪي پرپٽ ۽ روبرو وقت بہ وقت لڳندا رهيا اهي تازيانہ صحيح قلم جي روانيءَ جو سبب بنيا ۽ مسيح القلوب جا تاثير سان پريل انفاس جي برڪت سان بياضي نسخو هجري سان هڪ هزر ٻاويهہ ۾ رجب مهيني ۾ پورو ٿيو هن ماجرا بيان ڪرڻ جو مطلب هي آهي تہ فرزند غوث الاولياء (شيخ اويس) جي فرمان موجب هن مجموعي کي فراهر ڪرڻ جي تخر نما انديشي، نوبهار زبان جي امداد ۽ دوستن جي مدد سان ڪاغذ جي صفحن تي هن باغيچي ۾ ارڙهن سال ڪانپوءِ وڻ وانگر ظاهر ٿيو.

سيني قسمن جا حمد ۽ تعريفون الله جلشانہ جي واسطي آهن جيڪو معين آهي ۽ ان جو حسن ديدار انهن اصحابن جي واسطي آهي جن انلاءِ ڪوشش ڪئي. جيئن الله تعاليٰ جو قول آهي تہ جيڪو شخص آخرت جو طالب هجي ۽ آخرت جي واسطي جهڙي ڪوشش ڪرڻ گهرجي اهڙي ڪوشش بہ ڪري ۽ اهو ايمان بہ رکندو هجي تہ اهي ئي ماڻهو آهن جن جي محنت الله وٽ مقبول ٿيندي. جنهن شخص حقيقت ۾ آخرت گهري ان جي نشاني اها آهي تہ آخرت

www.maktabah.org

جي لاءِ کوشش ڪري ۽ آخرت جو ارادو آخرت جي عمل کان خالي هوندو ته هي صرف تمنائي ارادو آهي.

قولہ تعالیٰ وهو مومن ۽ اهو ايمان بہ رکندو هجي يعني عاقبت جي باري ۾ جيئن اهو ايمان رکندو آهي حال ۾. اهو چئي ٿو سگهجي ته اهو ايمان رکندو هجي هن طرح جو ان جي نجات فضل الهيءَ سان وابسته آهي نہ ان جي سعي سان.

چوندا آهن ته سعي مشڪور اها آهي جيڪا مقبول هجي ۽ قبول سان گڏ زياده هجي. جيئن بندي جو صدقو مقدار صدقہ کي وڌائي ٿو ۽ زياده ڪري ٿو. اهڙي طرح بندي جي طاعت جڏهن بندو شڪرگذار هجي ته نتيجو طاعت کي وڌائي ٿو ۽ زياده ڪري ٿو.

شيخ حسن ابن موسيٰ احمد آبادي رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

پاڻ راقم گلزار جا والد بزرگوار آهن. ڪلام مجيد جا حافظ ۽ رسمي علم جا عالم هئا. سندن والد بزرگوار کين چار سال عمر ٿيڻ کانپوءِ استاد جي سپرد ڪيو. انهن سال ۾ ڪلام رباني حفظ ڪيائون. ۽ رسمي علمن جي تحصيل ۾ مشغول ٿي ويا. انهن ڏينهن ۾ سندن والد بزرگوار جو موسوي روح پرواز ڪري عالم ارواح ڏي هليو ويو. جنهن سبب جي ڪري سندن همٿ، جميعت ۽ ڪوشش جي چارديواري ۾ ڏار پئجي ويا. بس پاڻ نحوفقہ ۽ حديث کانسواءِ ڪجهہ تحصيل نہ ڪري سگهيا. سيد جلال ابن سيد احمد جعفر رفاعي جي خدمت ۾ رهي بيعت ڪري سندن خانقاهہ ۾ رهندا هئا. هجري سن نو سؤ ايڪيتاليهہ ۾ جڏهن سندن عمر چوويهہ سال هئي همايون بادشاهہ گجرات فتح ڪرڻ لاءِ لشڪر ڪشي ڪئي هئي. ۽ سلطاني خيما احمدآباد ۾ اچي ڪوڙياهئائون. هن صوبي جو حڪمران سلطان بهادر دريا پار ڪري پڳو. انهن حادثات جي ڪري گجرات جي باشندن تي پريشانين جا پهاڙ ڪري پيا انڪري سندن پريشانيون بہ وڌنديون ويون آخرڪار پاڻ همايوني لشڪر سان گڏ خانديس کان هلي مالوهہ جي طرف آيا. شهر منڊو (مانڊو) جي ويجهو هڪ ڳوٺ لونهره نالي ۾ قيام ڪرڻ جو ارادو ڪيائون. چنده ڏينهن تائين رسمي سببن کي هٽ بہ نہ لڳايائون. صرف ظاهري توڪل تي گذران ڪيائون ۽ نوباره

www.maktabah.org

نالي عمارت ڳوٺ ۾ آبادي ڪان پري آهي ان ۾ پاڻ قيام فرمائي راتين جو جاڳي ڏينهن ڪندا هئا ۽ ڏينهن جو آبادي ۾ اچي زماني ڪان آزاد ماڻهن جي صحبت ۾ گذاريندا هئا. جيڪو لقمو بغير سوال جي ملندو هو اهو ڪائيندا هئا. آخر روزي لاءِ لاچار ٿي هي تجويز ڪيائون جو رات جو ڪاغذ جو ڏنڊو ڪري وارن جي محلي مان قرض تي ڪاغذ خريد ڪري اهو فروخت ڪري گذر اوقات ڪندا رهيا. انهي پيشي جي ذريعي رزق جي وسعت جو دروازو ڪليو ايتري قدر جو انهي ملڪ جي سڀني سوداگرن جي معاملات جو انحصار سندن مشوره تي ٿيو. دوستن سندن اڪيلائي ڪي محسوس ڪندي سندن شادي خانہ آبادي ڪرائي ان ڪانپوءِ پاڻ مستقل طرح اچي منڊو (ماندو) ۾ رهڻ لڳا. ڪجهہ ڏينهن ڪانپوءِ هڪ فرزند پيدا ٿيو جنهن جو نالو نور محمد رکيو ويو ۽ ٻن سالن جي عمر ڪي پهچي گذاري ويو. ان ڪانپوءِ هڪ وڏي عرصي تائين ڪنهن بہ پٽ جي اولاد ٿيڻ جي خبر نہ ٻڌائون. هجري سن نؤ سؤ ست ۾ شيخ ميان جيو ﷺ جيڪو سيد جلال ابن سيد احمد جعفر جو مريد شيخ صدرالدين ذاڪر جو خليفو ۽ راقم گلزار جو مامون آهي تجارت لاءِ احمد آباد گجرات ويو هئو. هڪ دفعي جمع جي رات پنهنجي پير جي روضي ۾ ويا ۽ مراقبي ۾ گوڏن تي ڪنڌ رکي محو ٿيا ان ارادي سان تہ منهنجي پيڻ جيڪا ٻارهئين ڪان نا اميد ٿي وئي آهي ان لاءِ هن بزرگوار جي برڪت سان اميدواري جي خوشخبري ملي. عالم مثال ۾ ڪين نظر آيو تہ هڪ نهايت منور فانوس سندن هٿ ۾ ڏنو ويو آهي جنهن جي روشني سان ان جاءِ تي آساني سان پهچي ويو آهيان جتي پهچڻو هو ليڪن رستي جي ناهمواري تاريڪي ۽ خوف جي ڪري نہ پئي پهچي سگهيس. الله جل شانہ جو شڪر حد ڪان گهڻو ڪيائون. شيخ ميان جيو جڏهن وطن واپس آيو تہ انهي بشارت سان پيڻ جي غمگين دل ڪي مسرور ڪيائين ۽ انهي واقعي جي تعبير جيڪا تقدير جي موافق هئي راقم گلزار جي علمي صورت ڪي جمع جي رات تاريخ يارهين رجب هجري سن نو سؤ ٻاهٺ ۾ عنصري لباس پارايو.

انهي خوشي ڪي عزيزن قريبن ڏوم ڏام سان ملهايو ۽ نالو محمد رکيو ويو ۽ گهر جا ياتي محبت ۾ تعظيم سان راجہ محمد چوڻ لڳا. هندي لغت ۾ راجہ شاهہ ڪي چئبو آهي ۽ والد بزرگوار يعقوبي محبت سبب يوسف نالو رکيو. جيڪو ڪجهہ نقد جنس وغيره هئو سڀ ڪليل دل سان معززن جي تواضع وغيره

www.maktabah.org

۾ صرف ڪيو ويو ۽ هن همٽ آزما خوشيءَ ۾ مال لٽائڻ جو جيڪو ٻنهين هٿن سان ڪرتب ڪيو ويو اهو هڪ مثالي هو ۽ ان کانپوءِ پاڻ مال متاع گڏ ڪرڻ لاءِ ڪڏهن ٻہ ٻڌ ڪري پنهنجا پير ميرا نہ ڪيا..جڏهن راقم جي عمر تقريباً پنج سال ٿي تہ زماني جي گردش سان سلطنت ۾ تبديلي آئي. انهيءَ شورش جي سبب ڇا سوداگر ڇا سپاهي، سڀ جا سڀ هجرت ڪري هليا ويا ۽ پاڻ گوشي نشيني اختيار ڪيائون.

سندن واپسي سفر جمع جي رات تاريخ چوڏهين صفر هجري سن نو سؤ ٽيهتر ۾ ٿيو. انوقت تائين ڪنهن ضرورت يا حاجت لاءِ پنهنجي گهر ۽ مسجد کانسواءِ بازار يا ڪنهن ٻہ گهر ڏي نڪري نہ ويا.

مصنف گلزار جا حالات

پنجن سالن جي عمر ۾ منهنجي مامي (شيخ ميان جيو) مونکي شيخ ڪمال الدين قريشيءَ جي مڪتب ۾ داخل ڪيو. هنن ٻنهين بزرگن جو احوال چوٽين ڇمن ۾ گذارش ٿي ڇڪو آهي. اٽين سال جي آغاز ۾ تجويد قرآن نصيب ٿي. پوءِ فارسي خوانيءَ ۾ ڪوشش ڪئي وئي. جڏهن زبان داني جي ڪوڇي ۾ هلڻ سکيم ۽ عمر يارهن سالن کي پهتي تہ والد صاحب جن جي رحلت جو وقت آيو. هلڻ وقت فرمايائون تہ منهنجي دل ۾ اهو خيال هو تہ هن پٽ کي هوشيار ۽ دانا دلين جي خدمت ۽ اهل علم عالي فطرت وارن کان پري نہ رکندس تہ جيئن گوناگون فنن ۽ مختلف قسمن جي علمن جي تحصيل ۾ سرگرم ٿي تقديري جوهر کي مٽاهين درجي تي ظاهر ڪري. ليڪن اُخروي سفر پيش اچڻ سبب اهو خيال ظاهر نہ ٿي سگهيو ۽ دل جا ارمان دل ۾ ئي رهيا. هي بلڪل سچ آهي تہ پنهنجي پنهنجي قلبي نقش جي قراردار کي زباني تقرير ۾ اهڙي خوش اسلوبيءَ سان ادا ڪيو جو ٻڌڻ واري کي بانسريءَ وانگر اندران خالي ڪري پنهنجي با اثر ترنم سان مالا مال ڪري ڇڏيو ۽ راقم جي دل ۾ استحڪام سان اها ڳالهہ وينو تہ جيڪڏهن تقدير تدبير سان موافق اچي تہ والد ماجد جي قائم ڪيل خيال مطابق ڪار بند ٿي انهيءَ ڪم کي مان اهڙي طرح انجام ڏيان جيئن پاڻ گهرن پيا تہ جيئن سندن روح انهيءَ تعلق کان آزاد ٿي آسودگيءَ سان بهشت ۾ خرامان خرامان گهمي.

آخرڪار سواءِ انهن چند ڏينهن جي جيڪي لوازم سوگواري ادا ڪرڻ ۾ گذريا

www.maktabah.org

راقر هڪ ساھ ۾ طلب علم جي رستي تي هلڻ ۾ خالي نہ ڇڏيو. حالانڪ والده ماجده ناخوش رهندي هئي شايد اهو حال ڏسي تہ مان درويش جي خدمت ۾ مدرسن جي ملازمت کان دل برداشتہ ٿي دنيا دارن جي ڪر ۾ الجهي وجان ۽ انهيءَ ئي خيال سان مونکي سترهن سالن جي عمر ۾ شادي ۾ ڪرائي تہ شايد ان زنجير جي سبب هي علم و ادب لاءِ جيڪا آمدرفت رکي تو ان ۾ سست ٿي ويندو. ليڪن ان جنتر منتر ۾ ڪو ڪر نہ ڪيو ۽ اُها استغراقي حالت جيڪا معرفت جي تحصيل لاءِ هئي ان ۾ وار برابر ۾ فرق نہ آيو. جڏهن ويهن سالن جي عمر ٿي تہ ظاهر ۾ جيڪا تونگري هئي اها هزار حصہ زياده ٿي باطن ڏي متوجہ ٿي ۽ فقر ۽ نيستي جنهن دل جي اندر ادراڪ ۽ علم جو دامن هٿ سان پڪڙي رکيو هو. صرف ڏهون حصو باقي رهي ۽ باقي معاش جي ذريعي سان لٽڪي پئي. ايتري قدر جو ڏينهن جو اڪيلو ۽ لڪي وڃي جهنگ مان پن ۽ گاهہ آڻيندو هئس ۽ ان ذريعي سان ذريعہ معاش فراهم ڪندو هئس ۽ رات جو گهر ۾ اندر دل جي روشني چراغ جو ڪر ۽ هٿن جي ٽٽول بينائيءَ جي نيابت ڪندي هئي. آخر منهنجي هن استغنا ۽ بي نيازيءَ جي سبب ڪجهہ ماڻهو تاجرن سان منهنجي ملاقات ڏسي مونکي مالدار تاجر سمجهڻ لڳا. ڪي ماڻهو منهنجي موزون طبيعت ڏسي مونکي پئسا ڪمائيندڙ شاعر سمجهندا هئا. ڪي ماڻهو جوهرين سان منهنجي ملاقات ۽ همراهي ڏسي مون کي ڪيمياگر تصور ڪندا هئا. گهٽا ماڻهو منهنجي آشنائيءَ دولتمندي سان ڏسي مون تي انهن کان فائدا حاصل ڪرڻ جو گمان ڪندا هئا ۽ ڪي ماڻهو آفيسرن سان منهنجي امداد ڏسي مال گذاريءَ جي ڪمن ۾ شريڪ سمجهي مونکي مرتشي چوندا هئا. مطلب تہ لباس پرست ماڻهن جي نزديڪ هر قسم جي ماڻهن سان انهن جي صورتن ۾ منهنجي آميزش انهيءَ قسم جي گمانن ۽ خيالات پيدا ڪندي هئي. ليڪن جيڪي رازدار ڪرم دوست هوندا هئا انهن سان رازداريءَ جون ڳالهيون ٿيندیون هيون ۽ مان هميشہ تسليم ۽ رضا جي گلستان کي انهيءَ تصور جي بهار سان قائم رکندو هئس.

سڀ تعريفون انهيءَ ذات لاءِ آهن جنهن هن گذريل واقعي ۾ اصحاب صفہ رضي الله عنهم جي اوصافن سان مون کي متصف فرمايو ۽ عام مفهوم ۾ اتباعَ شامل ڪيو ۽ هزارين شڪرن جو باعث بنايائين. گهٽو تعجب جي ڳالهہ اها آهي تہ مهمان داري ۽ مروت وغيره پنهنجي ۽ پراڻي سان آشنا ۽ بيگاني سان معاملو جهڙي طرح والد بزرگوار جي زماني ۾ ۽ فراغ دستيءَ جي وقت ۾ هو بلڪل ساڳي طرح رهيو. ايزدي پوشش جي وسيع پرده داري جي ستائش کان

www.maktabah.org

ڪيئن ٿو الڳ ٿي سگهان جو ان وقت بي وقت ڪمال ضرورت جي موافق نقد ۽ جنس من حيث لايحتسب عطا فرمائي. چو ته جيڪڏهن سابقہ طريقي تي ڪو ڪم نہ ٿو ڪيو وڃي تہ ناداري ۽ درويشيءَ جي منهن تان نقاب دور ٿي ٿو وڃي. العياذ بالله ڪڏهن قدم لڙکڙائيندو هو جو عزيزن ڏي رخ ڪندو هئس حالانڪ معاشي زندگي بہ نہ هوندي هئي. پر من يؤت الحکمتہ فقد اوتي خيراً کثيراً جي پيشگاهہ کان ثم رددنہ اسفل سافلين. جي گمراهيءَ جي کڏ ۾ وڃي ڪرندو هئس. پوءِ تقديري ڪرشمي سان ان دشوار زماني ۾ والده ماجده جي خوشنوديءَ جو باعث آهي جو مقلب القلوب مدد فرمائي جو ماءُ پنهنجي پٽ کي درويشي اختيار ڪرڻ تي دلاور ڪيو جنهن جي ڪري خدا شناسي ۽ علم جي تحصيل جي شاهراهہ ۾ اڳي کان وڌيڪ استواري سان قدم رکيو.

الله جلشانہ جو بہ عجيب شان آهي. جنهن خوف نما شورش والده ماجده جي دل جي تنگيءَ جي سبب جنهن پٽ کي مٽي کان پيرن تائين گهيري ڇڏيو هو ان جو اجان پورو پورو انڪشاف نہ ٿيو هو تہ هڪ وبال ۾ گرفتار ٿي ويس. يعني اڪ هڪ خوبصورت جي ديدار سان نگاهہ گرم ٿي ۽ هڪ وڏي عرصي تائين طرفين کان سوال جواب جو ڪم ڪن ۽ زبان جي بجاءِ نگاهہ ڪندي رهي. هن آفت جي نازل ٿيڻ سان ڪونين جا اسباب ۽ بنهين جهانن جي ڪاميابي حاصل ڪرڻ کان دل سرد ٿي وئي. صدرالذاڪرين شيخ صدرالدين محمد شمس ذاڪر. بروده (بڙوده) گجرات کان غوث الاوليا جي آستانہ بوسيءَ جي واسطي گواليار ويا هئا. هتان انهن ڏينهن ۾ تاج العرفاشيخ سراج الدين خان پنهنجي پير صدر الذڪرين جي خدمت مان واپسيءَ جي اجازت وٺي براستہ مالوه پنهنجي واطن وجن پيا جڏهن شهر منڊو (مانڊو) مان گذر ٿيو تہ راقم گلزار جي گهر ۾ نزول فرمايائون. راقم کي سوز عشق ۽ شوق ۾ بلڪل مستغرق ڏنائون. هڪ رات منهنجو هٿ پڪڙي مريد ٿيڻ جي دعوت ڏنائون. جيڪا مون بہ قبول ڪئي ۽ رسمي بيعت ٿي وئي. مونکي ڏسي منهنجا گهڻا هم عمر بہ مريد ٿيا. تاج العرفا عرض ڪرڻ تي بہ ٿي ڏينهن مهمان رهي وطن واپس ٿيا. ۽ هاڻي اصل واقعي ڏي ٿا اچون تہ اجان هڪ سال بہ نہ گذريو هو تہ ان حسينہ جي مڙس جو ارادو دارالسلطنت آگري جي سفر جو ٿيو. راقم کي ڪوبہ اهڙو بهانو نہ مليو جو سفر اختيار ڪري انڪري لاچار گڏ وڃي نہ سگهيو. صبر ۽ سڪون جي ديوار سان تڪيو لڳائي ۽ تحمل جي ران تي مٿو رکي جدائي جو غم ۽ بي انتها بار حوصلي سان

www.maktabah.org

برداشت کندو رهيو. جيڪو گاه جي ڪک جو وزن به نه ٿي ڪٽي سگهيو. ڪجهه عرصي تائين خون جگر پي عمر گذاري. آخرڪار معلوم ٿيو ته محبت جي درد ۽ دوريءَ جي تڪليف جي واسطي نصيحت جون گوليون- شرم جو لعوق- وطن دوستي جو ضماد- والده جي ديدار جو شربت- هم نشينن جي مفارقت جو داغ، عزت جي معجون، عقل جو تریاق- طعنن جو نشتر هي سڀ شيون فائدو پهچائيندڙ نه آهن ۽ ڪنهن به قسم جي انساني تعويذ يا صدقي ۽ خيرات سان هن درد ۽ تڪليف کان نجات جي صورت ممڪن نه آهي. لاچار هيءَ ڳالهه دل ۾ آئي ته جيڪا سمت مسافر جي آهي انهيءَ طرف آوارگيءَ جو سامان ڪرڻ گهرجي. اهي خيال اچي رهيا هئا ته صدرالذاڪرين به غوث الاولياء جي روح پر فتوح کان ۽ ان جي حقيقي جانشين شيخ عبدالله قدس سرهما کان رخصت ٿي مالوه جي رستي کان گجرات ڏي واپس آيا جيڪو سندن وطن آهي. جڏهن منڊو (مانڊو) پهتا ته غريب خاني کي پنهنجي بابرڪت قدمن سان سعادت خانو بنايائون. راقم پنهنجا گذريل واقعات، علم حاصل ڪرڻ جي ڪيفيت ۽ والد ماجد جا وصيت جي وقت زبان مان نڪتل الفاظ ۽ ان جي تعميل ۾ جيڪي واقعات پيش آيا ۽ برداشت ڪرڻا پيا. عشق جي بلا ۾ مبتلا ٿيڻ جي ماجرا جدائيءَ جي آفت همراه نه وجي سگهڻ جو ڏک ۽ انهن حالتن جي ڪري جو ڪجهه ٿي گذريو ۽ انهيءَ دوران شيخ سراج الدين جي پهچڻ ۽ پنهنجي مريد ٿيڻ جي ڪيفيت ۽ ان سلوڪ دوران جيڪي ڪجهه ٿيو عرض هي سڀ حالات هڪ هڪ ڪري تفصيل سان ان بزرگ جي سامهون عرض ڪيم. صدرالذاڪرين فرمايو ته جيستائين آب وگل جي دوري (ظاهري بعد) وچ ۾ هو. تيستائين تنهنجي سراج الدين سان ارادت صورت ۽ معنيٰ جي اعتبار سان سراج ۽ صدر جي وچ ۾ تقسيم هئي. جڏن تقسيم جو سبب جيڪو مڪاني بعد آهي باقي نه رهيو ته اهانسبت به جيڪا صورت جي اعتبار سان هئي صدر جي طرف ئي موٽي آئي. هتان ظاهر ٿيو ته جنهن شخص جو شيخ زندهه هجي ان شخص جو مريد جيستائين شيخ (ڏاڏا پير) کان پري آهي تيستائين صدالذڪر شيخ ڏاڏا پير سان ارادت معنيٰ ٿو رکي ۽ جڏهن اهو مريد شيخ (ڏاڏاپير) جي صحبت ۾ پهچي ٿو وجي ته ظاهري تصرف به انهيءَ شيخ (ڏاڏا پير) جي طرف موٽي ٿو اچي. ۽ اهو شخص (مريد جو اصلي پير) هن معاملي ۾ محض سفير رهجي ٿو وجي.

دريش جي اعيان ثابته (صور علميه) جي به عجيب سعادت آهي. جو وطن ڏي موٽندڙ مسافر جنهن جو هڪ ڏينهن جو قيام به ڪنهن ذي عزت

www.maktabah.org

صاحب جي التماس يا ڪنهن مانع جي پيش اچڻ سان ئي ظهور پذير ٿي سگهي ٿو. مسبب الاسباب ان بهاني ڪان سواءِ ئي هڪ سال رهڻ جي توفيق عطا فرمائي، ۽ ان جي زبان ڪي هن دل نواز بيان سان شڪر فشان ڪيو ته هن شهر ۾ قيام ان نيڪ مزاج جوان جي خوشقسمتيءَ منهنجي حق ۾ ڪري ڇڏيو آهي. ۽ مسافر جي معنوي تصرف جي عجب ڪرامت آهي، جو ڪوچ جو ارادو ڪرڻ وارو مهجور جيڪو سفر تي ويل پنهنجي دلدار جي پٺيان آوارگي جو ارادو رکندڙ هو. ايترو ته عرصه دراز تائين پنهنجي ملازمت ۾ مشغول رکيو. باوصف ايترو جو پراگنده دلي ۽ پريشان خاطري جي باوجود ان جي ادراڪ جي ڏهي ڪي پنجگانه جواهر جي اسرار سان مالامال ڪيو جيڪو حضرت غوث الاولياءَ جي عمده تصنيف ۾ ڇاڻايل آهي. ڪجهه ڏينهن ڪان پوءِ دل تي ڏڪ هٽندڙ هڪ خبر صدر الذاڪرين کي پئي ته "گجرات وڃڻ جو پراڻو عزم جيڪو ضمير جي تهخاني ۾ اندر خاموش هو، بيدار ٿيو. مرغ دل ڦٽڪيو ۽ دماغ چڪرائجي ويو. جنهن جو نتيجو اهو نڪتو جو ڪالبد جي قفس کي جنبش ٿي. لاچار سڪون جو پلڙو سفر جي پلڙي ڪان هلڪو ٿي پيو. صدرالذاڪرين محمود العواقب مسعود المآرب شيخ ظهورالدين محمود جلال کي درويش جي باطني پرورش لاءِ هميشه منڊو ۾ رهڻ جي اجازت ڏني.

مسبب الاسباب جي الطاف جي ستائش ڪان ڪينئن ٿو پري رهي سگهان جو جن ڏينهن ۾ ظاهري ۽ باطني حواسن جي پائرن منهنجي روح جي يوسف کي نفساني هوا ۽ هوس جي کوهه ۾ وڌو هو انهن ڏينهن ۾ صدرالذاڪرين جي دل ۾ پنهنجي وطن ڪان حضرت غوث الاولياءجي زيارت جو عزم قائم ڪري گواليار روانو ڪيو. ۽ پوءِ قافلي وارن وانگر گواليار ڪان براسته مالوه ڏي موٽائي هن تباهه ڪاريءَ جي کوهه ۾ ٻڏل شخص جي مٿان آڻي بيهاريو ته جيئن صدر الذاڪرين توجه جي ڏول ۾ تلقين جي رسيءَ سان غرق ٿيل ڪي مجازي گرفتاريءَ جي کوهه مان ڪڍي ۽ مصر حقيقت جي طرف رهنمائي فرمائي. هاڻي راقم اميدوار آهي ته اهوئي مسبب الاسباب وري رياستن جي صاحب کي مهربان ڪري جو هن گرفتار جي حق ۾ ٿورو توجه فرمائي انانيت جي قيد خاني مان آزادي بخشن ۽ خلافت جي تخت جي ڪرسيءَ تي پهچائي ڇڏن ۽ مٿي ذڪر ڪيل پائرن کي سجدو ڪندڙ بنائين. سبحان الله هن ڪم لاءِ

www.maktabah.org

ڪيتري قدر اسباب انگيزي ۽ پرده داري ڪر ۾ آندي وئي آهي. انهيءَ معنيٰ ۾ ئي ڪنهن چيو آهي ته رُب ساع لقاعد ترجمو: هڪ وهڻ واري لاءِ ڪيترائي خدمت ڪرڻ وارا هوندا آهن.

اهو ته سڀ ڪجهه ٺيو، پر اها پراڻي پريشاني جنهن دل کي مڪ وانگر عنڪبوتي ورن وڪڻن ۾ ويڑهي رکيو هو. ان پريشانيءَ جو هر هڪ تار آزاديءَ جي گردن واسطي ڦاسيءَ جي رسي ٿي ڀيو. ۽ اها پراڻي باهه جيڪا شوق ۽ جدائي جي بجلي سان هستيءَ جي خرمن ۾ اچي ڪري هئي ان باهه کي پير بزرگوار جي مرشدانه تصرف مٽي ڀيڙو ڪيو. نتيجي طور بدن جي هرهڪ مسام مان پگهر جي بجاءِ شعلا نڪرڻ لڳا، ان مجازي عشق کان بچڻ خاطر جواهر الخمسه جا اوراد، اذڪار، اشغال ۽ تمام اعمال عمل هيٺ آندا. پر دل کي سڪون نصيب نه ٿيو. پوءِ سوچيم ته جيڪڏهن پريشانيءَ جي چهري تي نقاب وجهي هن ديوانگي سان مٽي اگهاڙي پنهنجي سفر تي ويل دلدار جي پويان ڏو پوان، ته ناتوان والده جي حياتي جو سرمايو جيڪو ڪجهه آهي، اهو صرف ۽ صرف پنهنجي چوڪري جوئي ديدار آهي، لاچار هتان بچڻ جي تدبير رفتار زمانه ۾ ڳولڻ لڳس. سواءِ ان جي هي واٽ نه ملي ته پهرئين واري طرز معيشت ۽ روش سان ماڻهن آڏو پشيمان ظاهر ڪيان ۽ قبيل قرابت جي طرف توجه ڪري ٻيهر تجارت ڪرڻ ۽ سامان تجارت پهچائڻ جي خواهش ظاهر ڪجي. جڏهن ماڻهن کي خبر پئي ته خواهش جي مقدار کان وڌيڪ سوداگريءَ جو سامان ملي ويو. هجري سن نوسو ٽياسيءَ ۾ ديار يار طرف روانگي ٿي. بجلي وانگر ڊڪڻ کي زحل جي سست رفتاري جي عيوض وڪٽي ان بلبل وانگر جنهن کي قفس ۾ بند ڪري باغ ڏي وٺي ويندا آهن. او...هو....ڳالهه وڌي وئي، جڏهن دارسلطنت اگره پهتس ته ڳولڻ ۾ وڏو ڪشٽ ڪٽڻو پيو، اوچتو ڪو سجاڻو ٽڪريو. هتان هتان جي ڳالهين ۾ اصل ڳالهه ڪرڻ کان محروم رهيس. ٻئي ڏينهن علي الصباح خواهش جي نقد تريءَ تي رکي سراغ رسان جي گهر پهتس هوبه ڪشاده پيشانيءَ ۽ شگفتگي سان مليو ۽ رهنمائي ڪري منزل مقصود تائين رسايائين. خدا سخن جي وڏي عمر ڪري، جنهن جي مدد سان ٻنهي پاسن جي سرگذشت ظاهر ٿي دل دهي، دل بري، دلسوزي ۽ دل آويزي سان هڪ ٻئي ٻنيان واقفيت حاصل ٿي. ۽ خوشي سان ملاقات ۽ ملاقات سان گڏ

www.maktabah.org

دلاسو ۽ ديدار نصيب ٿيو. اهڙي طرح هلالي پنج دورن تائين رازداريون وڌنديون رهيون. جدائي جا داغ جيڪي دل ۽ جگر ۾ موجود هئا. اهي ئي ڦري آخر ۾ آسودگي جا هيولا بڻيا جنهن رنگين کان وڌيڪ رنگين شان ۾ يڪ رنگي جا گل، خفيہ رازداريءَ جي دامن ۾ پريا. پنجن سالن تائي مجازي محبت جي رونق افزائي رهي. ان عرصي ۾ طبيعت طرحين طرحين جا عاشقانہ نظر ترتيب ڏيندي رهي.

غوثي! شاعراڻہ تقرير کي لاف ۽ گراف جي منصب کان معزول ڪيو ۽ وقائع نگار قلم کي آگرين جي حوالي ڪر. هن افساني جو خاتمو اهڙي لفظن سان ڪر جيڪي هجن تہ ٿورا پر معنيٰ ۽ مطلب سان ٽمٽار لڳن.

القصہ: جڏهن داراسلطنت اگره کان پنهنجي وطن موٽ کاڌم، تہ محمود العواقب جي صحبت دل ربائيءَ جو بنياد وڌو. جنهن سان اجائي سوداع کان نجات ملي هاڻي راقم ايزدي معرفت جي دروازه جي زنجير کي لوڏيو جهري ذکر زبان تي جاري ٿيا ۽ شڪاري مشرب جي اشغال ۽ افڪار جي مشق دل جي وسيع آبادي ۽ تي قبضو ڪيو. پر مون قبا کي گودڙيءَ جي عيوض وڪٽي ۽ صورت کي بگاڙي سيرت جي پرده دري نہ ڪئي. البتہ اهو ضرور ٿي گهريم تہ مان خدا شناسن جهڙو اندر ۽ دنيا پرستن جهڙو ظاهر رکان ۽ اهڙي برزخ نما دورنگي سان صلح ڪل جي باغيچي لاءِ شگفتہ ۽ شاداب ڪرڻ واري نسيم بڻجان تہ جيئن اهل دل ماڻهن وٽ ويهڻ جو اتفاق ٿئي ۽ اهڙي طرح باطن جي ذريعي سان آشتي جي بزم آرائي ڪيان ۽ اگر صورت پرست ماڻهن سان هلڻ جو موقعو ملي تہ ظاهر جي ذريعي موافقت خلق جي صورت رهي. هن عالم کي جنهن جو ظاهر خلق ۽ باطن حق آهي. معڪوس ڪري جيئن هجي تيئن ڏسان ۽ احسن ڪما احسن الله اليڪ جي فرمان تي ڪاربند يعني الله تعاليٰ جل شانہ تي احسان ڪريو اهڙي طرح جيئن الله تعاليٰ جل شانہ توهانتي احسان ڪيو آهي يعني اندر لکايو آهي تون بہ پنهنجي اندر لکل کي ظاهر ڪر. ۽ ڏسڻ ۾ پنهنجي پر ۾ ظاهر ڪر تہ جيئن ڪل شيءَ يرجع الي اصليہ جو مشاهدو نور بصيرت عطا فرمائي.

گجرات جي لڙائي جو بيان: جڏهن راقم گلزار جي عمر 26 سال ٿي تہ هڪ نوزاد مهمان جو راقم جي ظاهري پرورش خانہ ۾ ورود ٿيو. جنهن جو

www.maktabah.org

نالو عبدالاول رکيو ويو. جڏهن عمر جو 27 سال ٿيو جيڪو هجري سنہ نو سئو نوي جي برابر هئو تہ رهيل علم حاصل ڪرڻ لاءِ احمدآباد ويس. ٻن سالن کانپوءِ سلطان محمود گجراتيءَ جو پٽ سلطان مظفر پنهنجي صوبي تي قابض ٿي ويو شهاب الدين احمد خان حسيني نيشاپوري جاگيردار احمدآباد هو جيڪو ڳولا کان اڳ ئي پنهنجو دارالحڪومت چڏي پٽن هليو ويو. قطب الدين محمد خان عرش آستاني اڪبر شاه جو اتڪ هو ۽ قلعہ پڑوج ۽ برڙوده جو جاگيردار هو. هن جي لشڪر جا سردار ۽ امراءَ بد نصيبي سان روگرداني ڪري سلطان مظفر سان وجي مليا جڏهن اها ناگوار خبر اگره پهتي تہ فوراً اتڪ جي وڏي پٽ نورنگ خان ۽ قليچ خان ڪي گجرات وڃڻ جو حڪم ڪيو مالوه جي سيني سپاهين ۽ خوانينن جي نالي فرمان جاري ٿيو. مرزا خان ابن بيرم خان خانان کي پڻ ان شورش کي ختم ڪرڻ لاءِ مقرر ڪيو ويو اتڪ پنهنجو خير ۽ چگهائي سلطان مظفر جي چاڪريءَ ۾ سمجهندي ساڻس شامل ٿي ويو. جنهن تي گجراتين ڪيس قتل ڪري ڇڏيو نورنگ خان ۽ قليچ خان مالوه جي سردارن کي پاڻ سان ملائي گجرات روانہ ٿيا. پر آتڪ جي قتل جي خبر ٻڌي شش و پنج ۽ ستي جو شڪار ٿيا ٻئي سالار مرزا خان احمد آباد کان ويهن ڪوهن تي شهاب الدين احمد خان جاگيردار احمد آباد ۽ گجرات جي ٻين سپاهين کي ملائي لشڪر جو تعداد وڌايو دريا سانپرمتي احمدآباد قلعہ وٽ سلطان مظفر سان جنگ لڳي جنهن ۾ شهنشاهي لشڪر کي فتح ٿي ۽ گجراتي سلطان قلعي پڑوج ڏي پڄي نڪتي.

راقم بن جنگ احمدآباد جي تماشائين مان هڪ هو. القصہ جڏهن 31 سالن جو آغاز ٿيو تہ وطن واپس وريس. جنهن جي ٻئي سال الهيٰ علم جي خلوتخانہ مان عين (وجود) جي بزم ۾ هڪ فرزند ڄائو جنهن پاڻ سان خوشيون آنديون ۽ هر طرف کان مبارڪ باد جا لفظ ٻڌڻ ۾ آيا سندس نالو حسن محمد رکيو ويو.

واقعہ گجرات جو خاتموان طور ٿيو جو جڏهن هن فتح جي خوشخبري اڪبر شاه وٽ پهتي تہ سپہ سالاري ۽ خانخاني خطاب جو طغرو جيڪو پنجن ڪرسين کان موروثي آهي صوبہ گجرات جي جاگير نام زد ٿيڻ جي خوشخبري ۽ ٻيو ڪيترين نوازشون مرزاخان جي نالي صادر ٿيون.

مرزاخان خانان جي تعريف: سبحان الله گهٽي عرصي کان اها

www.maktabah.org

خواهش هئي ته گلزار ابرار ۾ ميرزا خان خانان سپه سالار جا حالات ظاهر ڪيان جنهن جي ذريعي ملڪ و ملڪوت (عالم شهادت ۽ عالم غيب) جي آرائش آهي چناڇه هن خواهش جو دامن هٿ ۾ اچي ويو آهي لهذا چند دل آويز جملا لکي قلم کي گوهر فروش بنايان ٿو.

اول اهو ته ڏهين ۽ يارهين صدي جي دور ۾ عدم ڏانهن روانا ٿيل انسانن جا حالات جڏهن ڏٺا ويا ته محمدي ڪمالات سان متصف ۽ ايزدي اخلاق سان موصوف ٿيڻ ۾ ڪنهن ۾ ڪنهن ۾ ڪنهن ٻئي کي نه ڏٺو ويو.

ثانياً ته سندس کان علاوه ڪنهن ٻئي کي اهڙو نه ڏٺو ويو جنهن دولت جي عالي دستگاه کي اخروي نشاط پهچائڻ جو بازو معنوي فقر جو پرده دار بڻايو هو. پاڻ انهن کان بلڪل مختلف آهن، جيڪي وينل ته خلوت ۾ آهن پر سندن دل بازار ۾ ٿيل آهي. ثالثاً اهو ته نظم ۽ نثر ۾ ڪيترن ئي قسمن جا مرڪب ترتيب ڏنائين وري انهن ۾ مختلف قسمن جي فصاحت جي جوهر شناسي ۽ حقيقت ۽ مجاز جا مختلف انواع- بلاغت ترڪيب جي عباراداني- جنهن حد تائين سندس فڪر ۽ فطرت جو زيور ٺاهي وئي آهي ان مان هزار حصو به ان شخص کي نه ٿو ملي سگهي جنهن پنهنجي سڄي عمر سخن آرائي ۽ نڪته طرازيءَ جي درياهه ۾ غوطازني ڪئي هجي

رابعاً: بيان جي ذريعي مدعا جي تصوير ڇڪڻ جي وقت جيڪا عبارت جي رنگيني- سندس معجزه نما ڳالهائڻ جي زبان مان پيدا ٿيندي آهي چگو ٿئي جيڪر سيئي بلاغت جا صاحب ۽ ارباب معاني. پنهنجي صنائع ۽ بدائع جي قلم سان ان جي نقل وٽي سخن سنج حوصلي جو سرمايو ٺاهي، جيئن ايندڙ نسلن لاءِ اهو رهنمائي جو سبب بڻجي.

خامساً

اهو ته سندس خاص همٿ ۽ عطا جي هٿ ڪي بخشش ۽ بخشايش ۾ جيڪو مرتبو زر ۽ جواهر لٽائڻ ۾ حاصل آهي. اگرڇه خار ۽ گل تي بنا ڪنهن فرق جي ابروسي ٿو پوءِ به هن جي سخاوت هن سخي آڏو شرمسار آهي.

سادساً اهو ته دشمن ڪشي- خصم افگني- نبرد آزمائي ۽ جهان ڪشائي جي ميدان ۾ دليري دلاوري سندس شمشير ۽ ڪمان سان گڏوگڏ آهن، تيزي وتندي سندس حملي ۽ شوڪت سان ڪلهو ڪلهي ۾ هنيو بينا آهن اهڙي طرح جو قديم

www.maktabah.org

زماني ۾ به ڪنهن شجاعت شمار جي ڪارنامه ۾ به ان جي نظير نه ٿي ملي.

سابعاً

اهو ته سندس حبته لله جيڪا عام سان آهي ۽ انهن جي دلين جي باسباني پنهنجي ذمي واجب سمجهي هر هڪ سان اهڙي طرح ته مهرباني سان پيش اچن ٿا جو زبون ترين مخلوق جي وار برابر آزادي سندس نرم دل تي هڪ جبل جيان وزن دار ٿي وجي ٿي.

ثامنا

اهو ته تمام موجوده جواهر کان سندس بي نيازي ۽ بي خودي حد ڪمال کي پهچي وئي آهي.

تاسعا: اهو ته سندس قوت حافظ جي آئيني جي صفائي ان حد تائين پهتل آهي، جو عڪس جا اهي تمام شرط ختم به ٿي وڃن جيڪي ڪنهن آئيني ۽ عڪس ۾ ٿين ٿا ٽڏهن به سندس قوت حافظ جي آئيني ۾ صور ۽ معنيٰ جو عڪس زائل نه ٿئي ان ڪري ڇئي سگهجي ٿو ته سندس دل جو صحيفو قرآن حڪيم جي لفظن ۽ معنيٰ ياد ڪرڻ سان لوح محفوظ ثاني آهي.

غوثي جن قيميتي گٽن جو شمار عقل نه ٿو ڪري سگهي انهن جي بيان ڪرڻ کان پنهنجو عجز ڏيکارڻ عقلمندي جو ثبوت آهي الحمدالله والمنته جو اسانجي زماني جو شهنشاه ابو الظفر نورالدين محمد جهانگير بادشاه غازي خلد الله ملڪ ۾ سلطانه ابدا انهن بن آباد سلطنتن جي سعادتن مان ۽ جن صدر الذڪر بن عروسن کي ارث واستحقاق جي آرزو ناز سان پروش ڪيو آهي انهن جي هر خوابگي جي نشاط سان ڪامياب ۽ ڪامران آهي ۽ مڙني مقصدن جي حاصل ڪرڻ ۾ ضرورتمند طالبن جو ڪر روان آهي له الحمد في الاولي ولاخرة تي جو هن گلزار جو آغاز ۽ انجام شهنشاهي ستايش ۽ مدح جي هوا خوري سان نوبهار تازگي جي آغوش ۾ ۽ سعادت جي ابر هيٺ آهي.

تاريخ اتمام

بي حجابانه خلوتي دارند- چون بزرگان درين چهار چمن

خلوت بي حجاب گشت ازان- سال اتمام اين حديقه من

14 1036

www.maktabah.org

تعليقات

www.maktabah.org

تعليق نمبر(1) ورتل صفحو 256

تاريخ معصوميءَ ۾ مسيح الاولياءَ جي جد جو نالو مخدوم رڪن الدين عرف "مخدوم متو" لکيل آهي. واضح رهي ته متو لفظ دراصل هڪ راءِ موجب سنڌي لفظ "منو" آهي. قديم سنڌي طرز تحرير ۾ اهڙا لفظ پڙهڻ لاءِ ملن ٿا جن جي لکڻي هاڻي تبديل ٿي وئي آهي. جيئن "ڏ" کي "ڙ" وانگر ۽ لکيل ڏنو ويو آهي. اهڙي طرح منو کي متو ڪري لکڻ ۾ ڪو عجب ڪونهي. انهيءَ ڪري اغلب اهوئي آهي ته متو اصل ۾ منو آهي. جيڪڏهن لفظ متو کي متوئي پڙهو وجي ته اهو جلال يا جلاليءَ جي معنيٰ ۾ سمجهيو ويندو.

برهانپور ۾ جلال متو جو مزار مرجع خلائق آهي. پاڻ شاهه شهباز رحمة الله عليه جا خليفه ارشد هئا. اهي بزرگ احمدآباد گجرات جا رهاڪو هئا.

جيڪڏهن اسان ان ڳالهه کي تسليم ڪيون ته شيخ جلال متو يا منو مٿي بيان ڪيل مخدوم رڪن الدين عرف مخدوم متو جا فرزند آهن ته پوءِ ان کي شيخ يوسف سنڌي جي شخصيت يا ان جو پاڻ تسليم ڪرڻو پوندو. ان ضمن ۾ اسان کي هيٺين حقيقتن کي نظر ۾ رکڻ لازم آهي.

(1) متو سنڌي لفظ آهي. سنڌ ۾ مخدوم رڪن الدين ان لقب سان عرف عام ۾ مشهور معروف هو. ۽ شيخ جلال به پنهنجي والد جي حوالي سان متو مشهور ٿيو.

(2) شيخ جلال متو گجرات ۾ رهيو ۽ اتان برهانپور آيو. شيخ يوسف سنڌي ابن شيخ رڪن الدين عرف مخدوم متو به گجرات ۾ رهيو.

(3) شيخ جلال متو جي اصل وطن سنڌ هجڻ سبب شيخ ابراهيم بکري السنڌي سان تعلق پيدا ٿيو.

(4) گلزار ابرار جهڙي طرح شيخ قاسم شيخ عبدالستار ۽ بين متعلقين جو احوال ناڪافي ڏنو. ساڳي طرح همعصر بزرگ شيخ جلال متو جو مختصر ذڪر حتمي راءِ قائم ڪرڻ ۾ دشواري جو سبب بڻيو آهي.

(5) احمدآباد مان شيخ طاهر جو مستقلاً برهانپور ۾ لڏي اچڻ جو هڪ سبب شيخ يوسف سنڌي جو اڳ ۾ اچي قيام ۽ مقبول عام هجڻ هو.

(6) زمانه حيات پڻ هڪ وڏيڪ ثبوت مهيا ڪري ٿو. شيخ جلال متو جي مريد شيخ ابراهيم بکري جي وفات جو سن 998هـ آهي. جنهن مان شيخ

www.maktabah.org

جلال متو جو زمانہ حیات ۾ شیخ یوسف سنڌي جو دور ساڳيو معلوم ٿئي ٿو.

(7) حبیب الله سیوهاڻي، موجب مخدوم عباس هنگورجائي جو والد شیخ جلال (غالباً جلال متو) ۾ شیخ یوسف سنڌي (جد مسیح الاولیاء) هڪ ئي شخصیت جا نالا آهن. ڇو جو مخدوم عباس حضرت مسیح الاولیاء جو چاڇو ٿئي. اهوئي سبب آهي جو غوثي گلزار ابرار ۾ مخدوم عباس جي وفات تي مسیح القلوب (مسیح الاولیاء) کي بہ سبب رشتیداري ان جي مدرسي ۾ مسجد ۾ جاءِ نشین ڏيکاريو آهي. ممکن آهي تہ شیخ جلال ۾ شیخ یوسف سنڌي ٻئي پائر هجن پر اهو سڀ تاریخ مان ڪنهن ثبوت حاصل ڪرڻ کانسواءِ ڇوڻ آهي.

تعلیق نمبر (2) صفحو 323

قاضي قاضن:

تاریخ معصومیءَ ۾ سندس احوال موجود آهي، پر ان ڪتاب ۾ سندس شاعريءَ بابت ڪو احوال يا اشارو نہ ٿو ملي. البت گلزار ابرار ۾ سندس وحدت الوجودي ۾ صوفي شاعر هجڻ بابت لکيل آهي. قاضي قاضن جا چارئي سنڌي بیت جن جو ترجمو هن ڪتاب ۾ موجود آهي. یقیناً غوثي اتي ويل سنڌي بزرگن کان ٻڌا هوندا.

گلزار ابرار کان پوءِ بیان العارفین ٻيو ڪتاب آهي جنهن ۾ قاضي قادن صاحب جا ست بیت مليا آهن، جيڪي شاهہ عبدالڪريم پنهنجي مريدن آڏو پڙهيا. سال 1978ع ۾ صوبي اوپر پنجاب ۾ پراڻي ديوناگريءَ صورتخطيءَ ۾ لکيل قاضي قادن جا وڌيڪ ڪجهہ بیت هٿ آيا آهن، ۾ بعد ۾ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ خان جي ڪوجنا سان بين ماخذن مان پڻ ڪجهہ بیت مليا آهن، جنهن مان ثابت ٿئي ٿو تہ هو نالي وارو شاعر پڻ هو.

تاریخ معصومیءَ موجب هو هڪ وڏو عالم فاضل شخص هو ۾ سید محمد جونپوريءَ جي سلسلي ۾ داخل هو. سن 926هـ ۾ جڏهن شاهہ بیگ ارغون ٺٽي تي ڪاهہ ڪئي تہ قاضي قاضن اتي ترسیل هو. جنگ جي نتیجي ۾ شهر ۾ قتل عام جاري هو. شاهہ بیگ سان قاضي قاضن جي خط و ڪتابت ڪري ناپر ٿي ۾ آخر ۾ ان رابطي سبب قاضي قاضن شاهہ بیگ جو اعتماد حاصل ڪري ورتو. سال 927هـ ۾ شاهہ بیگ کیس بکر جو قاضي القضات جو

www.maktabah.org

عهدو ڏنو. شاهہ بيگ کان پوءِ شاهہ حسن جو بہ مٿس اعتماد هو. پر سال 947هہ ۾ قضا جو منصب ڇڏي، حج تي روانو ٿيو ۽ اتي ئي 958هـ /1551ع ۾ وفات ڪيائين.

تعليق نمبر(3) ورتل صفحو 343

محمد غوث گواليارئ جي تصنيفن ۾ تمام گهٽي شهرت رکندڙ ڪتاب آهي. شطاريہ سلسلي جي صوفيا جو جواهر الخمسہ تي باقاعده عمل رهيو آهي. شاهہ محمد غوث جي شيخ طريقت حاجي حميدالدين حضور (م 1523ع/ 930هـ) پهرئين دفعي مطالعہ ڪانپوءِ ڇئي ڏنو تہ:

"هيچ ولي نباشد کہ برين اسرار مطلع نہ گردد"

شاهہ وجيہ الدين پنهنجي خليفي سيد صبغة الله بروجي جنهن پنهنجي خليفي شيخ احمد شناوي جنهن پنهنجي خليفہ شيخ احمد قشاشي کي جواهر الخمسہ جي اجازت ڏني. جنهن شيخ ابراهيم کي جنهن پنهنجي فرزند شيخ ابوطاهر جنهن پنهنجي شاگرد رشيد حضرت شاهہ ولي الله کي اجازت ڏني.

شاهہ ولي الله پنهنجي ڪتاب "انتباه في سلاسل اوليا الله" ۾ حضرت شاهہ محمد غوث گواليارئ جو ذڪر ڪيو آهي.

جواهر الخمسہ جي ديباچہ ۾ مصنف جي تحرير مان ان تصنيف جو سال 928هـ بمطابق 1521ع لڳي ٿو. جڏهن محمد غوث گواليارئ 1549ع/ 956هـ ڌاري ان ڪتاب ۾ ترميمون ۽ اضافہ ڪيائين. اهي اضافا ايترا تہ هئا جو ڪتاب نئين ۽ بهتر صورت وٺي سامهون آيو.

جواهر الخمسہ اصل فارسي زبان ۾ ئي تحرير ڪيو ويو. پر انسائيڪلوپيڊيا آف اسلام جي مقالہ نگار عبدالمقتدر شيخ محمد غوث گواليارئ جو ذڪر ڪندي لکي ٿو:

"علم تصوف ۾ سندس ڪيترين ئي تحريرون آهن جواهر الخمسہ کي تمام گهٽي شهرت حاصل ٿي جيڪو عربيءَ ۾ تحرير ٿيل آهي. 1549ع/956ع ۾ پاڻ ان کي مڪمل ڪيائون. جنهن بعد ان ۾ ترميمون ۽ اضافا ڪري ان کي فارسيءَ ۾ منتقل ڪيائون.

انڊيا آفيس لائبريري لنڊن ۾ موجود "پرشن قلمي نسخا" جي عنوان تحت

www.maktabah.org

چپيل پهريون جلد 1903ع ۾ جواهر الخمسه جي فارسي قلمي نسخي 1173هـ جو تعارف ڪرائيندي ايٽي رقمطراز آهي ته:

"شيخ محمد غوث عربيءَ ۾ علم تصوف جي متعلق جيڪو ضخيم ڪتاب لکيو آهي ان جو فارسي ترجمو آهي."

شيخ موصوف لاءِ اسٽوري جيڪو "فارسي ادب" جلد اول ۽ ثاني جو مصنف آهي. لکي ٿو:

"Author of the Arabic sufi work al-Jawahir al khamsa."

اهي جلد 1953ع ۾ لنڊن مان شايع پڻ ٿيا. اسٽوري پنهنجي تائيد ۾ بروڪلمن جو حوالو ڏئي ٿو. جنهن پڻ جواهر الخمسه کي عربي الاصل لکيو آهي. مگر ڪنهن به عربي نسخي نه ملڻ کان علاوه خود جواهر الخمسه جو مطالعو ان ڪتاب کي فارسي الاصل هجڻ ثابت ڪن ٿا.

محمد غوثي شطاري گلزار ابرار ۾ جواهر الخمسه مان جيڪي اقتباسات ورتا آهن، سي پڻ ان جي فارسي الاصل هجڻ جو دليل ڏئي رهيا آهن. هن همعصر بزرگ ڪٽي به اهو نه ڄاڻايو آهي ته اهو ڪتاب اصل عربي ۾ تحرير ڪيو ويو ۽ بعد ۾ ان جا فارسي ترجما ڪري نسخا تيار ڪيا ويا.

البت! ڪتاب ۾ عربي بوليءَ ۾ دعائون ۽ لفظن جو استعمال ڪنهن اهڙي ماڻهو لاءِ مغالطي جو سبب بڻجي سگهي ٿو. جنهن کي عربي ۽ فارسي لفظن جي فرق ڪرڻ ۾ ڏکيائي ٿيندي هجي.

اها ڳالهه واضح ٿيڻ کان پوءِ سوال اهو ٿو پيدا ٿئي ته ان فارسي ڪتاب جو عربيءَ ۾ ترجمو ڪڏهن ۽ ڪنهن ڪيو جو اها غلط فهمي پيدا ٿي. نواب صديق حسن خان شيخ وجيه الدين گجراتي (م 1589ع/998هـ) جي شاگرد سيد صبغة الله البروجي (م 1606ع/1015ع) جي حالات ۾ لکي ٿو:

"شيخ وجيه الدين گجراتي کان مختلف علم حاصل ڪيائين پوءِ ڪجهه عرصو درس و تدريس ۽ بيعت ۽ ارشاد ۾ مشغول رهيو. مڪه مڪرمه ۽ مدينه منوره به ويو ان کان علاوه بين مقامن جي به زيارت ڪيائين. تنهن کان پوءِ پروچ واپس وريو. (999هـ) ۾ مالوه به ويو ۽ بلاد دکن ۾ احمدنگر جي بادشاهه برهان الملڪ وٽ ترسيو. حرمين جو ٻيهر سفر ڪيائين، دوران سفر جڏهن بيجاپور آيو ته سلطان ابراهيم سندس وڏي خدمت ڪئي ۽ سفر جو

www.maktabah.org

سامان مهيا كيو. پاڻ وري سفر تي روانو ٿيو ۽ بالآخر مدينہ منوره ۾ پهتو. جبل احد جي پر ۾ سڪونت اختيار كيائين. موصوف جواهر الخمسہ كي فارسيءَ مان عربي ۾ منتقل كيو. 1015هـ ۾ مدينہ منوره ۾ وفات كيائين ۽ اتي ئي دفن كيو ويو." (نواب صديق حسن خان ابجد العلوم جزء ثالث رحيق المختوم مطبوعہ پوپال 1295هـ ص 898)

سبحة المرجان ۾ غلام علي آزاد بلگرامي بہ اهو لكيو آهي تہ سيد صبغة الله (1015هـ) جواهر الخمسہ جو معرب آهي.

بيان كيل حوالن جي پيش نظر اهو چئي ٿو سگهجي تہ شيخ محمد غوث گواليارى 1521ع / 928هـ ۾ جواهر الخمسہ فارسيءَ ۾ تحرير كئي. گجرات اچڻ كان پوءِ كجهہ دوستن جي چوڻ تي 956هـ ۾ ان ۾ اضافو ۽ ترميم كيائين. ان كان پوءِ صبغة الله البروجي (م 1015هـ) ان جو عربي ترجمو كيو.

قلمي نسخا:

جواهر الخمسہ جي ڇاپي كتابن كان علاوه كيترائي قلمي نسخا پاڪ ۽ هند ۾ ڏسڻ لاءِ ملن ٿا: جنهن مان كتاب جي مقبوليت جو اندازو ٿئي ٿو.

(1) سينٽرل لائبريري سنڌ يونيورسٽي:

جواهر الخمسہ جو هي نسخو كرم خورده آهي ۽ ناقص الاول والآخر آهي. ساڍئي جلد ۾ هڪ ٻيو قلمي نسخو كشف الاسرار آهي. جنهن كي فقير محمد بن شيخ عبداللطيف 26 جمادي الثاني 1120هـ تي كتابت كيو. جواهر الخمسہ جي نسخي متعلق گمان آهي، تہ ساڍي مس ۽ قلم سان تحرير كيو ويو آهي.

(2) نسخہ اسلاميہ كاليج پشاور:

هڪ نسخو اسلاميہ كاليج پشاور جي لائبريري ۾ موجود آهي.

(3) اسلامك ريسرچ انسٽيٽيوٽ بمبئي:

هي نسخو 1085هـ جو كتابت ٿيل آهي.

(4) دار المصنفين اعظم گڙهہ:

هي نسخو 1097هـ جو كتابت ٿيل آهي، جيكو كتبخانہ دارالمصنفين

www.maktabah.org

اعظم ڳڙهه ۾ موجود آهي.

(5) فورٽ وليم ڪالج لنڊن:

هي نسخو 1825ھ ۾ انڊيا آفيس لائبريري لنڊن ۾ آندو ويو. هن کي 8 صفر المظفر 1173ھ ۾ محمد واصل بيگ قادري ڪتابت ڪيو. هي نسخو ٽيپو سلطان شهيد جي ملڪيت ۾ رهي چڪو آهي.

(6) انڊيا آفيس لائبريري:

هي نسخو انڊيا آفيس حيدرآباد دکن مان حاصل ڪيو ويو ۽ جان سن جي مجموعي ۾ شامل آهي.

(7) نسخ بيجاپور لنڊن:

هي نسخو به انڊيا آفيس لائبريري ۾ موجود آهي.

(8) نسخ خدابخش لائبريري:

هڪ نسخو خدا بخش لائبريري پٽنه ۾ پڻ موجود آهي.

(9) برلن يونيورسٽي جو نسخو:

شيخ صبغة الله البروجي جو عربي ترجمو آهي، جيڪو برلن يونيورسٽي جرمنيءَ ۾ موجود آهي.

ان کان علاوه سنڌ ۾ ڪامل ۽ نامڪمل نسخا ڪيترين ئي خانگي لائبريرين ۾ موجود آهن. جن مان ڪجهه جو ذڪر بنده "خزينة المخطوطات" ۾ ڪيو آهي. مسيح الاولياء شيخ عيسيٰ جنداللہ جيئن ته حضرت غوث محمد گواليارئ جي خليفي شيخ لشڪر محمد عارف جو خليفه ارشد هو ان کري يارهين صدي يا ان کان بعد جي ڪجهه قلمي نسخن ۾ مسيح الاولياء جي حوالي سان پڻ ڪجهه وظائف شامل ٿي ويا آهن. جن ۾ لکيل آهي ته هن وظيفي شروع ڪرڻ کان اڳ هيترا نفل پڙهي ان جو ثواب حضرت مسيح الاولياء کي بخشيو وڃي.

تعليق نمبر: (4) صفحو 429

بوبڪن جي عباسي خاندان مان مخدوم جعفر بوبڪائي نالي وارو بزرگ ٿي گذريو آهي، سندس ڇهين جو سال اندازن 930ھ ٻڌايو وڃي ٿو. ابتدائي تعليم پنهنجي والد مخدوم ميران کان حاصل ڪيائين جيڪو پڻ

www.maktabah.org

معقولي ۽ منقولي علمن جو وڏو عالم هو شاھ حسن کي ب کجھ وقت تعليم ڏني هئي. سن 949ھ ۾ گذاري ويو ۽ مکليءَ تي سندس مزار آهي.

مخدوم جعفر رحمة الله عليه جي ابتدائي زندگي جو احوال کو گھٹو کونہ ٹو ملي. ديني علم سان گڏ نجوم، جعفر، رمل ۽ حڪمت ۾ ب نالو کڍيائين 958ھ ڏاري حج تي روانو ٹيو ۽ اتان جي عالمن کان پڻ استفادو حاصل کيائين .

تاريخ معصومي مقالات الشعراء ۽ تحفتہ الکرام ۾ سندس احوال موجود آهي روايت آهي تہ مخدوم صاحب آخري ايامن ۾ منطق کان پاسيرو ٹي ويو رڳو حديث ۽ تصوف سان گھٹو شغف رهڻ لڳس. تصوف ۾ ب احياءُ العلوم ۽ سهروردیہ سلسلي جي کتاب عوارف المعارف جي مطالعي ۾ گذاريائين ٹي. مخدوم صاحب پنهنجي هڪ تصنيف "حاصل النهج" جي تاريخ 976ھ تحرير ڪئي آهي، جنهن مان اندازو لڳايو ويندو آهي تہ سندس وفات ڏهين صديءَ جي آخر ڏاري ٹي. مخدوم صاحب جون هن وقت تائين هٽ آيل کجھ تحريرون هي آهن: المتانة في مرمة الخزانة، البشاره في العمل بالا شاره، الصادق المنصف المحق، عجالتہ الطالبين فتح الدارين حل العقود في طلاق السنود قرنتہ في مرنتہ نهج التعليم ۽ حاصل النهج.

تعليق نمبر (5) صفحو 429

مخدوم بلاول رحمة الله عليه متعلق کا ٹوري ڇاڻ ئي همعصر ۽ بعد جي کتابن ۾ ڇاڻائي وئي آهي. روايتن جو هڪ انبار آهي جنهن کي ڇنڊڇاڻ جي وڏي ضرورت آهي. هيءُ بزرگ نائين صدي جي پوئين اڌ ۾ ڇائو هو. کن سندس ڇر جي تاريخ 4 ربيع الاول 856ھ /1454ع تحرير ڪئي آهي. انهن ايامن ۾ پاڻ ٹلٹي سيوهڻ ۽ نٹو علمي مرکز طور مشهور هئا. پاڻ ابتدائي تعليم نٹي مان حاصل کئي. جنهن بعد مخدوم عمر وٹ ٹلٹيءَ ۾ پڻ رهي گھٹو کجھ پرايائين. انهيءَ شهر ۾ ئي شادي کيائين. پوءِ پرسان ئي باغبان جي ڳوٹ ۾ اچي رهيو. سندس تفسير حديث ۽ تصوف جي ڇاڻ متعلق پڻ حوالا موجود آهن. گذر سفر خاطر پاڻ کورکو کم اختيار کيائين. طريقت ۾ سندن تعلق سلسلہ کبرويہ سهروردیہ سان هو. عام طرح سان هن بزرگ کي "بلاول" لکيو پڑهيو ۽ اچاريو وجي ٹو. پر اهو "بلال" لفظ تي سنڌي

www.maktabah.org

لهجي جو رنگ آهي.

مخدوم عليه رحمة جي والد جو نالو مخدوم حسن بن مخدوم ادريس هو جيكو سنڌ جي حكمران ڄام نظام الدين عرف ڄام نندي جو پاءُ هو. سنڌ جي سلطان ڄام نظام الدين سنڌي تي پنجاهه سال شرعي قانون مطابق حكومت كئي. هن جي زماني ۾ سنڌ امن سكون، علم ۽ عرفان جو ڇڻ ڳڙهه هو. هن جي علم دوستي سبب عالم فاضل سندس گرد جمع ٿيڻ لڳا. سندس ذاتي دلچسپي سبب ملتان جي پسگردائيءَ جو هك عالم شيخ شهاب الدين السهروردي ثاني (802- 894) پاڻ جي علاقي ۾ اچي رهيو. جنهن كي اهو علاقو سندس ئي فرمان تحت جاگير طور مدد معاش لاءِ ڏنو ويو. جيئن هو دنياوي فكر كان اجو ٿي دين جي خدمت سرانجام ڏئي. جنهن سبب پاڻ جو هك غيرآباد علاقو هك علمي گهواري طور اپريو ۽ دنيا ۾ مشهور ٿيو. ڄام نندي جي وفات كانپوءِ سندس فرزند ڄام فيروز تخت نشين ٿيو. جنهن جي انتظامي كمزورين ۽ نااهلي سبب ارغونن كي سنڌ ۾ داخل ٿيڻ جو وجهه مليو. هو ملك فتح كندي نٽي پهتا. درياهه خان سن 927هـ 1520ع ۾ شهيد ٿي ويو. ڄام فيروز جي پيش پوڻ تي شروع ۾ لكي كان هيٺ وارو حصو سندس حوالي كيو ويو. بيگ نٽي فتح كرڻ كانپوءِ سيوهڻ فتح كيو. مخدوم صاحب هنن كي سنڌ جي مفاد خلاف سمجهندي. سندن خلاف تحريك جو آغاز كيو. نيٺ ٽلٽي جي ميدان تي جنگ لڳي جنهن ۾ كيترائي جوان شهيد ٿي ويا. اهڙي طرح سڄي سنڌ ارغونن جي هٿ اچي وئي. جنهن بعد شاهه بيگ مخدوم صاحب ۽ سندس ساٿين كڙي نظر ركي ۽ كيس شهيد كرڻ جا سانباها كيا.

مخدوم صاحب حكمران سمه خاندان جو هك باوقار فرد هجڻ كري سماجي حيثيت ركندڙ هو. ان جي باوجود سندس طبيعت ۾ درس و تدريس ڏانهن لاڙو رهيو. ۽ سهروردي سلسلي جو هي طالب مدرسي سان گڏ خانقاه جو به شيخ ٿيو جنهن كري سندس شاگردن ۽ خليفن ۾ كيترن ئي ناليوارين شخصيتن جو ذكر اچي ٿو. هندستان جو نامور مصنف ۽ شاعر حامد بن فضل الله جمالي دهلوي عربستان ويندي سنڌ ۾ به ترسيو هو ۽ مخدوم بلال سان ملاقي ٿيو هو لكي ٿو ته: "اڇكلهه نٽي جي علاقي ۾ هن خاندان جا اكثر

www.maktabah.org

مريد آهن. جيڪي مجاهده ۽ رياضت ڪن ٿا." هو وڌيڪ لکي ٿو. "سيوهڻ جي پر ۾ هڪ ڳوٺ آهي جنهن ۾ هڪ بلال نالي درويش رهي ٿو هو تمام گهڻي رياضت ڪندڙ ۽ پاڪ اعتقاد رکندڙ آهي. جڏهن مان اتي پهتس تہ ساڻس ملاقات ڪيم. سندس سامهون "عوارف المعارف" رکيو هو. هن حقير (جمالي) کان چند مقامات پڇيا. هو صاحب دل انسان هو." مخدوم بلال وانگر خود جمالي دهلويءَ جو تعلق بہ سهروردیہ سلسلي سان هو.

سيد ميران محمد جونپوري جڏهن مهدويت جي دعويٰ ڪري سنڌ ۾ آيو تہ ڇام نظام الدين ۽ درياهہ خان سندس تحريڪ ۾ حصو وٺڻ کانسواءِ صرف مهماني جا فرض انجام ڏيندا رهيا. پر مخدوم بلال ۽ سندس ساڻين جي سخت مخالفت سبب ڪيس نہ صرف هتي ناڪامي ٿي پر هو ترت سنڌ ڇڏڻ تي مجبور ٿيو.

مخدوم بلال جا ساڻي ۽ همعصر:

1- **مخدوم هنگورو سهروردي:** پاڻ مخدوم بلال جي اهم خليفن مان هو. سندس اصل نالو محمد عثمان هو پاڻ 871 هـ 1466ع ڌاري ڇائو. مخدوم بلال کان سهروردي سلسلي ۾ بيعت هو. وقت جو وڏو عالم باعمل هو. ارغونن خلاف تحريڪ ۾ پنهنجي مرشد سان گڏ هو. پاڻ گڇيرن ۾ سهرورد خانقاه سان گڏوگڏ هڪ ديني مدرسي جو پڻ بنياد رکيو. سندس مدرسو علم ظاهر ۽ باطن خصوصن حديث جي هڪ جامع هو. جنهن جو هڪ فيض ورهين تائين جاري رهيو. مخدوم صاحب جي وفات کانپوءِ ڪيس سندس مدرسي واري عمارت جي احاطي ۾ دفن ڪيو ويو. پاڻ 936 ڌاري وفات ڪئي. سندس مزار تي قبو اڏيل آهي.

2- **مخدوم رڪن الدين:** هن بزرگ کي ڪن ڪتابن ۾ مخدوم متو ۽ ڪن ۾ منو لکيو ويو آهي. جيڪو ممڪن آهي ڪتابت جي غلطي سبب ٿيو هجي. گذريل دور جي فارسي جي ماهر تاريخدانن آڏو "ن" جو لفظ تحرير ۾ آڻڻ جو سواءِ ان جي ٻيو ڪهڙو رستو هو جو هو ان کي "ت" جي صورت ۾ ئي لکي جان ڇڏائن. جيڪي متو کي انهيءَ صورت ۾ ئي پڙهڻ جا قائل آهن. سي ان کي جلالي هجڻ جي معنيٰ ۾ ونن ٿا.

مخدوم رُکن الدين عالم باعمل زهد و تقويٰ جو صاحب شريعت جو

www.maktabah.org

پابند پنهنجو وقت وظائف، طاعات ۽ عبادات ۾ صرف ڪرڻ وارو سالڪ هئڻ سان گڏ علم حديث ۾ پنهنجو ثاني نه رکندڙ صاحب قلم انسان هو. جنهن جون تصنيفون شرح اربعين، شرح ڪيداني ۽ ٻيا رسالا موجود آهن. جيئن تاريخ معصومي ۾ ڄاڻايل آهي. سندن اهي شرحون ولهار جي ڪتب خاني مان منتقل ٿي محترم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب وٽ پهتيون آهن.

مخدوم رڪن الدين پاڻ شهر جي مشهور برگزيده خانواده صديقي سان تعلق رکندو هو. هي گهراڻو علمي لحاظ کان هنڌ ۽ سنڌ ۾ مقبوليت رکندڙ هو. هن خاندان ۾ ڪيترائي جيد عالم نامور بزرگ درويش ۽ حڪيم پيدا ٿيندا رهيا. جيڪي پنهنجي ڄاڻ ۽ ڏاهپ سان علمي شمع کي روشن رکندا پئي آيا آهن. مخدوم صاحب سڄي عمر مخدوم بلال جو صحبتي، ۽ ساٿي رهيو. ظلم ۽ ڏاڍ خلاف سندس تحريڪ جو حامي هو. مخدوم بلال کانپوءِ پاڻ جي هيءَ سهروردي صديقيه خانقاه ۽ مدرسو پڻ ارغونن جي نظر ۾ ڪندو رهيو. مخدوم رڪن الدين پاڻ ڇڏي ٿتي ۾ رهائش اختيار ڪئي جتي هن هڪ مدرسو پڻ قائم ڪيو. ٿتي ۾ رهائش دوران پاڻ ارغون ۽ ترخان حاڪمن جي درباري حالتن ۽ عسڪري قوتن کان واقفيت حاصل ڪندو رهيو ته جيئن ٻيهر خلاف تحريڪ کي منظم ڪري سگهجي. پر اهو مقصد ماڻڻ کان اڳ پاڻ ٿتي ۾ ئي 949 هـ ڌاري وفات ڪئي ۽ ڪيس مڪلي جي تاريخي مقام ۾ دفنايو ويو. سندس فرزند شيخ يوسف سنڌي پڻ تاريخ ۾ پنهنجو نالو ڇڏيو.

3- **مخدوم سعد الله عرف ملان ساند:** وقت جو وڏو عالم فقيه ۽ تفسير جو ڄاڻو. مخدوم بلال جي ويجهن خليفن مان ٿي گذريو آهي. سندس مزاحمتي تحريڪ ۾ ساٿس گڏ رهيو. مخدوم سعد الله سانگهڙ ۽ نوابشاهه ضلعي جي سوڍن کي مخدوم بلال جي حڪم موجب درياهه خان جي پٽن سان ساڻ ڏيڻ لاءِ همٿايو. راڻي رئمل سوڍي جي اڳواڻيءَ ۾ سوڍن جو لشڪر تيار ڪيو ويو. سخي ڄام ڏاتار جي پرسان ارغوني حڪومت سان مزاحمتي تحريڪ جي مجاهدن جو پهريون معرڪو لڳو. جنهن ۾ مخدوم صاحب ۽ راڻيءَ کي فتح نصيب ٿي. جنهن سان تحريڪ جي سپاهين جي همٿ وڌي. سخي ڄام ڏاتار جي پرسان جنگ جي انهيءَ جاءِ کي اڄ به "بلاولي تڙ" سڏبو آهي جنهن بعد انهن ٿلٽي طرف پيش قدمي شروع ڪئي، جتي مجاهدن جو هي جٿو ڄام

www.maktabah.org

منڊ ۾ محمود خان سان اچي مليو. مخدوم بلال کانپوءِ ۾ حيات هو ۽ سکرنڊ ۾ مدرسو قائم کيائين. جتي ان وقت جي مروج اعلي ديني تعليم جو نصاب پڙهايو ويندو هو. سندس مزار سکرنڊ تعلقي ۾ روهڙي ڪٽنال جي اوپر ۾ ڳوٺ جمال ڪيريو جي لڳ هڪ قديم قبرستان ۾ موجود آهي.

4- **مخدوم حسن:** هي بزرگ پاٽوٽ جي علاقي ۾ ڄائو. مخدوم حسن سيد مير شاه سنائي جي معرفت مخدوم بلال جي صحبت اختيار ڪئي بعد ۾ ڪانئس تصوف جو درس ونڊي سهرور ديه سلسلي ۾ داخل ٿيو. مخدوم بلال رحمت الله عليه سهروردیه بزرگن جي. انهيءَ جماعت کي ڏارين جي ظلم ۽ ڏاڍ خلاف منظم ڪيو. انهيءَ تنظيم ڪاريءَ کي ئي بلاولي تحريڪ جو پٽ نالو ڏنو ويو آهي. مخدوم بلال جي وڇوڙي کان پوءِ هن پنهنجي حياتيءَ جا ڏينهن دين جي خدمت هڪ درسگاهه قائم ڪري ڪئي.

5- **مخدوم ساهڙ لنجار:** پاڻ سنڌ جي قديم سماڻ قبيلي جي لنجار شاخ مان هئو. پر مخدوم ساهڙ ۾ علم لاءِ چاهه ۽ عالمن جي صحبت جو ذوق بدرجه اُتم موجود هو. ڪيترن ئي عالمن کان علم پرائڻ کانپوءِ آخر ۾ مخدوم بلال رحمة الله عليه جي صحبت ۾ اچي رهيو. ۽ ڪانئس پٽ گهٽو ڪجهه پرايائين. مخدوم بلال کانپوءِ پنهنجي اباڻي ڳوٺ انڙ پور ۾ اچي رهيو ۽ اتي ئي وفات ڪيائين.

6- **شيخ مخدوم دانيال:** پاڻ اصل جيپور مان اچي سنڌ ۾ رهيو هو. مخدوم بلال جي صلاح تي باغبان ۾مدرسو قائم ڪيائين. صاحب قلم ۽ وقت جي وڏن عالمن ۾ سندس شمار ٿئي ٿو. مخدوم بلال پٽ سندس درس ۾ رهي فيض ورتو. مخدوم دانيال باغبان ۾ ئي وفات ڪئي ۽ اتي ئي سندس مزار آهي.

7- **سيد حيدر شاه سنائي:** پاڻ ابتدائي تعليم مخدوم عمر هالڪندي واري عالم وٽ ورتي. ان بعد ايران عراق جو سفر ڪندو مڪي شريف پهتو ۽ حج جي سعادت ماڻيائين. وطن واپس ورڻ ڪانپوءِ مخدوم بلال جي حلقي ۾ داخل ٿيو ۽ سندس خليفن ۾ شمار ٿيڻ لڳو. سيد ميران جونپوري جڏهن ڏٺي مان درياهه وسيلي باغبان وڃي رهيو هو تہ سيد حيدر سنائي سنڌ مٿان ايندڙ خطري کي محسوس ڪندي سن وٽ سيد ميران محمد جونپوري جي

www.maktabah.org

ٻيڙين تي پنهنجن ساٿين سان حملو ڪرايو. جنهن سبب سيد ميران محمد پنهنجي جان بچائي افغانستان روانو ٿيو. انهيءَ واقعي کان پوءِ جلدي شاهه بيگ ارغون سنڌ تي حملو ڪيو. سيد حيدر سنائي سياسي تبديلين کي محسوس ڪندي خفيه طور تي سن مان فرار ٿي گجرات هليو ويو. جتي ٽن سالن تائين جلاوطن رهي واپس موٽيو ۽ 937ھ ڌاري وفات ڪيائين.

8- **قاضي ڏتو سيوهاڻي:** ابتدائي تعليم پنهنجي والد قاضي شرف الدين عرف مخدوم راهو کان حاصل ڪيائين. جنهن بعد مخدوم بلال جي شاگردي اختيار ڪيائين. سنڌ ۾ مزاحمتي تحريڪ دوران انقلابي قوتن سان ساڻ ڏيڻ بجاءِ سرڪاري نوڪريءَ کي ترجيح ڏنائين. جنهن سبب مرزا شاهه بيگ کيس پنهنجي پٽ مرزا شاهه حسين جو استاد مقرر ڪيو.

مخدوم بلال جي شهادت: مخدوم بلال رحمة الله جي شهادت جو مسئلو هميشه بن راين ۾ ورهايل رهيو آهي. هڪڙا تاريخ جي ڪتابن کي سامهون رکندي سندس شهادت جا انڪاري آهن، جڏهن ته عوامي تاريخ ۽ روايتون ڪجهه ٻيوئي ٻڌائن ٿيون، ۽ سندس شهادت جي تاريخ 2 رجب 930ھ مطابق 4 مئي 1523 ٻڌائي وڃي ٿي.

تعليق نمبر (6) صفحو 445

گلزار ابرار ۾ غوثي سنڌ جي ڪجهه بزرگن جو احوال حضرت مسيح الاولياء شيخ عيسيٰ يا ساٽس متعلق ماڻهن کان ٻڌي تحرير هيٺ آندو آهي. ائين ڪٿي ڇڪجي ته اڪثر اهڙن ئي سنڌي بزرگن جو احوال هن ڪتاب ۾ نظر اچي ٿو جن جو سڌي يا اڻ سڌي طرح هن خانواده سان تعلق رهيو آهي. جيئن: شيخ مبارڪ پاڻائي، مخدوم عباس پاڻائي ثم هنگورجائي، مخدوم نوح، شيخ جلال متو، مخدوم جعفر، شيخ طيب طاب ثره، شيخ اسحاق قلندر، شيخ لاڏ جيوَ سنڌي، تاج العاشقين پور عبدالله سنڌي ۽ اسماعيل سومرو وغيره.

شيخ اسماعيل سومرو بلنديائي جو بزرگ هئڻ باوجود ايڏي شهرت جو حامل نه هو جو پنهنجي حياتيءَ ۾ ئي هندستان ۾ مشهور هجي، سندس شهرت نه رڳو غوثي تائين پهچي بلڪ هو سندس وفات جو سن 998ھ به معلوم ڪري وٺي. ملا اسماعيل سومره جو سنڌ ۾ رهائش دوران مسيح الاولياء ۽ سندس خاندان سان وابستگيءَ جو هجڻ ئي ملا غوثيءَ تائين سندس ذڪر جي پهچڻ جو

www.maktabah.org

سبب بڌيو. ملا اسماعيل سومري جو ذڪر خير گلزار ابرار ڪانسواءِ تاريخ تحفة الڪرام ۽ تذڪره مشاهير سنڌ ۾ پڻ موجود آهي. هي بزرگ سنڌ ۾ ئي مقيم هو هتي ئي رهي دين جي خدمت ڪيائين ۽ سنڌ ۾ ئي وفات ڪيائين. سندس ايرج پور وغيره وڃڻ جو ذڪر ڪنهن تصنيف ۾ نه ڏٺو ويو آهي.

تحفة الڪرام ۾ ڄاڻايل آهي:

"وڏو ولي ۽ نالي وارو بزرگ هو. چون ٿا ننڍپڻ ڪان پيريءَ تائين رياضتون ڪيائين. امير به هو. طرحين طرحين جا طعام ۽ شربت ناهي حقدارن طالب علمن ۽ مسافرن کي ڏيندو هو. پاڻ جوڻ جي مانيءَ سان افطار ڪندو هو. سندس ڪرامتون گهڻيون آهن 998هـ ۾ وفات ڪيائين."

غوثي پڻ سندس الڳ عنوان تحت ذڪر ڪندي سخا ۽ خانقاه جو ذڪر ڪيو آهي.

سندس مزار ضلع حيدرآباد سنڌ جي هڪ ڳوٺ گلاب لغاري جي ويجهو اگهم ڪوٽ ۾ آهي. سندس ايرج پور وغيره وڃڻ جو ذڪر ڪونه ٿو ملي. جنهن مان ثابت ٿئي ٿو ته همشيره صاحبه حضرت زينب رحمة الله عليها کي خواب جي بشارت حضرت اسماعيل پاڻ سنڌ ۾ ئي ڏني، جنهن سان حضرت مسيع الاولياءِ جي زاد بوم پاڻ سنڌ ئي ثابت ٿئي ٿي. حضرت مسيح الاولياءِ جي پيدائش جي وقت بشارت ڏيڻ ڪان سندس نون سالن جي عمر تائين درس قرآن ۾ رهڻ قرآن جي حافظ ٿيڻ تائين ڪيترا ئي سال ملا اسماعيل جو سنڌ ڪان ٻاهر وڃڻ ممڪن نه ٿو لڳي ڇو جو انهن ايامن ۾ پاڻ هتي مدرسه قرآن قائم ڪري ڇڪو هو. جنهن جي سنيال هو پاڻ ڪندو ٿي رهيو. سندس مختلف ملڪن جي سير جو زمانو به گهڻو اڳ جو آهي. حضرت مسيح الاولياءِ جي پيدائش ۽ بعد جي زماني ۾ ته پاڻ تعليم القرآن ۽ مدرسه قرآت جي حوالي سان وڏي شهرت ماڻي. سندس اهي مشغلا سنڌ ۾ ئي هئا. درس قرات ڪان علاوه پاڻ سلسلہ سهروردیہ ۽ قادريہ سان به منسلڪ هئا. وفات ڪان پوءِ درسگاهه جو انتظام سندس فرزند مخدوم حامد الله سنيالیو. والله عالم بالصواب. والله عالم بالصواب.

www.maktabah.org

تعليق نمبر (7) صفحو 485

"تفسير مجمع البحار"

تاريخ ۾ ڪيترين ئي شخصيتون ۽ ڪتاب، نالن جي هڪجهڙائپ سبب احوالن ۽ تفصيلن جي گڏ وڃڻ ٿيڻ جو ڪارڻ بڻيا آهن. انهن مان هڪ "شيخ طاهر محدث سنڌي" ۽ سندس تحرير "تفسير مجمع البحار" ٻه آهن.

ڏهين صدي هجريءَ ۾ شيخ محمد طاهر محدث (پٽني) ۽ شيخ محمد طاهر محدث (سنڌي) ٻه وڏي نالياريون شخصيتون ٿي گذريون آهن. لفظ "مجمع البحار" انهن ٻنهي بزرگن جي تصنيفات ۾ پڻ شامل رهيو آهي. اهوئي سبب آهي جو سندن سوانحعمريون پڙهڪ ٻئي ۾ گڏ وڃڻ ٿي ويون آهن. انهيءَ ڪري اسين ٻنهي شيخ طاهر صاحبان جي سوانح ۾ فرق ڪي سمجهڻ ڪان پوءِ ئي سندن تصنيفن ۽ مجمع البحار جي فرق ڪي بهتر انداز ۾ سمجهي سگهنداسين.

شيخ محمد بن طاهر پٽني: هندستان جي ممتاز محدثن مان هڪ آهي. پاڻ 910هـ/1504ع ۾ گجرات جي هڪ واهڻ پَٽن (نهروالہ) ۾ پيدا ٿيو. پٽن کي عربيءَ ۾ فتن ڪري لکيو ۽ پڙهيو ويندو آهي. قرآن حفظ ڪرڻ ۽ ابتدائي علم حاصل ڪرڻ کان پوءِ 944هـ ڏاري حجاز روانو ٿيو، جتي شيخ علي متقي کان فيضياب ٿيو. 950هـ ڏاري وطن واپس وريو ۽ بوهرن ۾ هندواڻيون رسمون ڏسي، اُنهن جي اصلاح لاءِ جدوجهد شروع ڪيائين ۽ مهدوين خلاف پڙ آواز اٺاريائين، جنهن تي هو سندس مخالف ٿي پيا. 980هـ ۾ جڏهن اڪبر گجرات تي حملو ڪيو ۽ پٽن فتح ڪيائين تہ شيخ طاهر سان پڙ ملاقات ڪيائين. ڪيس شيخ الاسلام جو عهدو ڏنائين ۽ پنهنجن هٿن سان سندس مٿي تي عمامو ٻڌائين. جڏهن عبدالرحيم خان خانان گجرات جو ناظم ٻڌجي آيو ۽ مهدوين جي تحريڪ زور ورتو، تہ هن پهريائين خان خانان جو ڌيان ان ڏانهن ڇڪايو، پوءِ پاڻ آگري وڃي اڪبر سان ملي، ان کي ختم ڪرڻ جي تياري

www.maktabah.org

ڪيائين. 986هـ ۾ سارنگ پور اُجين جي ويجهو مهدوين ڪيس گهيري ورتو ۽ تهجد نماز ۾ ڪيس شهيد ڪري وڌو.

سندس تصنيفن مان "مجمع البحار" مشهور آهي، جنهن جو سڄو نالو "مجمع بحار الانوار" آهي. هيءَ غريب القرآن ۽ غريب الحديث جي تشريح ۽ بين ڪيترن ئي باريڪ علمي نڪتن ۽ بحثن تي مشتمل آهي، جڏ ته هڪ حيثيت سان صحاح سته جي شرح آهي، اختصار سبب همعصر اهل قلم به ان ڪتاب کي صرف مجمع البحار ئي لکندا رهيا. اخبار الاخيار (999هـ) ۽ گلزار ابرار جي اردو ترجمي اذڪار ابرار ۾ به هن ڪتاب جو نالو اختصار سان 'مجمع البحار' ئي لکيل آهي.

شيخ طاهر محمد پٽني جو بوهره هجڻ:

محدث صاحب پنهنجي تصنيف تذكره الموضوعات جي ابتدا ۾ لکي ٿو: اصغب عبدالله القوي محمد بن طاهر بن علي الفتني الهندي مكناً ونسباً و البهرة لقباً الحنفي مذهباً يعني محمد بن طاهر بن علي پٽن جو باشندو سڪونت ۽ نسب جي اعتبار كان هندي ۽ لقب بوهره آهي ۽ حنفي مذهب رکي ٿو.

محمد بن طاهر جي حنفي ۽ سني هجڻ ۾ ڪنهن کي اختلاف ناهي، اڪثر عالم ان تي متفق آهن ته پاڻ بوهره قوم مان هئا. پر بوهره جن کي اسان اڪثر شيعه مذهب جو هڪ فرقو سمجهندا آهيون، تنهنجي اسين چندچاڻ ڪنداسين ته ان مان مراد ڇا آهي؟

سلطان محمد تغلق جي زماني ۾ ابن بطوط جڏهن گندهار پهتو ته راجه ڪان علاوه بوهرن جي سردارن جا چوڪرا سندس استقبال لاءِ آيا. ان مان ثابت ٿيو ته ان زماني ۾ بوهره موجود هئا. مجالس المؤمنين ۾ قاضي نورالله شوستري المتوفي 1019هـ ۾ لکيو آهي ته اڄ ڪان ٽي سؤ سال اڳ هن مذهب جو هڪ فاضل علي نالي هندستان ۾ آيو ۽ تبليغ ڪيائين.

پر بوهري ان کان گهڻو اڳ موجود هئا. بهرام جي ملاباري "گجرات

www.maktabah.org

ائنڈ گجراتي" ۾ ڇاڻايو آهي ته بوهري دراصل هندو هئا اهو ئي سبب آهي جو اڄ تائين منجهن هندو عقيدا ۽ رسمون موجود آهن ۽ بوهرن جا نسلي پائر ماروارڙ، راجپوتانا ۽ يوپي ۾ آباد آهن ۽ هندو بوهره سڏائن ٿا.

مسٽر آرنلڊ پريچنگ آف اسلام ۾ لکي ٿو ته هي 1100ع ۽ 1300ع دوران مسلمان ٿيا.

مٿئين حوالن مان سندن قديم تاريخ جا اهجاڻ ملن ٿا. مير نورالله شوستري وڌيڪ لکي ٿو ته بوهره پنهنجو معاش حرفت ۽ تجارت جي ذريعه حاصل ڪن ٿا. جيئن ته بوهره جو لفظ پنهنجي معنيٰ تي دلالت ڪري ٿو. جنهن جي هنديءَ ۾ معنيٰ تاجر آهي.

303هـ ۾ مشهور مورخ مسعودي پروچ ۽ ڪنائت آيو هو ڇاڻائي ٿو چي مور (متصل بمبئي) ۾ بغداد ۽ بصره ڪانسواءِ ڏهه هزار بياسره مسلمان آهن. قاموس ۾ آهي والبياسره جيل بالسند ليتا جرهم النواخذ لمحاربته العدو والواحد بسيري يعني بياسره سنڌ ۾ هڪ قوم آهي جن کي ناخدا ڪرائي تي دشمنن سان وڙهڻ لاءِ رکن ٿا.

ممڪن آهي ابتدا ۾ جيڪي تاجر جهازن تي انهن کي نوڪر رکي هند-سنڌ ۾ آڻيندا هئا، انهن کي بياسره چوندا هجن بعد ۾ اهو لفظ انهن لاءِ مخصوص ٿي ويو هجي، جيڪي عرب مان اچي مقيم ٿيندا هجن. جيڪو بعد ۾ بوهره ٿيو. گجراتي ۾ "س" کي "هـ" ڪرڻ ۾ دير نه ٿي لڳي جيئن "سارو" کي "هارو" بوهره لفظ جي معنيٰ عام تاجر هجي يا عرب مان ايندڙ تاجر الغرض اهو لفظ مسلمان تاجرن لاءِ ئي استعمال ٿيندو آيو آهي. واضح رهي ته مسلمان تاجرن جو پيڙو ڦرجڻ ئي محمد بن قاسر جو سنڌ ۾ اچڻ جو مهڙ بڻيو.

مولانا آزاد بلگرامي ۽ ڪجهه ٻين مورخن بوهرن کي نو مسلم لکيو آهي. جڏهن ته عام راءِ اها آهي ته ڪجهه نومسلم ۽ ڪجهه خاندان عربي النسل آهن. هندستان ۾ اڄ به ڪيترائي اهڙا علمي عربي النسل خاندان بوهره سڏجن ٿا.

www.maktabah.org

المختصر بوهره قوم هڪ اهڙي جماعت آهي، جيڪا مختلف نسلن ۽ قومن تي مشتمل آهي. ان ۾ سني بہ آهن تہ شيعا بہ عربي النسل بہ آهن تہ هندي النسل بہ ايراني ۽ عراقي بہ آهن تہ قديم الاسلام بہ آهن تہ نو مسلم بہ. تاجر بہ آهن تہ موجوده دور ۾ غير تاجر بہ غرض اها مختلف قومن ۽ نسلن جو مجموعو آهي.

شيخ محمد بن طاهر جو ڏاڏو علي پٽن جي وڏن تاجرن مان هو. انڪري اهي بوهره سڏجڻ لڳا. شروع ۾ سني ۽ اسماعيلي بوهره معاشرتي طور هڪ هئا. ان جو نتيجو اهو نڪتو تي جو اسماعيلي بوهرن جي رسمن جو اثر سنين تي بہ پيو جيڪي هو پنهنجي مذهب مطابق ادا ڪندا هئا. پر قرابت داري ۽ معاشرتي اتحاد سبب خاموش رهيا ٿي. شيخ پٽني هر ان رسم جي خلاف وعظ ڪرڻ شروع ڪيو جيڪي سني مذهب جي خلاف هيون. جنهن سان اسماعيلي بوهرن ۾ هل چل مچي وئي ۽ سندس مخالفت ڪيائون.

شيخ طاهر محدث سندي: شيخ محمد طاهر پٽني جي همعصر معروف شخصيت الشيخ العالم الكبير المحدث العلامة مجد الدين طاهر بن يوسف الحنفي الپاتري السندي الهندي جي آهي. پاڻ 920هـ ڌاري پاٽ سنڌ جي مشهور علمي گهراٽي ۾ تولد ٿيو. كحل الجواهر (اردو) قلمي ۾ سندن نسب متعلق هيئن لکيل آهي:

> ''شاہد عادل حضرت نعمان ثانی (مخدوم عبدالواحد سیوستانی) صاحب البیاض قدس سرہ کتاب کشف الحق تصنیف کی ہوئی حضرت مخدوم جعفر بن مخدوم میران عبدالکریم بوبکانی کے حاشیہ پر نسب اس حضرت شیخ طاہر قدس سرہ کا مندرج فرماتے ہیں، شیخ طاہر بن شیخ یوسف بن شیخ رکن الدین بن شیخ معروف بن شیخ شہاب الدین صدیقی سہروردی قدس اللہ سرہ العزیز۔''

هي شجرو مسيح الاولياء شيخ عيسيٰ جي عين المعاني ۽ بين خانداني شجرن سان مڪمل مطابقت رکندڙ آهي. سندن والد شيخ يوسف سنڌي نہ صرف سنڌ بلڪ هند ستان جي علمي حلقن ۾ وڏي شهرت رکندڙ هئا. پاڻ ويهہ حج ڪيائون.

www.maktabah.org

هندستان جي مختلف شهرن ۾ سندن ارادت جو وسيع حلقو موجود هو. هن "سيلاني عالم" جي شهرت ۽ هندستان جي مختلف شهرن ۾ رابطا، سندس فرزند شيخ طاهر محدث لاءِ برار ايلچ پور (ايرج پور) ۽ برهانپور ۾ آذرپاءُ ۽ بعد ۾ مستقل سڪونت جو باعث بڻيا.

تذڪره گلزار ابرار ۾ حضرت شيخ يوسف سنڌيءَ کي ڪجهه رسمي علمن جي حاصل ڪرڻ دوران حضرت مخدوم نوح هالائيءَ جو همدرس ڏيکاريو ويو آهي. پاڻ ۽ سيوهڻ جي خانداني قلمي دستاويزن مان ان حقيقت جي تصديق ٿئي ٿي ته شيخ طاهر محدث سنڌيءَ جي والده ماجده بيبي ڪزبانو حضرت مخدوم نوح جي قريبي عزيزه هئي.

تذڪره مشاهير سنڌ ۾ لکيل آهي ته محدث طاهر بن يوسف سنڌي ڪجهه ظاهري علم پنهنجي والد وٽ حاصل ڪيا. جڏهن ته ڪجهه مخدوم ميان جي ۽ مخدوم جعفر کان پڙهيائون.

غوثيءَ گلزار ابرار ۾ ڄاڻايو آهي ته شيخ طاهر محدث، پنهنجن سَوٽن شيخ معروف ۽ شيخ عثمان، جيڪي سيت پور مظفر ڳڙهه ۾ وڃي رهيا هئا ۽ اتان جي ننڍن وڏن جا مرشد ۽ مُربي هئا، تن کان تصوف ۾ وحدت الوجود جون ڳالهيون سکيون ۽ "مرصاد العباد" جو درس ورتائون. مگر انهن کي صحيح طرح تڏهن سمجهيائون، جڏهن گجرات اچي غوث العالم گواليارِيءَ جي خدمت ۾ رهيا.

شيخ طاهر جو سنڌ مان هِند وڃڻ:

شيخ طاهر محدث جي مريد ٿيڻ جو واقعو ڪيترن ئي قلمي ۽ ڇاپي ڪتابن ۾ ٿوري گهڻي ڦيرگهير سان موجود آهي. پاڻ ڪنهن سفر دوران جڏهن احمدآباد ۾ لٿل هئا ته کين غوث العالم شيخ محمد غوث گواليارِي قدس سره جي ان شهر ۾ موجودگيءَ جو اطلاع مليو. محدث صاحب ظاهري علمن ۾ وڏي مان مرتبي تي پهتل هئا. ڏينهن رات علمي مشغلن ۾ مڪمل ڏيان سبب روحاني رمزن وارو پهلو ڇڻ رهجيو رهجيو پئي ويو، تنهنڪري غوث گواليارِيءَ سان ملڻ لاءِ فوراً روانا ٿيا. محفل ۾ غوث گواليارِي جڏهن ڏانهن متوجهه ٿيا ته فرمايائون:

www.maktabah.org

شیشــه ایشــان خــوب پــاک اســت چــه نیکــو
بــود اگــر شــراب دریــن انداختــه شــود

يعني: اوهان جو شيشو چگيءَ طرح پاڪ آهي. ڪيترو نه سنو ٿئي، جيڪڏهن انهيءَ ۾ شراب وڌو وڃي.

تقويٰ ۽ شريعت جي صاحب شيخ طاهر محدث جي دل تي اها ڳالهه ناگوار گذري ته بزرگ کي ماٺهن جي پري مجلس ۾ "اُم الخبائث" جو نالو نه وٺڻ ڪپندو هو. طبيعت ۾ محسوس ٿيندڙ ڳراڻ سبب مجلس مان واپس ايندي ئي سفر جي تياري شروع ڪيائون. ڪجهه رستو اڳتي هليا ته کين هڪ نَئن کي پار ڪرڻو پيو، جيڪا مينهن جي چَرَ جي غلبي سبب چولان چول وهي رهي هئي. ان نَئن جي ڪناري تان هڪ ڳوٺ ڏٺائون، جتي ترسي پيا، پر ڪجهه ڏينهن گذرڻ جي باوجود نَئن جو پاڻي نه گهٽيو. علاقي جي ماٺهن جو چوڻ هو ته اسان پنهنجي عمر ۾ مينهن جي اهڙي بوڏ ۽ نَئن ۾ اهڙو جوش نه ڏٺو آهي. پاڻ موسم سبب ايندڙ خطرن جي پيش نظر جلدي احمد آباد واپس اچي رهڻ جو فيصلو ڪيائون ته پلي مينهن جي پُڃاڻي ٿئي.

هڪ ڏينهن سندن دل ۾ خيال آيو ته الله تبارڪ وتعاليٰ جلشانه قرآن ڪريم ۾ خمر جو نالو وٺڻ فرمايو آهي ۽ رسول پاڪ ﷺ جن به حديث شريف ۾ خمر جو ذڪر فرمايو آهي. پوءِ جيڪڏهن حضرت غوث العالم ماٺهن جي مجلس ۾ خمر جو نالو زبان تي آندو ته ڪهڙي خطا ٿي؟ اهو سوچي شيخ طاهر محدث هڪ دفعو وري غوث العالم جي مجلس ۾ ويا، جن کين ڏسندي ئي فرمايو ته: "اوهان ته هليا ويا، پر اسان اوهان کي نه ڇڏيو." پوءِ ته پاڻ سندن صحبت ۾ ڪجهه عرصو رهي پيا ۽ روحاني مقامات ۽ عالي مراتب احسن طريقي سان طئ ڪرڻ فرمايائون. پاڻ نه رڳو خلافت جي منزل تي فائز ٿيا، پر هن عالم بي بدل کي چوڏهن خانوادن جي خلافت پڻ عطا ڪئي ويئي.

راشد برهانپوريءَ پنهنجي ڪتاب "برهانپور کي سنڌي اولياءَ" ۾ متئين واقعي کي بيان ڪندي انهيءَ ۾ اهو اضافو پڻ ڪري ٿو ته شيخ طاهر سنڌي جو اهو

www.maktabah.org

سفر اهل و عيال ۽ متعلقين سان گڏ هو. ان ڏس ۾ هو كشف الحقائق (قلمي) كي بنياد بڻائي ٿو. جنهن لاءِ پاڻ ئي راءِ قائم كري ٿو ته اهو نسخو خبر ناهي ته كڏهن جو كتابت ٿيل آهي.

سليمان بن شيخ سعد الله جو كتاب "احوال مشائخ كبار" تاليف (حدود 1050هـ كان 1091هـ) جيكو مركز تحقيقات ايران و پاكستان اسلام آباد مان شايع ٿيو. ان جي صفحي 56 تي لكيل آهي ته:

"ملا فرحي كه بدو واسطه از مريدان فيض آستان..... شاهه وجيه الدين است در رساله كه مشتمل بر احوال مرشد حضرت شيخ عيسيٰ سندهي تاليف نموده...."

يعني كتاب كشف الحقائق جو مصنف اسماعيل فرحي، شيخ عيسيٰ سنڌيءَ جو ٻن واسطن سان مريد آهي.

ساڳئي كتاب جي آخر ۾ تعليقات اندر فرحيءَ جي پيدائش جو سن 1005هـ ڏيكاريو ويو آهي. جڏهن ته راشد برهانپوري كيس شيخ عيسيٰ (المتوفي 1031هـ) جي صحبت كامل ۾ 20 سال رهڻ ۽ ان جي آگاهيءَ سان ان كتاب تحرير كرڻ جي دعويٰ كندي تكميل جو سن 1061هـ ڏيكاري ٿو.

متضاد بيان ذهن ۾ ركڻ سان گڏوگڏ مسيح الاولياءَ جي سجادگي ۽ توليت تي انهيءَ دَور ۾ تكرار واري حقيقت كي پڻ نظر ۾ ركڻو پوي ٿو. پاڻ كي صحيح ۽ حقيقي وارث ثابت كرڻ جي جنون ۾ تحريف ۽ تخفيف جي عمل كي رد نه ٿو كري سگهجي. نتيجي طور كشف الحقائق جي موجود قلمي نسخن ۾ بيان كيل حالتن پٽاندر گهربل نتيجا حاصل كرڻ لاءِ تحرير كيل احوال كي هك پاسي ركي محض نصيحت ۽ وعظ مان استفادو حاصل كري سگهجي ٿو.

شيخ طاهر محدث جي هك ٻئي همعصر سوانح نگار محمد غوثي شطاري ماندوي هن مشهور كتاب "گلزار ابرار" ۾ سنڌ كان هند ڏانهن سفر كي "اتفاقي خيال" سان ڳنڍيندي هن طرح بيان كري ٿو. اردو ترجمي جا لفظ هي آهن:

www.maktabah.org

آپ کو اور آپ کے بڑے بھائی شیخ طیب کو باپ کے ہمراہ سفر کا اتفاق پیش آیا۔ تینوں اشخاص دانائے حقیقت آگاہ شناسائے فضیلت دست گاہ شیخ شہاب الدین سندھی کی ملازمت (خدمت) میں ایک گاؤں کے اندر پہنچے جو شیخ سندھی کے نام زد تھا۔ آپ نے شرح شمسیہ پڑھنے کی التماس کی۔ چونکہ شیخ شہاب الدین نے منطق کا درس اپنے مناسب حال نہیں سمجھا اس واسطے حجۃ الاسلام امام محمد غزالی کی منہاج العابدین پڑھنے کی طرف اشارہ فرمایا۔ کم وبیش دو ہفتہ کے اندر کتاب مذکور کو ان تینوں شخصوں نے لکھ کر سبق شروع کر دیا۔ اس کے بعد ہجری سنہ نو سو پچاس (۹۵۰) میں آپ کو یہاں سے خیال سفر ہوا۔ چنانچہ آپ گجرات کی طرف تشریف لے گئے۔ شہر بہروچ میں پہنچ کر غوث العالم شیخ محمد غوث قدس سرہ کی بابرکت صحبت سے بہت کچھ حصہ لیا۔ پھر اس صوبہ سے ملک دکن کی طرف روانہ ہوئے۔"

واضح رهي تہ راشد برهانپوريءَ "برهانپور کي سنڌي اولياءَ" جي صفحي 38 تي لکي ٿو تہ: مولانا غوثي حسن پنهنجي تذکره گلزار ابرار ۾ مسيح الاولياءَ جا حالات کشف تان ورتا آهن. جڏهن تہ کشف الحقائق جي تکميل جو سن 1061هـ ٻڌائي ٿو ۽ گلزار ابرار 1022هـ ۾ مڪمل ٿيو. انهيءَ کان علاوه کشف ۾ سفر جا کارڙ بيان ڪندي ٻڌايو ويو آهي تہ: شيخ طاهر محدث ۽ سندس ننديي پاءُ شيخ قاسم مع متعلقين همايون جي آمد سبب پيدا ٿيندڙ خراب حالتن جي پيش نظر اڻ ڄاتل منزل طرف هندستان جو رخ رکيو. جڏهن تہ همعصر غوثي، کشف جي برعکس شيخ يوسف، شيخ طاهر محدث ۽ سندس پاءُ شيخ طيب جو علم عرفان جي جستجو ۾ شيخ شهاب الدين واصل جي ڳوٺ مان "اتفاقاً" گجرات وڃڻ جو خيال لکيو آهي. يقيناً اهو سندن اختيار ڪيل هندستان ڈانهن ڪيترين ئي مسافرين مان ڪنهن هڪ سفر جو احوال آهي.

راشد برهانپوري جي چواڻي جيڪڏهن "گلزار" ۾ بيان ڪيل احوال کشف تان ورتل آهي تہ پوءِ ڇئبو تہ اهو کشف الحقائق اسان تائين پهچڻ ۾ تحريف ۽ تخفيف ٿيل نسخو پهتو آهي، جنهن کي بنياد بڻائي "برهانپور کي سنڌي اولياء" لکيو ويو. ڇو جو گلزار ۽ کشف جي راشد برهانپوريءَ

www.maktabah.org

واري نسخي ۾ هِند ڏانهن سفر متعلق واضح تضاد موجود آهي.

اهوئي سبب آهي جو سنڌي ادبي بورڊ، "برهانپور کے سندهي اولياء" کي تعليقات سان شايع ڪرڻ جو بندوبست ڪيو.

غوثي شيخ طاهر کي گجرات پروچ ۾ غوث عالم جي صحبت ۾ رهڻ کان پوءِ سندن سفر دکن طرف ڏيکاري ٿو. جتي هو مخدوم "ميان جي" جي ارادت جي حلقي ۾ داخل ٿيا. اتي کيترو عرصو رهيا ۽ انهيءَ وچ ۾ پاڻ ۽ سندس والد شيخ يوسف ۽ پاءُ شيخ طيب پنهنجي وطن پاٽ (سنڌ) ۾ کيترا دفعا آيا ويا. تنهن جي ذکر ڪرڻ کان سواءِ هو کين ڪجهه عرصي کان پوءِ ايرج پور (ايلچ پور) ۾ قيام ڪندي ڏيکاري ٿو ۽ خلافت جو خرقو به انهيءَ شهر ۾ مرشد کان ونندي ڏيکاري ٿو. پر اهو واضح نه ٿو ڪري ته ذکر کيل بن مان ڪهڙي مرشد کان ورتائون. ان شهر ۾ پاڻ ڪجهه عرصو رهيا. جڏهن احمد نگر جي مرتضيٰ نظام الملڪ ايرج پور تي قبضو ڪيو ۽ کيترا ماڻهو برار چڏڻ تي مجبور ٿيا. انهن ڏينهن ۾ شيخ طاهر محدث خانديش جي واليءَ جي درخواست تي برهانپور ۾ اچي رهيا. 1004هـ ۾ اتي ئي وفات ڪيائون. کين سندن عبادت جي حجري ۾ دفن ڪيو ويو. ڪجهه عرصي کان پوءِ عبدالرحيم خان خانان حجري جي جڳهه تي پختي پارهن دري نهرائي. اها پارنهن دري حضرت مسيح الاولياءَ شيخ عيسيٰ جنداللهؒ جي احاطي ۾ مرجع خلائق آهي. سندن وصيت هئي ته مٿن ڪوبه مقبرو يا گنبذ نه تعمير ڪيو وجي. پاڻ ڪيترين ئي تصنيفون چڏيائون. جن مان "تفسير مجمع البحار" مشهور آهي. هن تفسير متعلق غوثي لکي ٿو ته: لطائف قشيري جي طرز تي تحرير ٿيل آهي، جنهن ۾ طائفه صوفيه قدس سرهم جا نڪات ۽ اشارات تمام گهڻا موجود آهن. هن نايات تفسير جا ڪجهه صفحا غوثيءَ "گلزار ابرار" ۾ ۽ مسيح الاولياءَ شيخ عيسيٰ (المتوفي 1031هـ) پنهنجي "تفسير انوار الاسرار" ۾ نقل ڪيا آهن.

شيخ طاهر محدث سنڌيءَ جي پائٽي مسيح الاولياءَ شيخ عيسيٰ جنداللهؒ پڻ هڪ معرڪة الآرا تفسير "انوار الاسرار" جي نالي سان لکيو. اداره پاڻ

www.maktabah.org

هائوس (حيدرآباد) 1998ع ۾ سورة الطور کان سورة الحديد تائين کل ڇهه سورتون ۽ ارڙهن رکوع ڇپرايا، جنهن ۾ شيخ عيسيٰ پڻ جابجا تفسير "مجمع البحار" جا حوالا ڏنا آهن. انهن جا اقتباس هتي پيش ڪرڻ سان هڪ ته ان ڳالهه جي تصديق ٿئي ٿي ته تفسير "مجمع البحار" شيخ طاهر ابن يوسف محدث سنڌيءَ جن جو ئي تحرير ٿيل آهي، جيڪي حضرت مسيح الاولياء رح جن جا چاچا پڻ ٿين. ٻيو ته همعصر عالمن آڏو تفسير "مجمع البحار" جي اهميت به ثابت ٿئي ٿي.

تفسير انوار الاسرار مان ڪجهه اقتباس:

صفحو 53:

(1) وفي مجمع البحار عن بحر الحقائق الكلام يشير الي ان طبيعة الانسان متنفرة عن حقيقة الدين مجبولة علي حب الدنيا وشهواتها والجوهر الروحاني الذي جعل علي فطرة الاسلام في الانسان مودع بالقوة كالجوهر في الجسد....

ترجمو: "تفسير مجمع البحار ۾ تفسير بحر الحقائق جي روايت نقل ڪئي وئي آهي ته ڪلام هن ڳالهه ڏانهن اشارو ٿو ڪري ته بيشڪ انسان جي طبيعت دين جي حقيقت کان نفرت ڪندڙ آهي جا دنيا ۽ ان جي خواهشات جي محبت تي خلقيل آهي ۽ روحاني جوهر اُهي آهن، جيڪي اسلام جي فطرت تي انسان ۾ پيدا ڪيا ويا آهن....."

صفحو 112:

(2) وفي مجمع البحار للشيخ المختار طاهر الاطهار عن التفسير المعيني فلما بلغ فوق السموات في مكان مرتفع وصحبه جبرئيل حتي جاوز سدرة المنتهيٰ فقال له جبرئيل اني لم اجاوز.

ترجمو: "تفسير مجمع البحار طاهر الاطهار شيخ طاهر محدث جو لکيل آهي، تنهن تفسير مغينيءَ کان روايت ڪئي آهي ته: "جڏهن رسول الله ﷺ جن آسمانن جي مٿان بلند مڪان تي پهتا ۽ سندن رفاقت ۾ حضرت جبرئيل عليه السلام پڻ هو- ايتري تائين جو سدرة المنتهيٰ کان لنگهيا، پوءِ

www.maktabah.org

حضور ﷺ جن جي خدمت ۾ عرض ڪيائون تہ آءٌ هن جاءِ ڪان اڳتي نہ هلندس...."

صفحو 217:

(3) وفي مجمع البحار للعم المختار عن العرش اذا جاهدوا النفس وقهروها بتائيد الله او صلي الله عليه وسلم الي مقام مشاهداته وهي جنة العارفين فاذا بلغوا الي درجات المعرفة لم يحتاجوا الي نهي النفس....

ترجمو: "۽ چاڇا سائين جي تفسير مجمع البحار ۾ ڄاڻايل آهي تہ: جڏهن الله تعالي جل شانه جا ٻانها الله رب العزت ۽ سندس رسول مقبول ﷺ جي تائيد ۾ مقامات مشاهدات تائين نفس سان جهاد ڪندا آهن ۽ مٿس ڏاڍ ڪندا آهن تہ اهو عارفن جو بهشت آهي. پوءِ جڏهن معرفت جي درجن کي پهچندا آهن تہ نفس کي خواهشات کان روڪڻ لاءِ محتاج نہ ٿيندا آهن... ."

صفحو 286:

(4) وفي مجمع البحار للعم المختار اكثر المفسرين علي انه اشارة الي انة تعالي يصون من عذاب الدنيا كل من شكر نعمة الله بالطاعة والايمان....

ترجمو: "ڇاڇي محترم حضرت شيخ طاهر محدث جي تفسير مجمع البحار ۾ مذڪور آهي تہ اڪثر مفسرين جو هي خيال آهي تہ الله تعالي جل شانه هر ان ماڻهوءَ کي جنهن سندس نعمت جو شڪر فرمانبرداري ۽ ايمان سان ادا ڪيو، تنهن کي دنيا جي عذاب کان بچائي ٿو....."

صفحو 295:

(5) وفي مجمع البحار عن عائشة رضي الله عنها ان النبي صلي الله عليه وسلم قال مجوسي هذه الامة القدرية....

ترجمو: ۽ تفسير مجمع البحار ۾ حضرت بيبي عائشه رضي الله عنها کان روايت نقل ڪئي ويئي آهي تہ: حضور انور ﷺ جن فرمايو تہ: قدرية هن امت جا مجوسي آهن.

www.maktabah.org

صفحو 298:

(6) وفي مجمع البحار عن اللطائف في الحديث لكل امة مجوس ومجوس امتي القدرية الذين يقولون لا قدر...."

ترجمو: ۽ تفسير مجمع البحار ۾ ڪتاب لطائف مان نقل ڪندي لکي ٿو ته حديث ۾ آهي ته (حضور ﷺ جن فرمايو ته) هرهڪ امت ۾ مجوسي هوندا آهن ۽ منهنجي امت جا مجوسي قدريه آهن. جيڪي چون ٿا تقدير ڪانه آهي....

صفحو 351

(7) وفي مجمع البحار للعم المختار الشيخ طاهر الاطهار سئل رسول الله صلي الله عليه وسلم عن ذالک الشان فقال من شانه ان يغفر ذنبا ويفرج كربا ويرفع قوما ويضع آخرين.

ترجمو: "چاچي سائين شيخ طاهر جن مجمع البحار ۾ فرمايو آهي ته: رسول الله صلي الله عليه وآله وسلم جن ڪان سوال ڪيو ويو ته اهو شان ڇا آهي؟ (قرآن جي آيت ڪل يوم هو في شان) پاڻ سڳورن ﷺ جن فرمايو ته: الله تعاليٰ جل جلاله جي شان مان هيءَ ڳالهه آهي ته گناهن کي بخشڻ، ڏک ڏور ڪرڻ، ماڻهن کي ترقي ۽ تنزل تي آڻڻ يعني هڪ قوم کي بلند ڪرڻ ۽ ٻيءَ قوم کي پست ڪرڻ....."

صفحو 378 (8):

وفي مجمع البحار للعم المختار عن جامع البيان لا ينظرون الي الغير.

ترجمو: چاچي سائينءَ جي تفسير مجمع البحار ۾ جامع البيان ڪان روايت آندل آهي ته: هو (جنتي زالون) پنهنجي مڙسن سان پيار ۽ محبت ڪرڻ ڪري غير مردن ڏانهن نه ڏسنديون.

صفحو 389

(9) وفي مجمع البحار للعم المختار قدس سره عن النيسابوري اسفل منهما في المكان او في الفضل او فيهما وهو الاظهر.

www.maktabah.org

ترجمو: منهنجي پياري چاچي شيخ طاهر محدث قدس سره پنهنجي تفسير مجمع البحار ۾ تفسير نيشاپوري کان هڪ روايت آندي آهي ته: هي ٻئي باغ پهرين ٻن باغن کان جاءِ جي اعتبار کان يا فضيلت جي اعتبار کان يا جو ڪجهه انهن ٻنهي باغن ۾ آهي، مرتبي ۾ گهٽ آهن ۽ اها ظاهر ڳالهه آهي....."

صفحو 395

(10) وفي مجمع البحار عن ابن عباس رضي الله تعالىٰ عنه الخيمة درة مجوفة فرسخ في فرسخ فيها اربعة آلاف مصراع من ذهب....."

ترجمو: تفسير مجمع البحار ۾ حضرت ابن عباس رضي الله عنه کان روايت مرقوم آهي ته: جنت ۾ هڪ خيمو کوکلي موتيءَ جو هوندو، جنهن جي ويڪر ۽ ڊيگهه هڪ هڪ فرسخ هوندي، ان ۾ چار هزار دروازا هوندا ۽ سيني جون چائنڻون سون جون هونديون.

(11) وفي مجمع البحار مرفوعا ان ارتفاعها كما بين السماء والارض.

ترجمو: مجمع البحار ۾ مذڪور آهي ته اهي بسترا وڏا اوچا هوندا ۽ ٻنهي بسترن جي وچ ۾ ايترو مفاصلو هوندو، جيترو آسمان ۽ زمين جي وچ ۾ آهي.

غوثي، تفسير مجمع البحار جي متعلق وڌيڪ لکي ٿو ته، "هڪ ڏينهن ان تفسير جا ڪجهه جزا ڪشف ۽ شهود ۾ مستغرق شيخ لشڪر محمد عارف شطاري قدس سره جي نظر مان گذريا ته ڏاڍو خوش ٿيو ۽ فرمايائين ته هن رنگين ڪتاب جو مصنف پنهنجي حسنات جي جزا جو اندازو شايد قيامت جي ڏينهن ئي لڳائي سگهي ٿو، ڇو جو اهو اندازو اڄ ان حسنات جي ڪيفيت بيان ڪرڻ سان ادا نه ٿي سگهندو."

ان تفسير جي شهرت جو اندازو ان مان به لڳائي سگهجي ٿو ته فاضل مصنف جڏهن ان کي لکي رهيا هئا ته غوثيءَ جي تحرير مطابق وقت جي حاڪم عادلشاهه فاروقي [راجه علي خان] عرضداشت پيش ڪئي ته ان عظيم تفسير جي ڪنهن

www.maktabah.org

کنڊ ۾ جيڪڏهن منهنجو نالو لکيو وجي ته اهو سندس لاءِ دارين جي برڪت جو باعث ٿيندو.

شيخ طاهر محدث سنڌي طفال خان جي نالي هڪ "ابتدائيه" تفسير ۾ تحرير ڪري چڪا هئا، انڪري خطبه ثاني راجه علي خان جي استدعا تي تحرير ڪيائون. ان واقعي جو "گلزار ابرار" جي اردو ترجمي ۾ تفصيل هن طرح ڇاڻايل آهي:

> "فرمانروائے صوبے (خاندیس) علی عادل شاہ فاروقی [راجے علی خان] نے مولانا حسین شیرازی کو جو حکمت کے فنون اور عقلی علوم میں اپنا نظیر نہیں رکھتے تھے اور ندیم خاص جلال خان براری کو، جن کو رسمی علوم میں دستگاہ تھی، مصنف (شیخ طاہر محدث سندھی) کی خدمت میں بھیجا تھا اور التماس کی تھی کہ اگر اس پاسبان خلائق کا عہد اس کتاب میں درج کیا جائے تو غایت درجہ عنایت ہوگی۔ آپ نے یہ التماس قبول فرمائی، اس وجہ سے کتاب ہذا کا خطبہ دو طرح پر واقع ہوا۔"

ان معرڪة الاراء تفسير جي اشاعت ۽ حفاظت ڪان برهانپور وارن جي عدم دلچسپي حيرت جوڳي آهي. جيڪڏهن علامه غوثي ان عظيم تفسير جا نمونا پيش نه ڪري ها ته سنڌ جي هڪ عالم فاضل جي اها ڪاوش بنان ڪنهن تعارف جي تاريخ جي گمنام گوشي ۾ هلي وجي ها. ان جو هڪ وڏو سبب يقيناً شيخ طاهر محدث ۽ سندن پائٽي مسيح الاولياء شيخ عيسيٰ جنداللہ پاڻائي ثم برهانپوري جن جي وفات ڪان پوءِ سندن لائق فائق حقيقي اولاد ڪي عظيم ڪتب خانه مسيحي ۽ خانقاه جي معاملن ڪان رفته رفته دور ڪڍ هو.

راشد برهانپوري، 'برهانپور ڪي سنڌي اولياء' ۾ 1265هه ڌاري سنڌي پوره جي تباهي هڪ وڏي باهه لڳڻ سبب بيان ڪري ٿو. جڏهن ڪيترين ئي عمارتون سڙي خاڪ ٿي ويون. سواءِ حضرت مسيح الاولياء شيخ عيسيٰ جنداللہ ۽ سندس چاچي مڪرم شيخ طاهر محدث جي مزارن ۽ ان سان لاڳاپيل مزار ۽ مسجد. جيڪي محفوظ رهيون. ڪجهه ماڻهو انهيءَ سانحي ۾ سنڌي پوره جي علمي خزاني جي ختم ٿيڻ جي پڻ ڳالهه ڪن ٿا. جڏهن ته برهانپور ۾ موجود ذڪر ڪيل

www.maktabah.org

بزرگن جي ڏهتاڻ ۾ عزيزن، بنده تي خطن ذريعي واضح ڪيو آهي تہ اهو علمي خزانو ورهاڳيٰ وقت سندن عزيز سيد شريف الدين پيرزادو پاڻ سان (پاڪستان) کڻي ويو. والله اعلم.

"مجمع البحار" متعلق اقتباس:

"گلزار ابرار" جي مصنف باوجود ملاقي ۽ همعصر هئڻ جي مغالطي سبب ڪيترين ئي غلطيون ڪيون آهن. تفسير "مجمع البحار" ۽ "مجمع بحار الانوار" جا مڪمل نالا ڏيڻ بجاءِ سهواً صرف "مجمع البحار" لکندو رهيو- پوءِ پلي اهو شيخ طاهر محدث سنڌيءَ جو ذڪر هجي يا شيخ محمد طاهر پٽنيءَ جي سوانح جو.

همعصر سوانح نگار غوثي، "گلزار ابرار" ۾ ياد شيخ محمد ابن طاهر (پٽني) نهروال جو ذڪر ڪندي لکي ٿو: "مجمع البحار نالو هڪ مشڪل ڪشا شرح احاديث جي صحاح ستہ تي آهي، جيڪو سندس ئي قلم سان لکيل آهي."

شيخ طاهر محدث سنڌي جي احوال ۾ وري غوثي هن طرح رقمطراز آهي: "ذڪر ڪيل تصنيفن مان هڪ تفسير 'مجمع البحار' آهي، جيڪو لطائف قشيريءَ جي اسلوب تي طائفہ صوفيہ قدس سره جي نڪتن ۽ اشارن تي مشتمل آهي."

هڪ ٻيو همعصر مصنف شيخ عبدالحق محدث دهلوي پنهنجي تصنيف اخبار الاخيار ۾ شيخ طاهر پٽني متعلق ڇاڻائي ٿو: "و در علم حديث تواليف مفيده جمع كرد از انجمله كتابي است كه متكفل شرح صحاح است مسمي به "مجمع البحار" و رساله ديگر الخ"

مولانا غوثي گلزار ابرار ۾ مجمع البحار جي مصنف جو نالو شيخ محمد ابن طاهر نهروال لکيو آهي. غلام علي آزاد بلگرامي مآثر الكرام ۾ مجمع البحار جي مصنف جو نالو شيخ محمد بن طاهر الفتني (پٽني) لکيو آهي ۽ ان ڪتاب جو نالو غرائب الحديث لکيو آهي. علي شير قانع تحفة الكرام ۾ ۽ مفتي غلام سرور لاهوري خزينة الاصفياء ۾ جيڪو شيخ طاهر لاءِ لکيو آهي، اهو اخبار الاخيار جو نقل آهي.

www.maktabah.org

مولوي خليل الرحمن برهانپوري "تاريخ برهانپور" (مطبع مجتبائي دهلي 1327ھ) ۾ شيخ علي متقي رحمة الله عليه جي خليفن جو ذڪر ڪندي ٻين نالن سان گڏ شيخ محمد طاهر پٽني (مصنف ڪتاب مجمع البحار) جو پڻ ذڪر ڪيو آهي، مگر ڪتاب جو نالو صرف مجمع البحار لکيو اٿس. سندس موضوع ڪهڙو آهي، تنهن جو ذڪر ئي نه ڪيو اٿس.

ساڳئي ڪتاب ۾ حضرت مولانا شيخ قاسم (والد مسيح الاولياء شيخ عيسيٰ جنداللہ پاڻائي سنڌي) جي ذڪر ۾ تاريخ الاولياء جو حوالو ڏيندي چوي ٿو:

"وہ (شیخ قاسم سندھی) فرزند مولانا سندھی برہانپوری کے اور بھائی شیخ محمد پٹنی صاحب مجمع البحار کے تھے۔ حضرت شاہ عیسیٰ جنداللہ خلف الصدق حضرت شیخ محمد قاسم کے ہیں۔"
(تاریخ برہانپور ص ۱۲۶ طبع ثانی مطبوعہ کوثر پریس برہانپور)

تاريخ برهانپور جي انهيءَ اقتباس مان اهو ثابت ٿئي ٿو ته نه رڳو اهل سنڌ جي ڪجهه عالمن ۾ شيخ طاهر سنڌي پاڻائي ۽ شيخ طاهر پٽني متعلق مغالطو رهيو، بلڪ اهل برهانپور پڻ سندن متعلق احوال کي گڏ وڇڙ ڪري ويا آهن ۽ سندن تصنيفن متعلق پڻ غلط فهميءَ جو شڪار ٿي ويا آهن. مخدوم محمد روشن 1356ھ / 1937ع ۾ تاريخ پاڻ لکي تنهن ۾ پڻ بنهي طاهر صاحبان جو احوال پاڻ ۾ ملائي ويو آهي. اهو ڪتابڙو تحرير ڪرڻ وقت فاضل مصنف يقيناً تاريخ برهانپور ۽ ٻيا اهڙا ڪتاب سامهون رکيا هوندا.

علي شير قانع ٺٽوي تحفة الكرام جلد اول ۾ لکي ٿو:

"و در علم حديث تواليف مفيد جمع كرد از انجمله كتابي است كه متكفل شرح صحاح سته مسمي به مجمع البحار و رساله ديگر."

هي اخبار الاخيار جو لفظ به لفظ نقل آهي.

غلام علي آزاد بلگرامي مآثر الكرام ۾ شيخ طاهر الفتني قدس سره جو ذڪر ڪندي لکي ٿو:

www.maktabah.org

"تواليف مفيده وارد مثل البحار و غريب الحديث.... الخ"

خزينة الاصفياءَ جلد اول ۾ غلام سرور لاهوري شيخ طاهر گجراتيءَ جو ذڪر ڪندي هيئيان لفظ استعمال ڪيا:

"و در علم حديث تواليف مفيد جمع كرد از انجمله كتابي است كه متكفل صحاح است مسمي مجمع البحار و رساله ديگر.... الخ"

شيخ طاهر محدث سنڌي ۽ شيخ طاهر پٽني لاءِ تاريخ اولياءَ (اردو) ۾ هن طرح لکيل آهي:

"محدث بے بدل مفسر بے عدیل فقیہ لاثانی تھے اور مکہ میں شیخ علی متقی سے خرقہ خلافت حاصل کیا اور پھر اپنے وطن کی جانب آ کر تمام بدعات کو ملک گجرات سے دور کیا۔ تصانیف آپ کی متکفل شرح صحابہ [يقيناً هي لفظ صحابہ نہ صحاح آهي] مسمی مجمع البحار"

هڪ ٻئي هنڌ شيخ محمد طاهر پٽني [پاٽائي] محدث جي حالات ۾ لکي ٿو:

"شیخ برخوردار سندی و شیخ اجل علی ابن حسام الدین متقی سے فیض کثیرہ حاصل کیا۔ بڑے متقی پرہیزگار صاحب تصانیف کثیرہ ہیں۔ چنانچہ مجمع البحار تذکرہ موضوعات وغیرہ....."

ڪجھ مصنفين آڏو پٽني (پٽنہ) ۽ پاٽائي (پاٽ) لفظ ۾ مغالطي جو سبب ٻڌيا آهن.

آزاد بلگراميءَ جي "سبحة المرجان" ۾ ڏنل شيخ طاهر محدث ۽ سندس ڏاڏي شيخ عبدالقادر مڪي مفتي مڪه شريف جو احوال ڪڏهن شيخ طاهر پٽني ۽ ڪڏهن پاٽائي سان گڏ وڇڙ ڪيو ويو آهي. اهو پڻ واضح ڪندو هلجي ته اڪثر تاريخن ۾ شيخ پٽنيءَ جو نالو شيخ محمد بن طاهر پٽني گجراتي ڄاڻايل آهي. گلزار ابرار جو صاحب غوثي پڻ شيخ پٽنيءَ جو همعصر آهي. هن جي ڪتاب ۾ اسماءُ الرجال جي فهرست حروف تهجي جي حساب سان ترتيب ڏنل آهي. "ط" جي باب ۾ صرف شيخ طاهر محدث پاٽائيءَ جو نالو ڏنل آهي. شيخ طاهر پٽنيءَ جو موجود ڪونهي. جڏهن ته "م" جي عنوان ۾ شيخ محمد بن طاهر پٽني موجود آهي. ڪنهن نثري مضمون جي ڪتابت جو معاملو هجي ته

www.maktabah.org

ڪتابت جي غلطيءَ جو گھٽو امڪان رهي ٿو. جڏهن ته اهو امڪان نالن جي فهرست جوڙڻ ۾ گھٽ ئي ٿئي ٿو. ان ڪان علاوه اڪثر تذڪرن ۾ شيخ طاهر پٽنيءَ جو نالو شيخ محمد بن طاهر پٽني نظر اچي ٿو. تازو اداره اسلاميات لاهور جو ڇپايل ڪتاب "المغني" نظر مان نڪتو. جيڪو شيخ محمد بن طاهر پٽنيءَ حديث جي راوين جي نالن جي صحيح تلفظ ڄاڻڻ لاءِ تحرير ڪيو هو. ان تي پڻ سندس نالو محمد بن طاهر الحنفي گجراتي صاحب مجمع بحار الانوار لکيل آهي. ان مان ثابت ٿئي ٿو ته صاحبِ مجمع بحار الانوار جو اصل نالو شيخ محمد بن طاهر پٽني گجراتي آهي، جيڪو سهواً شيخ طاهر پٽني لکيو ۽ پڙهيو وڃي ٿو.

شيخ طاهر سنڌيءَ جون تصنيفون:

(1) مختصر قوة القلوب

(2) منتخب مواهب لدنيه

(3) ملتقط جميع الجوامع سيوطي

(4) موجز قسطلاني: غوثي لکي ٿو ته ان کان وڏي بخاريءَ تي ڪابہ شرح موجود نہ آهي. وڏا ٻارنهن دفتر ٻن لکن بيتن [سطرن] ۾ مختصر ٿيل آهن.

(5) تفسير مدارک: غوثيءَ جي بيان مطابق اهو ڪتاب پنهنجن ٻن فرزندن شيخ عبدالله ۽ رحمة الله واسطي لکيائينْ ۽ اُن جي شروعات هن طرح ڪيل آهي: "قال ابو عبدالله طاهر بن يوسف رحمة الله"

(6) اسامي رجال صحيح بخاري: هيءَ شرح ڪرمانيءَ جي طرز تي آهي.

(7) رياض الصالحين: هن جي فهرست ٽن حصن ۾ ورهايل آهي، جن ڪي روضن جو نالو ڏنو ويو آهي.

روضۂ اول: احاديث صحيح جو بيان

روضۂ ثاني: مشائخ عظام، غوث پاڪ، امام غزالي، ابو طالب، شيخ الشيوخ عمر بن محمد شهاب الدين سهروردي، زين الدين، شيخ علي متقي

www.maktabah.org

روضۂ ثالث: اهل عرفان ۽ وجدان متعلق عبارتون.

حضرت شيخ طاهر کي پنهنجي دور جو ڪامل ولي ۽ عالم بي بدل تسليم ڪيو وجي ٿو. ان دور جا وڏا وڏا عالم ۽ صوفي سندن صحبت ۾ چند گھڙيون ميسر ٿيڻ کي سعادت دارين تصور ڪندا هئا. ڪين ٽيهه هزار حديثون زباني ياد هيون.

مددي ڪتاب:

(1) تفسير انوار الاسرار

(2) ڪحل الجواهر اردو قلمي (ڪتب خانہ ذاتي)

(3) گلزار ابرار

(4) پاٽ پراڻيءَ جي تاريخ

(5) تاريخ باب الاسلام

(6) انساب مشائخ سيوستان

(7) برهانپور کي سندهي اولياءَ

تعليق نمبر(8) صفحو 485

شيخ شهاب الدين السهروردي الپاٽائي (ثاني)
(802- 894هـ) مدفن بڪر

نسب:

شيخ شهاب الدين السهروردي ثاني الپاٽائي بن ابو محمد عبدالله نورالدين (786- 849هـ / 1384- 1445ع) بن شيخ سراج الدين ابراهيم (732- 811هـ / 1336- 1408ع) بن شيخ وجه الدين (699- 780هـ / 1299- 1378ع) ابن شيخ مسعود (739- 848هـ) ابن شيخ رضي الدين (632- 695هـ / 1234-1295ع) بن شيخ قاسم (589- 652هـ) ابن شيخ محمدو هو معروف شيخ احمد عمادالدين عمادي (جم 558هـ-659هـ) ابن الشيخ الشيوخ سيدنا عمر بن محمد شهاب الدين السهروردي البغدادي البڪري ڪبير 539- 632هـ)

www.maktabah.org

مٿي ڄاڻايل شجرو نہ صرف پاڻ ۾ سيوهڻ جي علمي "صديقي خاندان" جي ڪرسي نامہ، جاگير جي سند ۾ ٻين دستاويزات ۾ موجود آهي، بلڪ پير حسام الدين راشدي صاحب "تذڪره مشاهير سنڌ" ۾ مخدوم عبدالواحد ڪبير جي ذڪر جي حواشيہ طور جيڪو شجرو ڏنو آهي، سو پڻ مٿئين شجره سان مطابقت رکندڙ آهي. تحفة الڪرام واري ملتان شهر جو ذڪر ڪندي بهاءُ الدين ذڪريا ملتاني سهروردي ۽ جي احوال ۾ سندس نسب بيان ڪيو آهي ۽ سندس ٻ مختلف شجرا ڏنا آهن، جنهن مان پهريون شجرو جيڪومٿئين شجره سان مطابقت رکندڙ آهي. تنهن کي لکڻ کان پوءِ چوي ٿو ته: "پهرئين لکئي موجب شيخ صديقي گهراڻي مان آهي ۽ ٻئي شجري موجب اسدي."

حقيقت ۾ پهريون شجره شيخ شهاب الدين ثاني سهروردي ۽ سان تعلق رکي ٿو، نہ ڪي بهاءُ الدين ذڪريا ملتاني سهروردي جو آهي، تحفة الڪرام بهاءُ الدين السهروردي ملتاني جي پهرئين شجره طور ڏنل نالا جيڪي سندس چواڻي ته "صديقي گهراڻي" جا آهن، سي اصل ۾ شيخ شهاب الدين صديقي پاتائي ثاني ۽ شيخ الشيوخ عمر بن محمد شهاب الدين بغدادي سهروردي (اول) جي وڃ وارين ٻيڙهين جا آهن. اهي ئي نالا پير حسام الدين راشدي تذڪره مشاهير سنڌ ۾ حواشيہ طور جيڪو شجرو ڏنو آهي، ان ۾ ٿوري ڦير گهير سان موجود آهن.

جديد تحقيق موجب جنهن ۾ ملتان جي بزرگن جا پنهنجا دستاويز ۽ شجره پڻ شامل آهن، حضرت بهاءُ الدين ذڪريا سهروردي ملتاني "صديقي گهراڻي" سان تعلق نہ ٿو رکي. البت تحفة الڪرام واري ڪي سندس "صديقي گهراڻي" سان مغالطو ٻن سببن جي ڪري ٿي سگهي ٿو. هڪ تہ ملتان جي بزرگن جو تعلق پڻ عرب جي قريش سان ڏيکاريو وڃي ٿو ۽ هو قريشي مشهور العصر آهن ۽ صديقي پڻ قريش جي هڪ شاخ آهن. ٻيو تہ تاتارن جي هٿان عروس البلاد بغداد جي تباهي ۽ افراتفري سبب عراق جي عالمن ۽ خاندانن بغداد ڇڏي "بغداد ثاني" ملتان ۽ سنڌ هند جي ٻين شهرن ۾ آباد ٿيڻ شروع ڪيو. انهن مان هڪ "صديقي گهراڻو" شيخ الشيوخ شهاب الدين السهروردي بغدادي جو هو. اهو گهراڻو جيئن تہ ملتان جي بزرگن جو مرشد گهراڻو هو،

www.maktabah.org

انکري کيس هن علائقي ۾ آباد ٿيڻ ۾ نہ رڳو آساني ٿي بلڪ انهن ٻنهي گهراڻن جون منيون مائٽيون پڻ ان مغالطي جو سبب بڻيون. ايتري حدتائين جو بهاءُ الدين ذڪريا ملتاني سهروردي پنهنجي مرشد شيخ شهاب الدين السهروردي بغدادي جي ويجهي عزيز فخر الدين عراقي کي نہ رڳو پنهنجو داماد بڻايو. بلڪ کيس پنهنجو جاءِ نشين بہ مقرر کيائين. جنهن ڪالهہ تي ڪن سببن ڪري عمل نہ ٿي سگهيو.

"انساب مشائخ سيوستان" قلمي پڻ تحفة الڪرام جي ان مغالطي طرف اشارو ڪندي لکيو آهي تہ: "شيخ شهاب الدين ثاني سهروردي پاڻائي ۽ شيخ الشيوخ شهاب الدين (اول) بغدادي سهروردي ۾ نالن جي مغالطي سبب پيڙهيون رهائي ويو آهي" جتي شيخ شهاب الدين (اول) بغدادي جو نالو اچڻ گهرجي . اتي سيدنا ابو بڪر صديق جو نالو ڏنو اٿس. اهو سمجهندي تہ شايد شيخ شهاب الدين (ثاني) ئي شيخ شهاب الدين بغدادي (اول) آهي.

احوال:

تذڪره مشاهير سنڌ ۾ شيخ شهاب الدين سهروردي ثاني لاءِ ڇاڻايل آهي تہ:

"هيءُ بزرگ سنڌ جي صديقي خاندان سيوهڻ، پاڻ ۽ برهانپور وارن جو وڏو ڏاڏو آهي، هن شهاب الدين جو مفصل احوال معلوم نہ ٿي سگهيو آهي. سندس اولاد سموري هندستان ۾ علم ۽ فضيلت جي زيور سان آراسته آهي."

المکتوب الحبيب قلمي ان سلسلي ۾ ڪجهہ وضاحت ڪان ڪم ونندي لکي ٿو تہ:

"حضرت سهروردي عمر صديقي (شيخ شهاب الدين اول) قدس سره جي اولاد مان سنڌ ۾ شيخ شهاب الدين صديقي سهروردي ثاني عالم ۾ مشاهير العصر هو. جئين عمر بن عبدالعزيز فاروقي کي فاروق ثاني چوندا ويا هوا. تيئن هن شيخ شهاب الدين صديقي کي بہ سهروردي ثاني چوندا اسها. هر ڪنهن ڪتاب خصوص تحفة الڪرام ۽ تاريخ طاهري ۽ نعمت الهي وغيره اوراقن ۾ ڪٿس شهاب الدين صديقي (اول بغدادي) سمجهي لکندا اچن ۽ ڪن شهابي سهروردي ڪري لکيو آهي. پر سڀ کان اثبات حقيقت هي آهي تہ

www.maktabah.org

خود حضرت عين العرفاقطب الاقطاب مسيح الاولياءَ (شيخ عيسي جند الله) پاڻائي برهانپوري پنهنجي تصنيفات کتب ۾ جهڙو کتاب عين المعانيءَ جي ديباچه ۾ پنهنجو نسب شيخ شهاب الدين (ثاني) تائين متفق لکي ڪٽس شهابي سهروردي ڄاڻايو آهي. 989ھ ۾ اهو کتاب مطبوع ٿيل آهي، گهٽن وٽ موجود آهي. اهو اهجاڻ اهڙي ولي اکمل عادل شاهد جو ڪافي آهي. سنڌ ڏيهه ۾ بادشاهن جي ارادت سان ملتان کان نڪري وطن پنهنجو قبته الاسلام پاتر (پاڻ شريف) ۾ اختيار ڪيائون. اڪثر ڪتابن مان سندس حوالاملن ٿا. پر گلزار ابرار کتاب جو قديم کتاب گجرات ۾ بادشاهه جهانگير جي وقت ۾ تاليف ٿيل آهي. ان ۾ آڻين ٿا ته مسيح الا ولياءَ شيخ عيسي جو ڏاڏو ءِ شيخ ابوالفضل اڪبري ءِ شيخ فيضي جو ڏاڏو پاتر شهر جي آبادي لاءِ متفق هئا. سو اهو شيخ صديقي سهروردي ثاني هو، جهنهن کي پاتر جو پرڳڻو جاگير ۾ مليل هو"

المکتوب الحبيب جي بيان منجهان ڪجهه اهر نڪتا اسان کي شيخ شهاب الدين سهروردي پاڻائي جي سوانح کي سمجهڻ لاءِ ملن ٿا. جيڪي سنڌ جي تاريخ ۾ پڻ اهميت رکن ٿا ءِ شوق رکندڙ جي سامان جو سبب بڻيا.

1.شيخ شهاب الدين پاڻائي بکري (ثاني)شيخ الشيوخ شهاب الدين عمر بن محمد السهروردي بغدادي جي اولاد مان سنڌ ۾ مشهورهو. اهو نڪتو اسين نسب جي عنوان تحت بحث هيٺ آڻي چڪا آهيون.

2.شيخ شهاب الدين سهروردي ثاني مسيح الاولياءَ شيخ عيسي جنداللهه پاڻائي ثم برهانپوري جو وڏو ڏاڏو آهي. "برهانپور کي سندهي اولياءَ" واري مسيح الاولياءَ جو ذڪر ڪندي لکي ٿو ته هن بزرگ پنهنجو نسب معرکته الارا تصنيف عين المعاني جي ديباچه ۾ هن طرح ڏنو آهي: عيسي ابن قاسم بن يوسف بن رڪن الدين بن معروف بن شهاب الدين المعروف شهابي.

3. شيخ شهاب الدين ثاني ملتان مان وقت جي حڪمرانن جي ارادي سان پاڻ شريف جي علاقي ۾ اچي رهيو. جيڪو کيس جاگير طور ڏنو ويو هو ءِ ان شهر کي آباد ڪرڻ لاءِ ابو الفضل ءِ فيضي جو ڏاڏوپڻ ساٿس شامل هئا.

انهيءَ حقيقت جي تصديق تجليات اسرار معاني قلمي پڻ ڪندي لکي ٿو:

www.maktabah.org

"مختصر تہ حضرت شيخ شهاب الدين صديقي سهروردي ثاني جيڪو مسيح الاولياءَ شيخ عيسي جند الله جو ڏاڏو هو، انهيءَ کي پيمائش ٽيل زمين جاگير حاڪمن ڏني هئي"

مقالات قاسمي [1] ۾ "مخدوم محمد مراد علي" جي عنوان تحت لکيل آهي تہ:

"هن خاندان جو مؤسس اعلي شيخ شهاب الدين صديقي سهروردي (ثاني) چيو وڃي ٿو، جنهن جي ولادت (803هـ ۽ وفات 894هـ) ۾ ٿي. هن بزرگ جو مزار بکر ۾ ريل جي بند ويجهو (شيخ نوح بکري سان گڏ) بڏايو وڃي ٿو حضرت مسيح الاولياءَ پنهنجي تاليف ڪتاب عين المعاني ۾ هن بزرگ جو نالي ونندي آخر ۾ المعروف شهابي سهروردي لکن ٿا. ڇو تہ سنڌ ۾ اهو صديقي خاندان، حضرت شيخ الشيوخ ابو حفص عمر شهاب الدين سهروردي ڪبير (539-632) جو اولاد آهي."

عوارف المعارف جي سنڌي ترجمي [2] جي آخر ۾ "بہ اکر" لکندي هڪ دفعو وري مولانا قاسمي هن ريت مهر تصديق ثبت ڪري ٿو:

"عوارف المعارف جو مترجم مخدوم عبدالجبار صديقي پٽ شيخ الشيوخ شهاب الدين السهروردي جي اولاد مان آهي. هي خاندان پهريائين ملتان ۾ اچي مقيم ٿيو. بعد ۾ جڏهن شيخ شهاب الدين (ثاني) جنهن جي مزار بکر ۾ اڄ بہ موجود آهي. سن (803-894هـ) کي پاڻ شريف جو علاقو جاگير ۾ مليو تہ سندس فرزند شيخ معروف نہ رڳو پاڻ ۾ مستقل منتقل ٿيو، بلڪ علم و عرفان جي اها شمع ٻاريائين جنهن نہ رڳو سنڌ ۽ هند کي روشن ڪيو بلڪ ڏورانهين ڏيهہ جي ماڻهن بہ لاءِ پرائي."

تجليات اسرار معاني [3] قلمي ڇاڻائي ٿو:

"حضرت ميان شيخ شهاب الدين صديقي سهروردي ثاني قدس سره: آنجناب بمجب رشد روحي حضرت عثمان مروندي نور الله مرقده از ديار ملتان

---

[1] مقالات قاسمي تحرير مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب صفحہ 524.

[2] ترجمہ بہ زبان سنڌي عوارف المعارف مڪمل ناشر اداره پاڻ هائوس ۽ پبلشر حيدرآباد 1998ع.

[3] تجليات اسرار معاني قلمي مصنف ميان ولي محمد سيوستاني موجود ڪتبخانہ مخدوم حڪيم محمد حسن سيوهاڻي.

www.maktabah.org

بجائي پرگنہ رسول آباد ۾ موضع مکان قلندريہ سومران حاڪمان آن مڪانرا بادب حضر تي آرا ستندوي... از ممد جاگير انعام شهر رسول آباد بنام پات يعني پاتر مشهير العصر ڪرديد- المختصر"

ترجمو: حضرت شيخ شهاب الدين صديقي سهروردي ثاني ڪي جيڪو حضرت سيد عثمان مرندوي عرف حضرت قلندر لعل شهباز ڪان "رشد روحي" موصول ٿيو ۽ سومرن حاڪمن (دراصل سما حڪمران جام نظام الدين)، جيڪو حضرت جي ادب وڃان پاڻ ڪي شهر ڪي آراسته ڪيو ۽ بالآخر اهو پورو پرڳڻو رسول آباد پاڻ جو ميان شهاب الدين سهروردي ملتاني ڪي جاگير ٿي مليو." انهيءَ ڏس ۾ اسان ڪي "تاريخ باب الاسلام" [1] تسلسل جي هڪ وڌيڪ ڪڙي مهيا ڪندي ڄاڻائي ٿو ته:

"ميان شهاب الدين سهروردي ثاني جو پاڻ ۾ آمد جو زمانو سنڌ ۾ سما حڪمران جام نظام الدين عرف جام نندو جو دور حڪومت (866هـ / 1461ع-923هـ-1517هـ) آهي. ان وقت تائين شيعہ اسماعيلي دعوت سنڌ ۾ ملتان ۾ سرگرم هئي. پاڻ جيڪا سنڌو نديءَ جي هڪ اهم تجارتي مرڪز هئي، اتي اسماعيلي خواجا ۽ هندو لهاڻا، ڪوري، جت ۽ ٻيون ذاتيون رهندڙ هيون. جام نظام الدين سمون انهيءَ ڳالهہ ڪان مشهور آهي تہ هن باهريان عالم ڳهرائي سنڌ ۾ سني اسلام جي تبليغ ۽ تعليم ڪي زور وڌايو. معلوم ٿئي ٿو تہ هن ملتان جي حاڪم ڪان ميان شهاب الدين سهروردي جي گهر ڪئي جيئن مير معصوم بکري ڄاڻايو آهي تہ جام نظام الدين ملتان جي حاڪم سلطان حسين لاڪاهہ جو همعصر هو، سندن وچ ۾ دوستي ۽ محبت جو رشتو قائم هو ۽ هڪ ٻئي ڏانهن هميشہ تحفا ۽ سوڪڙيون موڪلينداهئا."

حضرت شيخ شهاب الدين السهروردي ثاني جو بکر ۾ وفات ٿيڻ تہ اتفاقي هو مگر سندس مدفن يقينا انهيءَ ڪري شيخ نوح بکري جي مزار ڪي منتخب ڪيو ويو جو اهوئي هنڌ هن ڏيهہ ۾ پهريون سهروردي خانقاهہ طور ڄاتو وڃي ٿو.

مدفن:

انساب مشائخ سيوستان ۾ ان جي مؤلف مخدوم حسن الله شاهہ

---

[1] تاريخ باب الاسلام صفحو 66- ڊاڪٽر حبيب الله صديقي.

www.maktabah.org

الصديقي پاڻائي (المتوفي 1920ع) حاشيہ طور ڄاڻايل شجره ۾ حضرت شيخ شهاب الدين السهروردي پاڻائي (ثاني) جو آخري آرامگاهہ بکر ڏيکاريو آهي. جنهن جي تصديق بزرگ جي اولاد پاڻ ۽ سيوهڙ جي "صديقي خاندان" جي ٻين شجرن ۽ دستاويزات مان پڻ ٿئي ٿي.

پير حسام الدين راشدي مرحوم تذڪره مشاهير سنڌ ۾، مخدوم عبدالواحد ڪبير جي حاشيہ طور ڏنل شجره ۾ مدفن جي جڳهہ پڻ بکر ٻڌائي ٿو. حضرت مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب پنهنجي هڪ مضمون بعنوان "مخدوم محمد مراد علي" مقالات قاسمي ۽ سنڌي ترجمہ عوارف المعارف جي آخر ۾ ٻہ اکر لکندي شيخ شهاب الدين سهروردي ثاني جو مدفن بکر ڏيکاريو آهي. راقم جو پڻ انهيءَ سلسلي ۾ قاسمي صاحب سان بحث ٿيو تہ پاڻ سندن مدفن شيخ نوح بکري سان لڳ ٻڌايائون ۽ سندن معلومات جو ذريعو خود حسام الدين راشدي مرحوم ئي آهي. سهروردي بزرگ جي اولاد جي هڪ شاخ جيڪا ٽريچاٽيءَ ۾ آباد آهي. اها پڻ ڪيترين پشتن کان انهيءَ قبر جي زيارت ڪندڙن ۾ شامل آهي. انهن مان الشيخ محمد حسن اليحييٰ الصديقي ٽريچاٽوي راقم سان گڏ جڏهن شيخ شهاب الدين ثاني جي آخري آرامگاهہ جي زيارت لاءِ ويو تہ قبر جي زبون حالي ۽ زماني جي انقلاب تي اچرج وچان خاموش نگاهہ صدين جي مفاصلي کي لمحن ۾ طئ ڪندي رهي. معلوم ڪرڻ تي خبر پئي تہ ڪو "بنده خدا" جيڪو ڪنهن مقامي ڪورٽ وغيره ۾ روزگار سان آهي ۽ هنن قبرن جو پاڻ کي خادم ٿو سڏرائي تنهن هتان جي قديم قبرن جا ڪتبن وارا پٿر ڪٽي وڃي پاڻ وٽ رکيا آهن. جنهن ۾ شيخ نوح بکري ۽ شيخ شهاب الدين سهروردي ثاني جي قبرن جا پٿر پڻ شامل آهن. مقامي روايت آهي تہ شيخ شهاب الدين ثانيءَ قبر تي عاليشان چبوترو ٺهيل هو جيڪو زماني جي گردش جو شڪار ٿي ويو. راقم قبر جي مرمت سان گڏ مٽس سنگ مرمر جو نالي وارو پٿر پڻ هٽايو. مگر معلوم ٿيو آهي تہ اهو ٻہ هن وقت غائب آهي.

اولاد:

سنڌ ۾ شيخ الشيوخ عمر بن محمد شهاب الدين السهروردي بغدادي ڪبير جي اولاد ۽ خاندان جي آمد ۽ موجودگي جا ٻہ دور نظر اچن ٿا. پهريون

www.maktabah.org

سندس حياتيءَ ۾ شيخ نوح بکري ۽ نياڻيءَ جي اولاد جو بکر ۾ آباد ٿيڻ. ٻيو دور شيخ الشيوخ جي وفات کان پوءِ بغداد جي تباهي سبب سندس اولاد جو بغداد ثاني ملتان ڏي رخ ۽ ڪوٽ ڪروڙ ۾ آباد ٿيڻ جتان ڪجهه پيڙهين گذرڻ کان پوءِ شيخ شهاب الدين ثاني جي زماني ۾ سنڌ ۾ مستقل سڪونت اختيار ڪرڻ آهي. شيخ شهاب الدين السهروردي ثاني جي هڪ فرزند شيخ معروف کان علاوه هڪ ٻئي فرزند[1] برهان الدين جو پٽ پتو پوي ٿو. هن بزرگ جو مقبرو پاڻ شريف کان 25 ڪلوميٽر اتر- اولهه طرف ڪڙ ۽ خيرپور ناٿن شاهه جي پڪي رود کان ٿوري پنڌ تي خانپور ۽ ڪلي جي ڳوٺن جي واڌ جي وچ تي اڄ به موجود آهي. سندس مقبري لاءِ روايت آهي ته دولهه درياهه خان جوڙايو هو. هن وقت مقبري جي پرسان ڪجهه شاهن جا گهر آهن. جيڪي سندس سارسنپال لهن ٿا. هن بزرگ جي مزار ڏانهن ويندڙ رستي تي جيڪو بورڊ لڳل آهي، ان تي سندس نالي سان گڏ "مخدوم قاضي" جا لقب لکيل آهن. مقامي روايتن پٽاندڙ هي بزرگ سما حڪمرانن طرفان علائقي جو قاضي مقرر ڪيو ويو هو پر ان سان گڏ سندس قائم ڪيل خانقاهه ۽ مدرسن ۾ علم پرائيندڙ شاگردن سندس نالي سان مخدوم جو لفظ پڻ منسلڪ ڪيو.

"بياض واحدي جلد 2" ۾ پڻ هڪ سوال بزرگ جي ان وقت موجود اولاد قاضي اشرف بوبڪائي طرفان مخدوم عبدالواحد سيوستاني (1150هـ- 1224هـ) کان ڪيو ويو آهي، ان مان ظاهر ٿئي ٿو ته ان وقت صديقين جو جيڪو خاندان بوبڪن ۾ سڪونت پذير هو سو مخدوم قاضي برهان الدين بن شيخ شهاب الدين جي اولاد مان هو. قاضي اشرف بوبڪائي ۽ مخدوم عبدالواحد سيوستاني جو سوال جواب بياض واحدي ۾ هن طرح ڏنل آهي:

"سوال: هيءَ روايت مون ٻنهنجي ڏاڏي قاضي برهان الدين بن شهاب الدين صديقي جي بياض ۾ ٻه ڏٺي آهي. ان مان علم ۽ سمجهه حاصل ٿي ته جنهن، عورت سان بغير شاهدن جي شادي ڪئي ۽ ان سان همبستري ٻه ڪيائين ته الله وٽ گنهگار نه ٿيندو. توهان علم ۾ ٻنهنجي وقت ۾ امام ابوحنيفه جهڙا آهيو. ٻنهنجي راءِ بيان ڪريو.

---

[1] تاريخ باب الاسلام ڊاڪٽر حبيب الله صديقي

www.maktabah.org

جواب: جنهن مذهب (حنفي) جي تابعداري ڪرڻ اسان تي واجب آهي. ان ۾ شاهدن کان سواءِ نڪاح ڪرڻ حرام آهي....."

بياض واحدي ۾ موجود مٿيئن سوال جواب مان ظاهر ٿئي ٿو ته مخدوم قاضي برهان الدين بن شهاب الدين صديقي جي اولاد مقيم بوبڪ وٽ سندس بياض موجود هو جنهن مان سندس علمي فضيلت جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو.

مخدوم قاضي برهان الدين ۽ سندس والد شيخ شهاب الدين جون ڪيترين ئي ڪرامتون ۽ ديومالائي قصا خاندان ۽ خاندان کان ٻاهر ماڻهن ۾ بزبان عام آهن. جيئن ڪنهن به ماڻهوءَ کي بخار ٿيندو هو ته ان کي شيخ شهاب الدين وٽ وڃي ويندا هئا. جيڪو پرسان رکيل ڪنهن نڪر جي ڪوئري کي ڏڪ ڏئي بخار کي ان ۾ بند ڪري ڇڏيندو هو. اهو عمل ٽي ڏينهن مسلسل ڏهرائڻ سان بخار مريض کي ڇڏي ويندو هو جنهن مان پوءِ چوٽي جنم ورتو ته: "جتي شيخ شهاب الدين اتي بخار جو ڪمترو."

ممڪن آهي ته مٿيون قصو ڪنهن بيمار کي نفسياتي طرح همت ڏيارڻ لاءِ بعد ۾ گهڙيو ويو هجي. پر ان مان شيخ شهاب الدين جي بزرگي ۽ شهرت جو اندازو ضرور ٿئي ٿو. اهڙي طرح ميان برهان الدين جا قصا پڻ آسپاس جي ڳوٺن ۾ مشهور آهن. ڪجهه سال کان پوءِ تازو جڏهن ان مزار وٽان لنگهه ٿيو ته اچرج جي حد نه رهي جو آسپاس جي چند بي روزگارن مزار تي نالو مخدوم قاضي بجاءِ سيدنا برهان الدين شاهه لکرائي ڇڏيو آهي. مزار سنياليندڙ مان ڪنهن کان پڇيم ته هن بزرگ متعلق ڪا قديم لکت سجهيوَ؟ ته وراڻيائين "ها تحفه القرآن (تحفة الڪرام) کو ڪتاب آهي ان ۾ هن جو ذڪر ٻڌو اٿئون."

مخدوم وقاضي برهان الدين کان سواءِ شيخ شهاب الدين جو هڪ ٻيو فرزند شيخ معروف پاڻائي پڻ مشهور آهي. سندس اولاد پاڻ ۾ وڏيو جنهن مان هڪ گهر سنڌي پوره برهانپور ۾ وجي آباد ٿيو. هن مان مسيح الاولياءَ شيخ عيسيٰ جنداللّٰه پاڻائي ثم برهانپوري هندستان ۾ نالو ڪڍيو.

هن بزرگ جي ننڍپڻ جي ٽيل شادي مان ڪجهه اولاد پاڻ ۾ مقيم هو ۽ ڪجهه برهانپور ۾ ساٽس گڏ هو. شيخ عيسيٰ جي برهانپور ۾ مقيم اولاد

www.maktabah.org

مان شاھ غلام ياسين پنھنجي ھڪ تحرير "شرح آيات سليمانيہ" جي منڊ ۾ پنھنجو تعارف ھنن لفظن ۾ لکي ٿو:

"شاھ غلام يسين عين الله وارث رسول الله الصديقي الجعفري القادري النقشبندي العيسوي الفتحي الشاھيب البرھانپوري"

مسيح الاولياءُ شيخ عيسيٰ جي اولاد مقيم برھانپور مان بابا عبدالستار ۽ بابا فتح محمد گھٽي شھرت ورتي. مگر جلدي اھا گادي مقامي سازشن جو شڪار ٿي وئي. ايتري قدر جو بابا فتح محمد جھڙو اھل ۽ رقيق قلب انسان اولاد کي ملکيت ورھائي ڏيڻ کان پوءِ برھانپور ڇڏي پنھنجي باقي زندگي مديني ۾ مستقل گذارڻ جو فيصلو ڪيو. بعد ۾ اھا گادي مسيح الاولياءَ جي ڏھٽاڻ ۾ وئي آھي، جيڪي سيد آھن.

مسيح الاولياءُ پاتائي ثم برھانپوري جي اولاد مان ھڪ شاخ جيڪا ھن جي پھرئين شاديءَ مان ھئي، پاٽ شريف ۾ مقيم رھي. جنھن مان ڪجھ گھر ڪلھوڙن جي زماني ۾ سيوھڻ ۾ آباد ٿيا. سندن محلو اڄ تائين لعل شھباز قلندر جي مزار سان گڏ آھي. انھن متعلق ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي لکي ٿو تہ:

"اڄ بہ ان خاندان جا فرد سيوھڻ ۽ پاٽ ۾ رھائش پزير آھن. ٻنھي شھرن ۾ ان خاندان مان ڪئي عالم، فاضل، اھل الله، اھل قلم ۽ حڪيم ٿي گذريا آھن. ان خاندان مان مخدوم عبدالواحد صغير سيوستاني بن مخدوم دين محمد وڏو عالم ٿي گذريو آھي ۽ فقہ ۽ فتويٰ نويسي ڪري ڪيس نعمان (امام ابوحنيفہ) ثاني چيو ويندو آھي."

ان کان علاوہ بہ ڪيترائي جڳ مشھور شخص ان خاندان مان پيدا ٿيندا رھيا آھن، جيئن مخدوم محمد شفيع پاتائي، ميان احمدي صديقي قاضي آف پاٽ، مخدوم محمد عارف سيوھاڻي، مخدوم محمد سيوھاڻي، مخدوم بصرالدين سيوھاڻي، مخدوم ميان علي گوھر اول ۽ ثاني پاتائي، مفتي اعظم مخدوم حسن الله شاھ صديقي پاتائي وغيرہ. قضا جو عھدو پڻ ان خاندان ۾ ئي ھلندو آيو. ھن دور ۾ سندن ڪجھ گھر حيدرآباد ۽ ڪراچي ۾ پڻ آباد ٿيا آھن.

مسيح الاولياءُ شيخ عيسيٰ جي چاچي مخدوم عباس پاتائي ثم

www.maktabah.org

هنگورجائي جنهن ڏهين صديءَ ۾ پاڻ ڇڏي هگورجن ۾ پنهنجي خانقاه ۽مدرسو قائم ڪيو. تنهن مان خاندان جي هڪ شاخ هالاڻين مان ٽيندي ٽريچاڻي (سکر) تائين وڃي پهتي. ان خاندان جا فرد پشت بشت شيخ شهاب الدين سهروردي (ثاني) جي بکر ۾ موجود مزار جا پانڌي آهي.

تعليق نمبر (9) صفحو 569

غوثي حضرت مسيح الاولياء جي حوالي سان لکي ٿو: "جن ايامن ۾ منهنجي امڙ مون سان اميدوار هئي. انهن ئي ڏينهن ۾ پاڻ خواب ڏنائين ته مولانا يونس اسان جي گهر آيو آهي."

مولانا يونس سمرقندي مرزا شاهه حسن ارغون جي دور ۾ ماوراءُ النهر مان اچي سنڌ ۾ سڪونت اختيار ڪئي هئي. مرزا شاهه حسن کي پاڻ، سيوهڻ نڙ ۾ رهي شرح موافق جو درس ڏنائين. پاڻ 951هـ/1544ع ۾ وفات ڪري ويو. حضرت مسيح الاولياء کان ڏهه سال اڳ هيءُ بزرگ سنڌ ۾ ئي گذريو. پر صاحب گلزار ابرار جو اهو اصرار آهي ته شيخ عيسيٰ جي زاد بوم ايلچ پور يا ايرج پور دارالسطنت صوبه برار آهي.

غوثي هي سڄو ذڪر وڏي اهتمام سان ڪيو آهي، پر منجهس هڪ نقطو نمايان نظر اچي ٿو. پاڻ حضرت مسيح جي پيدائش سان منسلڪ روايت بيان ڪئي ته خود سندس حوالي سان پر روايت شروع ٿيڻ کان اڳ جڏهن زاد بوم ايرج پور لکيائين ته حضرت مسيح الاولياء جي حوالي سان اها ڳالهه بيان ڪرڻ کان اجتناب ڪري ويو. هو اهو چوڻ کان گريز ڪندو نظر اچي ٿو ته حضرت مسيح فرمايو ته مان ايرج پور ۾ پيدا ٿيو هئس، پاڻ لکي ٿو: "شيخ عيسيٰ جي زاد بوم ايرج پور دارالسلطنت صوبه برار آهي. هڪ ڏينهن پاڻ فرمايائين....." (پوءِ پيدائش جي وقت خواب ۾ ٻين واقعن کي بيان ڪري ٿو).

سندس بيان کيل روايت مطابق ولادت جي وقت شيخ قاسم ڪنهن ڳوٺ ۾ ويل هو، جيڪو ايرج پور جي ويجهو هو. اگر اهو ڳوٺ ويجهوئي ڪٽي هو ته فرزند ارجمند جي خوشخبري ڪيس چو نه پهچائي وئي. نالو به رکجي ويو پوءِ موڻ ڪاڏائين. راشد برهانپوري، "برهانپور کي سندهي اولياءَ ۾ لکي ٿو ته حضرت زينب بنت شيخ قاسم کان روايت آهي ته: "جڏهن حضرت مسيح الاولياء

www.maktabah.org

جي ولادت ٿي. والد تڏهن بہ واپس ڪونہ آيو هو. لهذا عم مڪرم حضرت جو نالو شيخ عيسيٰ تجويز ڪيو.... چند ڏينهن کان پوءِ والد صاحب موٽ ڪاڏي."

مسيح اولياءجي ولادت 962ھ ۾ ڏيکاري وئي آهي. جنهن بعد سندس ٻئي نمبر پاءُ شيخ عثمان 963ھ /1556ع ۽ ٽئين نمبر پاءُ شيخ سليمان سيفي 966ھ /1560ع ۾ جنم ورتو. اگر هي ٻئي پائر ايرج پور ۾ پيدا ٿيا تہ پوءِ فرحي ۽ غوثي کان سندن احوال ڪيئن پوشيده رهيو؟

تاريخ باب الاسلام جي مصنف ڊاڪٽر حبيب الله صاحب جي تحقيق موجب: شيخ عثمان پنهنجي ننڍي ۽ وڏي پاءُ وانگر پاڻ سنڌ ۾ ڇائو. پر صغرسني ۾ وفات ڪري ويو. اهوئي سبب آهي جو حضرت شيخ عيسيٰ پنهنجي ٽئين پٽ جو نالو شيخ عثمان رکيو ۽ مذکوره تذکره نگار مغالطي ۾ رهيا.

درگاهہ مسيح الاولياءُ جي متولي ۽ سجاده حڪيم غلام خواجہ صاحب قادري برهانپوري فرزند حڪيم لاڏلي صاحب پنهنجي ڪمال محبت سان ڪتاب "جواهر هاشميہ" مصنف اختر محمد خان سن تاليف 1938 برهانپور، بنده کي ارسال ڪيو. ان ۾ صفحہ 38 تي حضرت مسيح الاولياء شيخ عيسيٰ رحمة الله عليہ جو ذڪر هن طرح ڏنل آهي.

"جامع معقول و منقول حاوي فروع واصول علوم ظاهري و باطني مين وحيد عصر و فريد دهر تهے. تمام علوم اپني والد ماجد شيخ محمد قاسم اور عم مڪرم بزرگوار شيخ محمد طاهر سے حاصل ڪئے. اپنے وطن مالوف ملک سندھ سي آڪر برهانپور اقامت گزين هوئے."

اختر محمد صاحب اڳتي لکي ٿو تہ سندس زماني ۾ حڪيم لاڏلي صاحب ابن جناب بسم الله صاحب درگاهہ مسيح الاولياءُ جو متولي آهي. جنهن مان اندازو ٿئي ٿو تہ سندس معلومات جو ذريعو بہ حڪيم لاڏلي صاحب ٿي آهي.

مسيح الاولياءجي ولادت باسعادت پاڻ سنڌ ۾ ٿي. ان جي تصديق خود هندستاني تذڪري مآثر الامراء مان پڻ ٿئي ٿي. جنهن جو مؤلف صمصام الدولہ شاهنواز خان شيخ عيسيٰ جندالله لاءِ هيئيان لفظ استعمال ڪري ٿو:

www.maktabah.org

"شيخ عيسيٰ جنداللہ سنڌي ثم برهانپوري"

معارج الولاية جو هڪ نادر قلمي نسخو پروفيسر خليق احمد نظامي، علي ڳڙھ جي ڪتبخاني ۾ موجود آهي، شيخ عيسيٰ جي متعلق ان ۾ تحرير آهي:

"خليفہ و مريد شيخ لشكر محمد عارف است- جامع علوم ظاهري و باطني بوده- اصل او از سند است واز آنجا آمده در برهان پور سكونت گرفتہ وسندي پوره در برهانپور بہ نام او است و شيخ لشكر محمد عارف كہ خليفہ شيخ محمد غوث است بہ محبت او از گجرات آمده در برهانپور رفت اقامت انداخت دراستي پوره بہ نام بي بي راستي منكوحہ او است و شيخ عيسيٰ مردي بزرگ و شخصي متبرک بود و برمسلک او توحيد غالب بود و اتباع شيخ محي الدين برکمال داشت و توحيد را آشكارا گفتي و كتب شيخ محي الدين را درس و تدريس نمودي و مواضح مشكلات راتوجيحات فرمودي."

سوانح مسيح الاولياءبيان ڪندي "برهانپور ڪي سندهي اوليا" جو صاحب لکي ٿو:

"طفوليت جي زماني ۾ قرآن مجيد ملا اسماعيل کان پڙهيو، جيڪو ان زماني ۾ تعليم قرآن پاڪ جي فيض رساني ۾ ثاني نہ رکندو هو. سندس ئي درس ۾ نون سالن جي عمر تائين صحيح ۽ پختہ ياداشت سان حافظ قرآن ٿي چڪو هو."

ملا اسماعيل (سومري) جو ذڪر اسين الڳ ڪري چڪا آهيون، تاريخ ۾ اهڙو ڪوبہ ذڪر ڪونہ ٿو ملي تہ ملا اسماعيل ايرج پور وڃي شيخ عيسيٰ جنداللہ کي نو سال قرآن حڪيم جو درس ڏنو، سنڌ ۾ ئي سندس مدرسو هو ۽ هتي ئي سندس مزار آهي. حضرت عيسيٰ کانئس هتي ئي تعليم قرآن حاصل ڪئي. ان کان پوءِ والد گراميءَ جي وفات بعد هو وڌيڪ علم پرائڻ لاءِ پنهنجي چاچي شيخ طاهر محدث وٽ ايرج پور برار اچي رهيو. جيڪو اڳ ۾ ئي مدرس مقرر ٿي چڪو هو. اهڙي طرح پاڻ برهانپور ۾ مستقل سڪونت اختيار ڪرڻ کان اڳ هندستان ايندو ويندو رهيو.

راشد برهانپوري، "برهانپور ڪي سندهي اولياءِ" مسيح الاولياء جي زاد بوم کي ثابت ڪرڻ لاءِ بن ماخذن جو ذڪر ڪري ٿو. (1) اسماعيل فرحي جو

www.maktabah.org

کشف الحقائق (2) گلزار ابرار. انهن متعلق سندس راءِ آهي تہ:

(1) اسماعيل فرحي کامل 20 سال حاضر خدمت رهي کشف الحقائق قلمبند کيو. 1020ھ ان نسخي جو سن تاليف آهي. گلزار ابرار واري بہ کشف الحقائق تان حالات نقل کيا آهن. پر هڪ ٻئي هنڌ کشف الحقائق جي تکميل جو سن 1061ھ يعني شيخ عيسيٰ کان 30 سال بعد ٿو ڏيکاري.

(2) سندس چواڻيءَ موجب گلزار ابرار جيڪو 1022ھ ۾ مڪمل ٿيو ان ۾ گهٽو ڪري کشف الحقائق تان حالات ورتا ويا آهن.

کشف الحقائق جي تکميل جو سال 1060ھ آهي. جنهن تان اڳ ۾ مڪمل ٿيل ڪتاب کيئن ٿو نقل ڪري سگهي. ان کان علاوه گلزار ابرار ۾ شيخ طاهر محدث، طيب ءِ سندن والد شيخ يوسف جي هندستان ڏانهن سفر جو تہ ذکر موجود آهي، مگر هو ڪٿي بہ انهن ڏينهن ۾ شيخ عيسيٰ جي والد شيخ قاسم جي هندستان ڏانهن سفر جو ذکر نہ ٿو ڇاڻائي.

مسيح الاولياءشيخ عيسيٰ جنداللہ جي زاد بوم متعلق کجهہ بہ چوڻ کان اڳ اسان کي هيٺين حقيقتن کي نظر ۾ رکڻو پوندو.

1- گلزار ابرار ۾ شيخ قاسم جو 950ھ يعني شيخ عيسيٰ جي ڄمڻ کان اڳ هندستان ڏانهن سفر جو ذکر ئي موجود ڪونهي. بلڪ 977ھ ۾ حضرت عيسيٰ جي پيٽ امتہ اللہ حبيبہ سلطان بنت قاسم محدث جو سنڌ ۾ ڪتابت ٿيل تفسير يعقوبي هن گهر جو هتي موجود هجڻ جو دليل پيش ڪري رهيو آهي.

2- گلزار ابرار، شيخ قاسم جي وفات ايرج پور ۾ نہ ٿو ڏيکاري ان جي برعڪس سنڌ ۾ شيخ قاسم جي وطن پاڻ ۾ ان زماني کان موجود "قاسماڻي" قبرستان سندس آخري آرمگاهہ طرف واضح اشارو ڪري رهيو آهي.

3- گلزار ابرار شيخ عبدالستار جي ڄمڻ جو هنڌ ايرج پور ۾ نہ ٿو ڏيکاري ان جي برعڪس سنڌ جا مقامي ماخذ ءِ قلمي مواد سندس جنم پاڻ ۾ ڏيکاري ٿو.

4- پيدائش جي وقت ذکر ڪيل واقعات ءِ ملا اسماعيل کان درس قرآن سنڌ کان علاوه ٻيو ڪٿي ممڪن نہ آهن.

5- جيئن تہ اصول عام آهي تہ لقبن کان پوءِ وطنيت جو ذکر ٿيندو آهي. حضرت مسيح سان گڏ بہ لفظ سنڌي سندس وطن ڏانهن واضح اشارو

www.maktabah.org

آهي.

6- سنڌي عالمن فاضلن جو حضرت مسيح الاولياء جي برهانپور ۾ مستقل اقامت (998) کان پوءِ به تعلق ۽ رهڻ ۽ سندس پويان وڃي برهانپور وسائڻ ذاتي شناسائي کي ثابت ڪري ٿو.

7- سندس خانقاه تي سنڌي تاجرن جو مدد لاءِ ايندو رهڻ، مسيح الاولياء جي سنڌ ۾ رهائش دوران سڌي سنئين تعلق جو هڪ پيو دليل آهي.

8- والد گرامي شيخ قاسم جي وفات کان پوءِ پاڻ هڪ وڏو عرصو تکميل علم لاءِ چاچي سڳوري شيخ طاهر وٽ ايرج پور اچي رهيو ننڍپڻ ۽ جواني جا گذاريل اهي ڏينهن ڪيترن ئي نزديڪ ۽ پري جي ماڻهن لاءِ سهو نظر جو سبب بڻيا جو سندس هم جو هنڌ ئي ايرج پور سمجهي ويٺا. انهن ڏينهن ۾ سندس خاندان جا فرد ٻنهي هنڌ ورهايل هئا. يعني ايرج پور ۽ پاٽ سنڌ ۾، سندس اچڻ وڃڻ بدستور جاري هو. صاحب گلزار ابرار به سائس چاچي وٽ رهائش دوران ايرج پور ۾ ملاقي ٿيو هو. جڏهن ڪنهن خانواده جا بيڪ وقت هڪ کان وڌيڪ شهرن ۾ مڪان موجود هجن ته اهڙي قسم جا مغالطا جنم ونڊا آهن. راقم جي والد محترم سڪ جي ڏهائي ۾ اولاد جي اعليٰ تعليم لاءِ حيدرآباد رهڻ جو ارادو ڪيو ۽ هتي هڪ گهر حاصل ڪيائين راقم ڪجهه سالن جو هو جو حيدرآباد اچي رهياسين. پر ننڍپڻ جي وطن پاٽ مستقل اچڻ وڃڻ جاري رهيو. جيڪو اڄ تائين جاري آهي. هڪ دفعي اسان جو ويجهو عزيز بضد ٿي ٻيو ته بنده حيدرآباد ۾ ڇائو هو نه ڪي پاٽ ۾ گهڻو سمجهائڻ ڪان پوءِ وڃي سمجهيو.

اهڙي طرح سيد صبغت الله شاهه پير ايراني المتوفي 1984ع ايران مان سنڌ ۾ اچي رهيو. ڪجهه عرصو والد گرامي جو مهمان ٿي پاٽ ۾ پٽ سڪونت اختيار ڪيائين. وڏو عالم فاضل هو، هڪ وڏو عرصو حيدرآباد ۾ مقيم رهيو. سندس آخري آرسگاهه شادي شهيد خيرپورميرس ۾ آهي. وڏي پاءُ مخدوم عبدالجبار صديقي کي خلافت سان نوازيائين. سندس همشيره سندس ملفوظات تحرير ڪيا. جڏهن سندس مطالعي هيٺ آيا ته ان جي صفحي اول تي سندن تحرير موجود آهي ته: "هن ۾ گهڻيون ڳالهيون غلو آهن."

مٿي بيان ڪيل مثالن مان مراد اها آهي ته ويجهن عزيزن قريبن کان به

www.maktabah.org

مغالط ۽ غلط فهميون ٿي ويندیون آهن. حضرت مسيح الاولياء شيخ عيسيٰ جنداللہ طالب علمي جو هڪ دور پنهنجي عم مڪرم شيخ طاهر وٽ برار ۾ گذاريو انهيءَ زماني ۾ غوثي ڪيس اتي ڏٺو. جنهن سبب انهيءَ هنڌ کي سندس زاد بوم سمجهي وينو. ٿورو غور ڪجي تہ حضرت مسيح جي پيدائش وقت خواب ۽ ٻيا واقعا بيان ڪندي هو اهو تہ چوي ٿو تہ شيخ عيسيٰ هيئن فرمايو پر پيدائش جي جڳہ ٻڌائڻ وقت حضرت مسيح جو حوالو ڏيڻ کان سواءِ هو اهي جملا پنهنجي طرفان پيش ڪري ٿو جيڪو ڪيس مغالطو آهي.

9- حضرت مسيح الاولياءحضرت مخدوم عباس جي وفات 998هـ کان پوءِ سندس مسجد ۽ مدرسي ۾ جانشين مقرر ٿيو. غوثي سندس سنڌي عالمن ۾ علمي فضيلت ۽ ممتاز حيثيت جو پڻ ذڪر ڪري ٿو.

10- حضرت مسيح الاولياء جون ٻہ منڪوحہ هيون، جنهن مان پهرئين سندس عزيزہ سنڌ جي هئي. جنهن جو ثبوت بابا فتح محمد جي وصيت نامي مان پڻ ملي ٿو.

11- بابا فتح محمد جو پنهنجي پائٽي شيخ حسن قاري پاتائي وٽ اچي رهڻ جو احوال پڻ موجود آهي.

گلزار ابرار جو تنقيدي جائزو:

گلزار ابرار جو تنقيدي جائزو ٻڌائي ٿو تہ هن ڪتاب جو ڪجهہ مواد 990هـ/1590ع ۾ گڏ ڪيو ويو. پوءِ 1010هـ تائين ان ۾ اضافو ڪندو رهيو. پر گهٽي ياگي هي ڪتاب 1020هـ کان 1022هـ جي سالن ۾ تحرير ٿيو.

گلزار ابرار متعلق راشد برهانپوري "برهانپور کي سندهي اولياء" ۾ لکي ٿو: مؤلف (غوثي) ڪشف الحقائق جي اخذ ۽ اقتباس کان علاوہ حضرت مسيح اولياءِ سندس متعلقين سان بالمشافہ ملاقاتون ۽ خط و ڪتابت ذريعي معلومات حاصل ڪئي.

راشد برهانپوريءَ جو اهو اصرار تہ غوثي ڪشف الحقائق تان اقتباس ورت تحقيق جي دائري ۾ نہ ٿو اچي. جيئن تہ بيان ڪيو ويو تہ گلزار ابرار جي تڪميل جو سال 1022هـ آهي. جڏهن تہ اسماعيل فرحي لاءِ پاڻ کي ٻڌائي ٿو تہ هن پنهنجي مختصر تحرير 1061هـ ۾ مڪمل ڪئي. ان کان علاوہ غوثي ڪٿي بہ فرحي جو ذڪر نہ ڪيو آهي.

www.maktabah.org

ان کان علاوه راشد برهانپوريءَ جو چوڻ ته هن "بالمشافه" ملاقاتون ڪري معلومات حاصل ڪئي: حضرت مسيح الاولياء ۽ سندس چاچي شيخ طاهر محدث جو خاندان علم ادب تحقيق ۽ جستجو جي حوالي سان پوري هندستان ۾ هڪ منفرد مقام جو مالڪ هو. انهن کان براه راست معلومات حاصل ڪرڻ کان پوءِ به غوثي ڪڏهن اندازن تي مبني سال ۽ ڪڏهن "يا" جو لفظ استعمال ڪري ثابت ڪيو آهي ته بالمشافه ملاقاتن جي باوجود سندس هن خاندان متعلق معلومات سطحي آهي. جيئن ته سندس اندازو آهي ته:

1. شيخ طاهر قصبه پات ۾ ڏهين صدي جي پي ڏهائي جي ڪنهن سال ۾ ڄائو آهي.
2. سندس وفات لاءِ به ڪڏهن 1003ھ ۽ ڪڏهن 1004ھ لکيو اٿس.
3. شيخ قاسر جهڙي شخصيت جو مدفن ۽ وفات جو هنڌ نه لکيو اٿس.
4. حضرت مسيح الاولياءَ جي ولادت لاءِ به 962ھ يا 963ھ لکي ٿو.

5- ملا حسن غوثي جو پنهنجي همعصر شخصن متعلق غير تحقيقاتي رويي جي شڪايت خود راشد برهانپوري "برهانپور ڪي سندهي اولياء" ۾ به ڪئي آهي. راشد لکي ٿو:

6- "ملا غوثي ان عهد جي بادشاهه ڪي هر جڳهه تي "علي عادل شاهه" لکيو آهي اهو سندس سهو نظر آهي. ان بادشاهه جو نالو راجي علي خان آهي. جيڪو 984ھ "عادل شاهه" جو لقب اختيار ڪري خانديس جي دارالسلطنت برهانپور ۾ تخت نشين ٿيو ۽ ان عرفيت سان ئي مشهور رهيو. علي عادل شاهه بيجاپور جو بادشاهه هو جيڪو فاروقي نه هو."

غوثي جو برهانپور اچڻ ۽ مسيح الاولياءسان بالمشافه ملاقاتن جي باوجود خليفه تاج العاشقين ڪي حضرت شيخ لشڪر محمد عارف جو خليفو لکي ويو آهي. ان قسم جي مغالطي ۽ غلط اندازن جو سبب تحقيقي معيار جو سطحي هجڻ آهي. ڪو شخص جيڪڏهن ڪنهن سان چند ملاقاتون ڪري ته ضروري نه آهي ته هو ٻئي متعلق صحيح معلومات به حاصل ڪري چڪو هجي.

7- حضرت مسيح الاولياءجي ڪجهه تصنيفن جا نالا گلزار ابرار ۾ ڏنا ويا آهن. پرانهن جي مڪمل فهرست ڏيڻ جو غوثي شرف حاصل نه ڪري سگهيو. بزرگ جي اوائلي دور جي هڪ تصنيف جو ذڪر ڪندي راشد

www.maktabah.org

برهانپوري افسوس وچان گلزار ابرار ۾ ان جي نالي نہ هجڻ جي شڪايت ڪئي آهي، هو وڌيڪ لکي ٿو:"هڪ رسالو وحدت الوجود جيڪو حضرت شيخ عبدالله بلياني رح حديث نبوي: من عرف نفسه فقد عرف ربه جي شرح ۾ عربي زبان ۾ تاليف ڪيو. ان جي فارسي شرح مسيح الاولياء پنهنجي مرشد جي ايما تي تحرير ڪئي، ۽ غالباً اها سندس پهرئين تاليف آهي. يعني حضرت شيخ لشڪر عارف بالله 993هـ جي زماني حيات ۾ واقع ٿي."

ان کان سواءِ به غوثي حضرت مسيح الاولياء ۽ سندس متعلقين سان وابسته اهم معلومات ڏيڻ کان قاصر رهيو آهي. شيخ يوسف جهڙي قدآور شخصيت کانسواءِ شيخ طاهر جي الاد جو ذڪر ۽ شيخ عبدالستار جي زادوبوم جي ٻئي اولاد جو احوال تہ درکنار نالا به نہ ڏئي سگهيو پوءِ ڪٿي اهي برهانپور ۾ هجن يا پاڻ ۾.

گلزار ابرار ۽ ڪشف الحقائق کانسواءِ هندستان جي ٻين ڪتابن ۾ به اهڙي قسم جون غلطيون موجود آهن. حيدرآباد دکن جي دائره المعارف العثمانيه جي شايع ڪيل هڪ عربي تذڪري "نزهة الخواطر" مطبوعه 1378ع ۾ "شيخ عيسيٰ بن قاسم السندي" جي باب ۾ سندس اولاد (ابناؤه) جو ذڪر ڪندي لکي ٿو: اخذ عنه ابناؤه عبدالستار وفتح محمد وبرهان الدين البرهانپوري واسماعيل بن محمود الشطاري السندي وخلق كثير" جا لفظ استعمال ڪيا آهن. ڪشف الحقائق جي منصف اسماعيل فرحي ۽ خليفه ومريد شيخ برهان الدين راز الهيٰ شيخ عيسيٰ جي فرزندن سان گڏ ڏيکاريا ويا آهن، جڏهن تہ برهانپور ۽ پاڻ ۾ موجود ٻئي اولاد جو ذڪر ئي نہ ڪيو ويو آهي.

اردو جامع انسائڪلو پيڊيا جنهن جي مترجمن ۽ مرتبين ۾ پير حسام الدين راشدي جو نالو به اچي ٿو.مطبع غلام علي پرنٽر لاهور به اشتراڪ موسسه مطبوعات فرينڪلين نيويارڪ جي جلد ثاني جي هڪ ئي صفحي تي "عيسيٰ جنداللہ" ۽ عيسيٰ برهانپوري به مختلف شخصيتون ڏيکاري انهن جو احوال الڳ الڳ ڪالمن ۾ هن طرح ڏنو آهي.

ترجمو.

عيسيٰ جنداللہ حضرت شيخ (962هـ -1031هـ) عيسيٰ برهانپوري شيخ (1554-1621ع)

سنڌ جو ممتاز صوفي بزرگ نون سالن ۾ | قادريه ۽ شطاريه سلسلي جي مشهور

www.maktabah.org

قرآن حفظ کیائین- چاچي شیخ طاهر محدث کان فقہ، حدیث، تجوید ۽ بین علمن ۾ تعلیم حاصل کیائین-ان کانپوء شیخ یوسف جي درس ۾ شامل ٿیو- پوء برهانپور هلیو ویو. ۽ حکیم عثمان بوبکائي جي درس ۾ شرکت کیائین- ۽ معرفت وعرفان جون منزلون طئہ کیائین ۽ مرشد جي ڳولا شروع کیائین، بالآخر شیخ لشکر محمد عارف جي ملاقات سان پاڻ اهو محسوس کیائین تہ کیس جنهن مرد کامل جي ڳولا هئي اهو شیخ لشکر محمد عارف ئي آهي چنانچہ هن ملاقاتن ۾ ئي مرشد کامل شیخ لشکر محمد عارف جي هٿ تي بیعت کیائین. مرشد جي ارشاد تي درياهہ تاپتي جي کناري هک چلو کیائین. سماع کي برو نہ چوندا هئو. هک عرصو درس وتدریس ۾ مصروف رهیو فارسي۽ عربي ۾ متعدد کتاب تصنیف کیائین جیڪي علمي دنیا ۾ اهم مقام رکن ٿا روضۃ الحسني، شرح اسماءِ الهي، عین المعاني، انوارالاسرار، رسالہ حواس پنجگانہ، شرح قصیده برده، حاشیہ براشاره غریبہ، کتاب انسان کامل رسالہ قبلتہ المذاهب، اربع معہ اشارات اهل تصوف، رسالہ غفور اهم تصنیفون آهن. پنهنجي حجره عبادت ۾ دفن آهي. خانخانان عبدالرحیم مزارتي گنبذ تعمیر کرایو.

صوفین مان هو. سندس وڏا تعلقہ سیوهڻ (سنڌ) جي هک ڳوٺ پاٽ جا رهاکو هئا. شیخ جي والد شیخ قاسم 1554ع ۾ سنڌ ۾ بدامنيءَ سبب ترک وطن کري ایلچ پور برار) ۾ اقامت اختیار کئي. اتي ئي شیخ عیسيٰ پیدا ٿیو. ۽ پاڻ پنهنجي چاچي ۽ بین استادن کان علوم رسمیہ جي تعلیم ورتي 1574ع ۾ برار جو نظم ونسق خراب ٿیڻ سبب شیخ عیسيٰ ۽ سندس خاندان برهانپورمنتقل ٿي ویو. هن شهر ۾ هن بزرگ شیخ محمدعارف جي هٿ تي بیعت کري خرقہ خلافت حاصل کیو. فارسي ۽ عربي ۾ سندس تصنیفن جو تعداد تیرهن آهي شیخ برهانپور ۾ وفات کئي نواب عبدالرحیم خانخانان سندس مزارتي گنبذ تعمیر کرایو.....

ان جي بر عکس سنڌ جا علمي ذریعا ۽ تاریخ نالي سان گڏ لفظ سنڌي

www.maktabah.org

لکي ان امر تي متفق نظر اچن ٿا تہ شيخ عيسيٰ جنداللہ جو زاد بوم پاڻ ئي آهي. سندس فرزند شيخ شهرالله آهي. مغل بادشاه اورنگزيب عالمگير سندس اولاد مان مخدوم عبدالواحد کبير پاڻائي صديقي کي شيخ عيسيٰ جنداللہ جي اولاد مان تسليم کندي شاهي فرمان جاري کيو ان فرمان جو انگريزي ترجمو ڊاڪٽر گربخشاڻي کيو جيکو شايع ٿيل آهي. پاڻ ۽ سيوهڻ جي صديقي خانواده جو شيخ عيسيٰ جنداللہ جي اولاد مان هجڻ هڪ ٻئي فرمان شاهي حڪمنائي مان بہ ثابت آهي. هي حڪم نامون شاهجهان بادشاه جو جاري کيل آهي.

انهن حقيقتن مان ثابت ٿئي ٿو تہ نہ صرف شيخ قاسم جي آخري آرمگاه پاڻ ۾ آهي بلڪ شيخ عيسيٰ ۽ سندس فرزند شيخ عبدالستار شيخ شهرالله ۽ شيخ عثمان جي جنم پومي بہ پاڻ ئي آهي حضرت مسيح االاولياءَ جا بہ حرم هئا جيئن تہ راشد برهانپوري بابا فتح محمد جي بيان ۾ تحرير کيو آهي تہ:

"مذکوره فرزندن کي پنهنجي ٻي گهرواريءَ سان مهرباني ڪرڻ جي ترغيب ڏيندي خود پنهنجو مثال پيش کيو تہ جيئن پنهنجي مادر عارضي (ماٽيلي ماءُ) سان حسن سلوڪ کندو رهيو آهيان توهان بہ ڪجو تہ منهنجي خشنودي، خدا ۽ رسول صلي الله عليہ وسلم جي رضا جا باعث ٿيندؤ".

سندس سڳي ماءُ جو اسم مبارک بي بي خديجہ هو. جيئن تہ عرس مبارک جي داخل ۾ اها ياداشت موجود آهي. حضرت بي بي صاحبہ والده بابا فتح محمد شايد اهائي شخصيت آهي. جنهن متعلق غوثي هڪ واقعو برهانپور پهچڻ ڪانپوءِ جو بيان کيو آهي تہ کيئن برهانپور پهچڻ ڪانپوءِ حضرت شيخ عيسيٰ جي دل هڪ حسين مظهر ڏي مائل ٿي.

راشد برهانپوري پاڻ بہ حضرت مسيح الاوليا جي عقدثاني جو قائل هو ۽ بابا فتح محمد جي ذکر ۾ مفتاح الصلواه جي وضاحت کندي حرفي اشارن جو تعارف هنن لفظن ۾ کيو اتس.

"فقہ ۾ مفتاح الصلواة کي هر دور ۾ قبول عام رهيو آهي هي ڪتاب فارسي زبان ۾ نماز جي فرضن واجبات ۽ سنن جي تفصيل تي مبني آهي. ڪنهن سنڌي بزرگ جي حرفي اشارن ۾ ٿي شعر مشهور هئا ۽ ايتريقدر مشهور هئا جو تعليم آفتہ ڳهرائڻ ۾ مستورات کي بہ ازبر ياد هئا. ۽ اهي اولاد کي ننڍپڻ ۾ ئي ياد

www.maktabah.org

ڪرائي ڇڏيندیون هيون. خود حضرت شيخ فتح محمد بہ اهي پنهنجي والده محترم (ويڳي سنڌي ماڻ) کان سکيا هئا جيئن مفتاح ۾ مذڪور آهي"

يقينن سنڌي بزرگ جا حرفي اشارن تي ٻڌل شعر جيڪي سنڌ جي عورتن ۾ مشهور هئا بابا فتح محمد پنهنجي سنڌي والده کان سکيا. جيڪا حضرت مسيح الاولياءجي منڪوحہ اول هئي. پاڻ سنڌ مان برهانپور لڏي اچي رهي هئي. جن لاءِ مقامي روايتن ۽ قلمي نسخن ۾ درج آهي تہ هو حضرت مخدوم عباس پاڻائي ثم هنگور جائي جي نياڻي هئي جنهن بزرگ جي وفات متعلق غوثي لکيو آهي تہ:

"هاڻي با استحقاق جا نشين ان مسجد ۽ حال جي مدرسي ۾ مسيح القلوب (شيخ عيسيٰ) آهي"

حضرت مسيح الاولياءَ شيخ عيسيٰ جو پهرئين ۽ ٻي منڪوحہ مان اولاد هن طرح ٿئي ٿو:

(الف) منڪوحہ اول جيڪا سنڌي هئي	(ب) منڪوحہ ثاني جيڪا برهانپور جي هئي
1. شيخ عبدالستار	1. شيخ عبدالرحمن عرف بابا فتح محمد
2. شيخ شهر الله	2. شيخ طٰہٰ
3. شيخ عثمان	3. شيخ هاشم
4. بي بي امتہ الرحمن	4. فاطمہ بي بي

مٿي بحث ڪيل واقعات ۽ حالات ڪانپوءِ اهل سنڌ جي اها دعويٰ درست معلوم ٿي ٿئي تہ (1) شيخ قاسم جي وفات پاڻ ۾ ٿي (2) شيخ عيسيٰ، شيخ عبدالستار، شيخ شهرالله ۽ شيخ عثمان جي زاد بوم پاڻ شريف ئي آهي، البتہ شيخ عيسيٰ پنهنجي چاچي شيخ طاهر وٽ تحصيل علم جي سلسلي ۾ ايرج پور اچي رهيو سندس طالب علميءَ جي دور ۾ شيخ طاهر محدث وٽ اچي رهڻ سوانح نگارن لاءِ مغالطي جو سبب بڻيو جو سندس زاد بوم ئي ايرج پور سمجهڻ لڳا. انهيءَ عرصي دوران شيخ عيسيٰ جو پنهنجي وطن مالوف اچڻ وڃڻ بدستور قائم رهيو. انهيءَ دوران ئي سندس پهرئين شادي ٿي. خوشحال مذهبي گهراڻن ۾ 12-13 سالن جي عمر ۾ شادي سنڌ ۾ ڪا عجيب ڳالهہ نہ آهي. پير حسام الدين راشدي "تذڪره مشاهير سنڌ" جي حواشيہ ۾ جيڪو شجرو حضرت مسيح الاولياء جو ڏنو

www.maktabah.org

آهي، تنهن ۾ مختلف پيڙهين جا سن پيدائش ۽ وفات ۽ پاڻ مقرر ڪيا اٽس ان مان ۽ اندازو ٿئي ٿو ته علم و عرفان جي جستجو ۽ ڏورانهن علائقن ۾ سالن جا سال اقامت سبب حضرت مسيح پنهنجي فرزند شيخ شهرالله جي ۽ نو عمري ۾ شادي ڪرائي ڇڏي. هي نيڪ فرزند پنهنجي پويان حضرت مخدوم حسن قاري ڇڏي جوانيءَ ۾ وفات ڪري ويو. ان پشت مان حضرت مسيح الاولياء جا صحيح صحيح جانشين، اجل علماءِ، شاعر، اديب، مفتي، قاضي، صوفي ۽ موجود دور ۾ ۽ اعليٰ تعليم تافتہ فرد پيدا ٿيندا رهيا آهن. جنهن سبب پاڻ کي هر زماني ۾ لازوال علمي شهرت حاصل رهي. موجوده دور کان شيخ عيسيٰ جند الله تائين ۽ ان کان اڳ جو شجروهر دور ۾ همعصر تحريرن انهن جي حواشين، شاهي فرمانن ۽ گزيٽيئرس مان تصديق ٿيندو آيو آهي.

حضرت مسيح الاولياءجي نو عمري ۾ عقد اول جو ثبوت سندس وفات کان پوءِ جلدي سندس فرزند شيخ عبدالستار جو طبعي عمر کي پهچي وفات ڪرڻ آهي. اندازو آهي ته شيخ عبد الستار ۽ شيخ شهر الله رمضان جي پيدائش وقت سندس عمر 20 سال يا ان جي لڳ ڀڳ هئي.

هن کان اڳ اسين حضرت مسيح الاولياء جي پهرين سنڌي منڪوم جي دليل ۾ بابا فتح محمد جي وصيحت نامہ ۽ مفتاح الصلواة ۾ ڏنل حرفي اشارن جي ضمن ۾ سنڌي والده کان سکيل شعرن جو ذڪر ڪيو. پر سندس هڪ ٻي تحرير ۽ ان ضمن ۾ روشن دليل جي طور پيش ڪئي ويندي آهي. بابا فتح محمد جڏهن پاڻ آيو ته ڪيترائي ڪتاب معدوده ۽ طريق هبہ پنهنجي پائيٽي مخدوم حسن قاري ابن شهر الله کي لکي عنايت ڪيا شرح الموافق جي آخري صفحي تي سندس تحرير غور طلب آهي. جيڪا المكتوب الحبيب قلميءَ ۾ درج آهي.

"شجر مبارک ۽ موا هر علما وامرا هندستان شرح آنکہ هذة شجرتہ اصلها ثابت و فرعهافي السماءِ وكتبتها مطابق لا صلها مائبت بمواهير المتدينين وسلمتها لابن اخي الشيخ محمد حسن القاري ابقاءُ الله تعالىٰ وهو ابن الشيخ رمضان وهو ابن ابي قطب الاقطاب الشيخ عيسيٰ الباتائي البرهانپوري وهو ابن الشيخ قاسم نورالله مرقده وهو ابن الشيخ يوسف" شيخ شهرالله رمضان پاتائي سان گڏ "ابن ابي" جا لفظ استعمال ڪري پاڻ سندس ماٽيلي هجڻ طرف اشارو ڪيو آهي.

بابا فتح محمد سنڌ جي مختلف شهرن، سيوستان، سن، پاٽ وغيره ۾ سايہ

www.maktabah.org

اصلي جي موسمي اختلاف جو عالم ۾ رخ متڻ ۽ انهن تبديلين جي اندازي جو تعين ڪري پاڻي جي فرق سان نماز جي اوقات جو نقشو تيار ڪيو ان کان علاوه ڪتاب مفتاح الصلواة سندن حيات طيبه ۾ ئي سنڌ جي مدرسن ۾ پڙهايو ويندو هو. اڄ به ان جا ڪئي قلمي نسخا مختلف خاندانن جي قديم ڪتب خانن ۾ موجود آهن انهن مان ڪجهه اهڙا به آهن جيڪي سڌا مصنف جي نسخي تان نقل ڪيا ويا آهن.

محترمه رضيه عباسي پرنسيپال هڪ مضمون به عنوان "Makhdoom Abdul Wahid Sewistani and his Ancestors" تحرير ڪيو. جيڪو شاهه ولي الله اڪيڈمي حيدرآباد جي انگريزي رسالي "Al-Hikma" شمارو 1964ع ۾ شايع ٿيو. ان ۾ محترم رقمطراز آهي.

"Baba Fateh Allah Alias Abdul Rahman was the son of Msih-ul-Auliya. he was the father of Makhdoom Abdul Wahid al-Kabir and great grand father of Makhdoom Abdul Wahid sewistan. His name is Abdul Rahman and kunyah Abdul al-Mmjad but he was well known by the title of fateh Muhammad so much so that his Kuniyah and name are unknown to many people this name Baba Fatah Allah was given to him by his father on account of great love for him, so much so that he even wrote a book and gave it the litle "Fateh Muhammad", Baba Fateh Muhammad was a great scholer and spiritual leader. He died in A.H 1080 at Madina and was buried in Jannat-ul-Baqi"

محترمه مضمون جي Footnote نمبر 23 ۾ لکي ٿي:

"See the old Ms. Leaves in the Sindh University Library"

ممڪن آهي بابا فتح محمد جو سنڌ ۾ عارضي قيام سندن لاءِ مغالطي جو سبب بڻيو هجي جو مخدوم عبدالواحد ڪبير کي سندس فرزند ڏيکاريو ويو آهي. مخدوم عبدالواحد ڪبير خانواده صديقي سيوهڻ ۽ پاڻ وارن جو جدامجد آهي. محترمه عباسيءَ جي چواڻي ته هي خانوادو حضرت شهر الله رمضان ابن شيخ عيسيٰ جنداللهه جي پشت مان نه بلڪ سندس ننڍي ويڳي پاءُ بابا فتح محمد جي نسل مان آهي محترمه عباسي تادم تحرير حيات آهن. بنده ڪائنس هڪ ملاقات ۾ هي اهم سوال ڪيو ۽ اهي اهم دستاويز ڏسڻ جو اصرار ڪيو. ليڪن پاڻ پنهنجي استاد علامه ڊاڪٽر عمر بن محمد داؤد پوٽه مرحوم جو حوالو ڏيندي چيو ته هڪ عرصو ٿيو اهي دستاويز هن مونکي ڏيکاريا هئا هي مضمون به مون سندس ئي رهنمائي ۾ لکيو هو. هيءَ غلط فهمي ممڪن آهي ان ڪري پيدا ٿي هجي جو حضرت مخدوم عبدالواحد ڪبير جي والد جو نالو به عبدالرحمٰن آهي ۽ بابا فتح محمد جو اصل نالو

www.maktabah.org

به عبدالرحمٰن ئي ٽکيو ويندو آهي.

مسيح الاولياء شيخ عيسيٰ
جندالله

شيخ عبدالستار | شيخ شهرالله | عبدالرحمٰن عرف بابا فتح محمد

مخدوم حسن قاري

شيخ عيسيٰ ثاني

مولانا محمود

مولانا عبدالرحمٰن

مخدوم عبدالواحد ڪبير پاڻائي

هڪ ئي نالي جو مختلف پشتن ۾ ڏهرائجن. اڪثر شجرن ۾ مغالطي جو سبب بڻبو آهي صديون گذرڻ بعد ياداشت جي بنيادتي ماڻهو وچ وارا ۽ الا وساري ويهن ٿا جنهن سان مغالطا جنم وٺن ٿا.

تعليق نمبر (10) صفحو 570

برهانپور مڌيا پرديش (هند) جو شهر جيڪو 11- 18 عرض البلد شمال ۽ 76- 12 طول البلد مشرق تي تاپتي درياهه جي اترئين پاسي واقع آهي. سندس تعمير ۽ ترقي ۾ وقت به وقت حاڪم حصو ونڊندا رهيا. 1141هـ / 1728ع ۾ نظام الملڪ آصف جاه اول درياهه وارو پاسو ڇڏي، باقي پاسن کان وڏي ديوار ڪٽائي هئي. جنهن جو اندريون رقبو اڏائي مربع ميل آهي. جڏهن ته پراڻي شهر جا آثار ديوار کان باهر به ڦهليل نظر اچن ٿا. هن شهر جو نالو هڪ بزرگ برهان الدين غريب جي نالي پٺيان مشهور ٿيو. شهر جو بنياد خانديش جي فاروقي خاندان جي باني نصير خان الفاروقي 801هـ يا ان جي لڳ ڀڳ ڪنهن سال ۾ رکيو. برهانپور جي قديم تاريخي عمارتن ۾ مبارڪ شاهه فاروقي ۽ راجي علي خان ملقب عادل شاهه فاروقي جا مقبرا وڏي شهرت رکن ٿا. مؤخر الذڪر جي 992هـ ۾ تعمير ڪرايل جامع مسجد ۽ تاپتي درياهه جي

www.maktabah.org

ڪناري واقع پراڻو قلعو اڄ تائين پنهنجا آثار ظاهر ڪيو بيٺو آهي.

پاڻ شريف (سنڌ) وانگر برهانپور (هند) جي عظمت ان مان ظاهر ٿئي ٿي جو مختلف دورن ۾ صوفين، بزرگن، عالمن، فاضلن، شاعرن ڏيهه پرڏيهه مان سفر ڪري هتي اچي ترسيا. جن مان حضرت مسيح الاولياءِ سندس چند رفقا جڏهن برهانپور اچي وسايو تہ ان جي شهرت اجا وڌي. شيخ برهان الدين غريب خليفو حضرت نظام الدين اولياءُ، حضرت شاهه ابوالعلا اڪبرآبادي، مير معصوم بڪري سنڌي انهن چند هستين مان آهن جن برهانپور سان تعلق رکيو. شاهان وقت تي نظر ڦيرائجي تہ اڪبر يارنهن مهينا برهانپور جي فتح لاءِ مصروف نظر اچي ٿو. اڪبر جي مقرر ڪيل گورنر خانخانا عبدالرحيم خان ٻاويهه سال برهانپور ۾ گذاريا. شهزادو خرم دڪن جي مهم تي پيءُ جي حڪم موجب پهتو تہ ڪچ عرصو اتي رهي پيو ۽ هتان فوج ڪشيءَ جي نگراني ڪندو رهيو. هتان جي عمارتن ۾ آهو خانہ، شهزادي نيلم جو مقبرو، خرم محل، محل گوهر آدرا ۽ بي شمار باغ ۽ آثار ماضي جي عظمت ڪي ظاهر ڪن ٿا. شاهجهان برهانپور ڪي "باب دڪن" ۽ "دارالعلوم" جو نالو ڏنو بلڪ ممتاز محل جڏهن برهانپور ۾ وفات ڪئي تہ ڪيس تاپتي درياهه جي ڪناري شاهي باغ ۾ بطور امانت دفن ڪيو ويو. پوءِ ان امانت کي تاج محل ۾ منتقل ڪيو ويو.

عظيم مغل شهنشاهه اورنگزيب عالمگير پنهنجي عمر عزيز جو هڪ وڏو حصو برهانپور ۾ گذاريو. هتي ئي پنهنجي ماسات سان شادي ڪيائين. پاڻ حضرت مسيح الاولياءَ شيخ عيسيٰ جندالله سنڌيءَ جي مزار تي حاضري ڏيندڙن مان آهي بلڪ هو حضرت مسيح جي خليفي برهان الدين رازالهي وٽ دعا لاءِ پڻ ايندو رهيو.

هي شهر ڪيترين صنعتن جو پڻ مرڪز رهيوآهي، هتي اوني سوتي ۽ ريشمي ڪپڙا خصوصاً نفيس قسم جي ململ جا ڪارخانا مغليہ دور ۾ بہ وڏي شهرت رکندڙ هئا. برار جي نظام درهم برهم ٿيڻ کان پوءِ والي برهانپور محمد شاهه فاروقي شيخ طاهر محدث سنڌي کي هتي اچي رهڻ جي دعوت ڏني. انهيءَ دور ۾ ئي حضرت شيخ عيسيٰ سنڌي مجازي عشق جو شڪار ٿيو، پهرئين خانداني شادي سنڌ ۾ ڪرڻ کان پوءِ برهانپور ۾ بي شادي ڪيائين، پر

www.maktabah.org

حضرت شيخ لشڪر محمد عارف جي صحبت ڪيس هتي مستقل رهڻ لاءِ مجبور ڪيو. سن 998هـ ۾ حضرت مخدوم عباس پاڻائي ثم هنگورجائي جي وفات کان پوءِ سندس سنڌ اچڻ جو اشارو ڪونہ ٿو ملي. البت سندس فرزندن، رفيقن عزيزن جو اچڻ وڃڻ بدستور جاري رهيو. ان جو ثبوت اهل سنڌ وٽ اهو نادر قلمي نسخو آهي، جيڪو 1035هـ ۾ ڪتابت ٿيو. ان جو نالو "غايتہ التحقيق شرح الڪافيہ" آهي. ان جو ڪاتب نصيرالدين روح الله بن بابوجي بن موسيٰ سنڌي آهي. هن پاڻ کي شاهہ عيسيٰ جنداللہ جو غلام ظاهر ڪيو آهي. ڪتاب جي آخري صفحي تي حضرت مسيح الاولياءَ جي شان ۾ هڪ شعر تحرير ڪيو اٿس. جنهن کي راشد برهانپوري، "برهانپور کي سندهي اولياء ۾ سوانح حضرت مسيح اولياءَ ۾ بيان ڪندي محمد قاسم فرشتہ ڏانهن منسوب ڪيو آهي، هو تاريخ مان ڪو مستند حوالو ڏيڻ کان سواءِ لکي ٿو:

محمد قاسم فرشتہ فرط ارادت سان چيو آهي تہ:

دو عيسيٰ است فرخنده درنسل آدم

يکي ابن قاسم يکي ابن مريم

جڏهن حضرت شيخ عيسي سنڌي ابن شيخ قاسم جي وفات حسرت آيات 1031هـ کان ڪجهہ سالن بعد 1035هـ جي مذڪوره تصنيف جي آخري ورق تي ڪاتب جيڪو پاڻ کي غلامان شيخ عيسي لکي ٿو ساڳيو شعر وڏي داهہ ڏوهہ ڪانپوءِ ساڳئي صفحي تي قلمند ڪري ٿو. اڃڻ هن ان وقت ئي اهو شير جوڙيو آهي ۽ سندس وزن بحر جي لفظن کي ڪٽي آخري شڪل ان صحفي تي ئي ڏني اٿس لکي ٿو:

دو عيسي است جان بخش درنسل آدم

يکي عيسي است بن قاسم دگر است بن مريم

وضاحت سان نہ ٿو چئي سگهجي تہ ڪاتب حضرت شيخ عيسيٰ جو سنڌ ۾ مريد ٿيو هو يا برهانپور وڃي غلامي جو شرف حاصل ڪيو هئائين. پر غالب گمان سندس سنڌ ۾ ئي مريد ٿيڻ جو آهي نہ تہ راشد برهانپوري سندس ذڪر ضرور ڪري ها. يقينن اهو شعر بعد ۾ برهانپور پهتو آهي.

بعض علماءَ صوفياء بعد ۾ بہ سنڌ مان ايندا رهيا ۽ سندس فيض

www.maktabah.org

صحبت مان مستفيض ٿيندا رهيا. بلڪ ڪيترن سنڌي واپارين شيخ عيسيٰ سنڌيءَ جي شخصيت سبب برهانپور سان تجارتي رابطا قائم ڪيا هنن بزرگن جي آباد ٿيڻ ڪري اهو محلو"سنڌي پوره" سڏجڻ لڳو. هن خانواده جي علمي شهرت سبب غير سنڌي به هندستان جي مختلف علاقن مان اچي هتي آباد ٿيا ۽ علم ادب ۽ تصوف جي شمع روشن ڪندا رهيا. اهوئي هن خانواده جو مقصد هو ته هتي رهي علم جي جوت جلائجي. سندن اسلاف به پاڻ شريف مرڪز هجڻ جي باوجود مختلف هنڌن تي وڃي اهو فرض ادا ڪندا رهيا ٿي. جهڙي طرح برهانپور ۾ رشدو هدايت جي مسند وڇائي وئي جنهن جو فيض ۽ برڪت سڄي هندستان ۾ محسوس ڪيو ويو.

جڏهن محلو سنڌي پوره انساني آبادي سان پرجڻ لڳو ته ان جي ويجهو "صحت ڪنوان" جي نالي هڪ ٻيو محلو آباد ٿيو جيڪو بعد ۾ نواب ابوالخيرخان جي نسبت خيرخاني مشهور ٿيو هتي نئين سنڌ مان آيل آباد ٿيا. جيڪي ڪپڙي جو، ڇپائي ڪرڻ جي فن ۾ ماهر هئا اڄ تائين سندن اولاد اتي آباد آهي ۽ ڪيترا ساڳئي ڌنڌي سان منسلڪ آهن. سندن دستڪاري منفرد حيثيت سان سڃاتي وڃي ٿي.

تعليق نمبر (11) صفحو 9ف5

مسيح الاولياءجو لقب حضرت عيسيٰ ڪي ڪنهن ڏنو يا ڪڏهن ڪان عام ٿيو. ان سلسلي ۾ گلزار ابرار يا ڪنهن ٻئي همعصر ڪتاب ۾ ان جي وضاحت نه ٿي ملي. المڪتوب الحبيب قلمي 1332هـ ۾ لکيل آهي ته:

"حضرت مسيح الاولياءاهو مرد عبادالله الصالحين مان مقرب الله العظيم هو جو ملفوظات خواجه سيد قاسم نقشبندي جيمان معلوم ٿو ٿئي ته سي ڪنهن مجلس معرڪ ذڪر قال الله قال رسول صلي الله عليه وسلم جيڏهن به حضرت امام رباني مجدد الف ثاني قدس سره جي معمور هئي ته انهيءَ هر ڪنهن وقت ۾ سندن درجه دهان گوهر افشان مان ڏاران لقب مسيح الاولياءَ جي ڇڙهو نالو شيخ عيسيٰ قاسم سنڌي جو نه ٿي زبان مبارڪ تي آندائون سبحان الله"

ساڳي طرح سندن هڪ ٻيو لقب جندالله پڻ آهي. جيڪو پير و مرشد شاه لشڪر جي نسبت هو. جند ۽ لشڪر مترادف المعنيٰ لفظ آهن. پاڻ اهو

www.maktabah.org

لقب حضرت شيخ لشكر محمد عارف جي حلقہ ارادت ۾ اچڻ کان پوءِ اختيار ڪيو. 982ھ کانپوءِ سندن ملاقات شيخ لشڪر محمد عارف سان ٿي جنهن کانپوءِ 998ھ ۾ حضرت مسيح الاوليا جي سنڌ ۾ موجودگي گلزار ابرار مان ثابت آهي. يقينن پاڻ انهن ڏينهن ۾ هتي آيل هئا. جڏهن سندن سهري ۽ چاچي حضرت مخدوم عباس پاڻائي ٿر هگورجائي وفات ڪئي. غوثي بعنوان ياد مخدوم عباس ۾ مائٽي سبب جانشيني جو ذڪر ڪندي سندس ٻيا لقب پڻ تحرير ڪيا آهن يعني "مسيح القلوب" ۽ "حبيب الله" جنهن سان گڏوگڏ سنڌ جي جملہ فضلا ۾ سندس فضيلت جو پڻ ذڪر ڪيو آهي.

تحفة الڪرام ۽ ان کانپوءِ "معيار سالڪان طريقت" ۾ سندس وطنيت سنڌ ڏيڪارڻ سان گڏ لقب جنداللہ پڻ ڇاڻايو ويو آهي. علي شير قانع "معيار سالڪان طريقت" ۾ رقمطراز آهي:

"شيخ عيسيٰ سندي، جنداللہ لقب مريد شيخ لشڪر محمد عارف."

تحفة الڪرام جا لفظ هي آهن:

"شيخ عيسيٰ سنڌي: لقب جنداللہ - شيخ محمد غوث گواليارِي جي خليفي شيخ محمد لشڪر جو مريد هو. شيخ برهان شطاري برهانپوري سندس مريد ۽ خليفو هو. سندس تصنيفات ۾تفسير انوار الاسرار مشهور آهي. پاڻ 1031ھ ۾ وفات ڪيائين. سندس فرزند شيخ عبدالستار فضيلت ڪمال ۽ عمده حال جو صاحب پنهنجي والد جي مسند ارشاد تي وينو ۽ وفات ڪري ويو."

تاريخ تحفة الڪرام ۾ شيخ عبدالستار جو ذڪر انهن مقامي روايتن ۽ قلمي مواد جي تائيد ڪري ٿو. جهن ۾ شيخ عيسيٰ جي هڪ ٻئي فرزند شيخ شهرالله جو عالم جوانيءَ ۾ وفات ڪرڻ جو ذڪر آهي. شيخ عبدالستار ۽ بابا فتح محمد ڪانسواءِ ٻئي نرينہ اولاد نياڻين ۽ همشيره جو ذڪر هندستاني تذڪرن ۾ نہ هڻڻ برابر آهي. پير حسام الدين راشدي تذڪره مشاهير سنڌ جي حواشيہ ۾ جيڪو شيخ عيسيٰ جنداللہ جو شجرو ڏنو آهي ان ۾ موجود پيدائش ۽ وفات جي سال مان اندازو ٿئي ٿو تہ شيخ شهرالله جوانيءَ ۾ ئي پنهنجي والد شيخ عيسيٰ جي حياتيءَ ۾ ئي وفات ڪري ويو. ۽ پنهنجي ينيان هڪ فرزند شيخ حسن قاري ڇڏيائين. جنهن جو اولاد سنڌ ۾ موجود آهي.

www.maktabah.org

حضرت مسيح الاولياءجي حيرت جو زمانو حضرت شيخ لشکر محمد عارف جي خليفہ ٿيڻ کان گهٽو بعد جو آهي جڏهن پاڻ فرزند شيخ عبدالستار جي همراهہ پنهنجي چاچي ۽ سهري مخدوم عباس جي وفات کان پوءِ مستقلا برهانپور منتقل ٿي ويا. پيءُ پٽ جي گڏجي برهانپور روانگي سبب ٻنهي جو نالو گڏگڏ تذکرة الکرام ۽ ٻين تحريرن ۾ شامل ٿي ويو.

مسيح الاولياء ٻنهنجي معرکتہ الارا تصنيف عين المعاني جي تمهيد ۾ هيٺين عبارت لکي آهي:

عيسيٰ بن قاسم بن يوسف بن رکن الدين بن معروف بن شهاب الدين المعروف الشهابي الجندي السندي الهندي البراري العشقي الشطاري القادري کہ ملقب بہ عين العرفا و مکني بہ ابوالبرکات است ميگويد (عين المعاني)

بزرگان دين جي اها روايت اکثر مشاهدي ۾ آئي آهي تہ ٻنهنجي نالي ۽ لقب کانپوءِ فورا ٻنهنجي زاد بوم جو ذکر کندا آهن. اهو ئي اصول عام بہ آهي. حضرت مسيح الاولياء بہ ٻنهنجو لقب الجندي لکڻ کانپوءِ فورا السندي لکي ٻنهنجي وطن جو ذکر کري ٿو. جنهن بعد الهند لکي ان ڏانهن سفر جو اشارو ڏئي برار ۾ ٻنهنجي چاچي وٽ ابتدائي علوم لاءِ ڇڪ عرصو رهڻ جي ڳالهہ کري ٿو. جنهن بعد ٻنهنجي طريقت جي سلسلن جو ذکر کيو ويو آهي. شيخ عيسيٰ جو ٻنهنجي والد جي وفات، نو عمري ۾ قرآن جي تعليم ۽ حفظ کانپوءِ ٻنهنجي چاچي وٽ برار ۾ اچي رهڻ ۽ کيترن ئي علوم ۾ مهارت حاصل کرڻ وارو زمانو غوثي لاءِ پڻ ان مغالطي جو سبب بڻيو جو هو سندس زاد بوم اهائي سمجهي ويٺو. ڇو جو انهي نوعمري جي زماني ۾ هن کيس اتي ڏٺو ۽ غلط فهمي جو شڪار ٿيو.

www.maktabah.org

www.maktabah.org

www.maktabah.org

www.maktabah.org

www.maktabah.org

گلزار ابرار غوثي حسن مانڊوي 1022ھ ڌاري مڪمل ڪيو. سندس فارسي ٻولي صوفياڻن نڪتن سان ٻريل آهي. مصنف پنهنجو مختصر احوال پڻ ڪتاب ۾ بيان ڪيو آهي. هن جو اردو ترجمو اذڪار ابرار جي نالي سان 1326ھ ۾ شايع ٿيو، اصل فارسي متن ڇاپي هيٺ ڪونہ آيو آهي. فارسيءَ جا قلمي نسخا ايشيا ٽڪ سوسائٽي ڪلڪتہ، آصفيہ حيدرآباد دڪن، بانڪي پوره، لينڊسينا ۽ برٽش ميوزم جي ڪتب خانن ۾ موجود آهن.

ايرج پور ۽ برهانپور ۾ سنڌ جي عالمن ۽ صوفين سان مصنف جي ملاقات سبب ڪيس هتان جي مشاهيرن جو تعارف ٿيو. سندس معلومات جو گهڻي ياڳي ذريعو برهانپور ۾ لڏي آيل حضرت مسيح الاولياء شيخ عيسيٰ جي خاندان جا فرد ۽ متعلقين معلوم ٿين ٿا حالانڪ بالمشافہ ملاقاتن جي باوجود غوثي کان ڪجهہ مغالطہ ۽ غلط فهميون پڻ ٿيون آهن. ويسر سبب ڪجهہ احوال غير مڪمل ۽ خلط ملط ٿيل پڻ محسوس ٿئي ٿو. اهڙي علمي ڪاوش جنهن ۾ سوانح حيات جيڪا ڪنهن هڪ بزرگ جي نہ بلڪ سوين بزرگن جي هجي تنهن کي غلطين کان بلڪل پاڪ رکجي سو ڪنهن طرح ممڪن نہ آهي. اهڙا ڪتاب چند نشستن ۾ ويهي مڪمل نہ ٿا ڪري سگهجن. مهينن بلڪ سالن جا وقفا ذهن ۾ ويندل تاثر، سن ۽ بدسڌ سبب احوال گڏ ڪرڻ ۾ خامين جو قوي امڪان رهي ٿو. جن کي اسان تعليقات ۾ درست ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. بيان ڪيل معمولي خامين جي باوجود هن ڪيترن ئي بزرگن جي نالن ۽ سوانح حيات جي مختلف پهلوؤن کي محفوظ ڪرڻ جو شرف حاصل ڪيو آهي. سندن ان ڪاوش جي قبوليت جو اندازو صديون گذرڻ بعد بہ ڪتاب جي اهميت مان لڳائي سگهجي ٿو.

ـ مخدوم سليم الله صديقي

www.maktabah.org